# وتايو فقير

مؤلف

ولي محمد طاهرزادو

المنعم لائبريري لاڙڪاڻو

# ڇپائيندڙ پاران

ڪل يوڳ ۾ مزاج سنڌي سماج ۾ ثقافت جو قديم دور ڪان اٽوٽ حصو رهيا آهن . تاريخ ڏسي ٿي تہ بنيادي طرح هڪ سگُهي ستابي ۾ پُر امن ديس هئڻ ڪري، سنڌي ماڻهو عام حالتن ۾ تہ زندگيءَ کي ان جي فطري رنگ يعني بي فڪريءَ ۾ گذاريو ٿي آهي، پر اُن انتهائي ڏُکين حالتن کي منهن ڏيندي بہ پنهنجي رهڻي ڪهڻيءَ کي خوش مزاجيءَ واري ڪيفيت ۾ جاري رکيو آهي. سنڌ جي سماجي زندگيءَ جو اهو تاريخي ورثو دربان، اوطاقن، ڪچهرين ۾ شادين مُرادين کان ويندي بازارن، هوٽلن ۾ مجلسن تائين مسلسل ڦهلبو رهيو آهي . سنڌي قوم جي سماجي زندگيءَ سان لاڳاپيل هي ادارا هميشہ لطافتن ۾ نزاڪتن جو حسين سنگم بڻيا رهيا آهن . انهن قديم روايتن تي نظر وجهندي، بهرحال اها ڳالهہ آسانيءَ سان محسوس ڪري سگهبي، تہ سنڌ جي سماجي زندگيءَ جو لازمي جُز بڻيل وڪرن يعني لطيفي، ٽوٽڪي، ٽوٽي توڙي ٽوڪ ۾ بئي جي دل ايذائڻ ۾ رنجائڻ وارو عنصر حاوي نظر نہ ايندو. ان جي اُبتڙ انهن مڙني عنصرن ذريعي زندگيءَ جي ڪڙائين کي لطافتن ۾ جذب ڪرڻ، تيز ۾ تُرش شخصي روين ۾ سُڌارو آڻن ۾ ڪل يوڳ ذريعي ڪڙيون سچائيون ۾ حقيقتون نروار ڪرڻ وارو لاڙو ڪجهہ سرس ئي نظر ايندو.

ويجهي ماضيءَ ۾ انهيءَ سنڌي روايت کي جنهن شخص پورڻتا جي پَدَ تائين پهچايو، تنهن کي عام طور ”وتايي فقير“ جي نالي سان ياد ڪيو وڃي ٿو . سنڌ جي ڏاڪڻين حصي سان لاڳاپيل سنڌي سماج جي هن انتهائي ذهين شخص وتايي فقير، پنهنجي روزاني زندگيءَ جي سرگرمين، ٻولن، خيالن ۾ لاڳاپن ذريعي جيڪي لوڪ ڏاهپ جا موتي ميڙيا آهن ۾ انتهائي سادگيءَ سان عقل جا عظيم تُحفا سنڌي سماج کي آڇيا آهن، تن جي آڏو اڄوڪي سنڌ جا نالي ۾ نهال ڪئين داناءَ دان ڪر ي سگهجن ٿا. چاڪاڻ جو عقل، تدبر ۾ خيال جي گهرائي فقط ڊگرين، لقبن ۾ مجلسي اعزازن جي محتاج نہ هوندي آهي، پر اُها تہ ڪنهن بہ انسان جي هڪ جهلڪ، ادا، چُرپر، جملي يا مُرڪ منجهان ئي پڌري ٿي پوندي آهي . انهيءَ تسلسل ۾ چئي سگهجي ٿو تہ سنڌ جي وتايي سان لاڳاپيل، نقل، چوٽيون، روايتون، ڪهاڻيون ۾ قصا رڳو ٽائيم پاس ڪرڻ جو سامان حاصل ڪرڻ يا سڪٽي ڏند ٽيڙ جو ڪاڄ ناهن، پر اُهي تہ انساني ادراڪ، تجربي، مشاهدي ۾ تجزيي جو اهو شاندار سنجوڳ آهن، جن جي ذريعي نہ رڳو ان دور جي ڪيترن سماجي، روحاني ۾ فڪري اهنجن ۾ آزارن جو علاج ٿي سگهيو ۽ ئو، پر وتايي جي نقلن ۾ موجود اعليٰ تدبر جي ذريعي اڄوڪي دور ۾ بہ سنڌ کي ڇُهتيل ڪئين موذي مرضن کان نجات ملي سگهي ٿي. اهوئي سبب آهي جو وتايي جو ٻُڌيءَ پريل ٻولن کي ٻُڌندي محسوس ئي نہ ٿو ٿئي تہ اهي پنج صديون پراڻي ڪنهن لوڪ ڏاهي جي اندر جو آواز آهن، بلڪ لڳي ٿو، تہ سندس ڪردار ۾ ڪهاوتون اڄ بہ اسان جي آسپاس موجود رهندي سچائيءَ کي منعڪس ڪري رهيو آهن . اوهان جي هٿن ۾ موجود هيءُ ڪتاب **سنڌ جو وتايو** پڙهندي محسوس ڪري سگهبو تہ عظيم ۾ سچا خيال پئي پراڻا نہ ٿيندا آهن.

جيتوڻيڪ **سنڌ جي وتايي** ۾ ڪئين نوان نقل ۾ احوال پڙهڻ لاءِ ملن دا، تڏهن بہ عين ممڪن آهي تہ هن ڪتاب ۾ ڪجهہ اهڙا نقل بہ اچي ويا هجن، جيڪي ورجاءَ جو باعث بڻجن، پر ان ڳالهہ ۾ شڪ ڪونهي تہ وتايي جي پاڙيسري ۾ جاڪوڙي ليکڪ جناب ولي محمد طاهر زادي پنهنجي هن سهيڙ ۾ ٻوليءَ، بيان ۾ واقعہ نگاريءَ جا ڪئين نوان روپ متعارف ڪرايا آهن . محترم مُرتب انتهائي سادي ۾ سُلوٽي انداز ۾ وتايي جي زندگيءَ، رهڻيءَ ڪهڻيءَ ۾ سندس ٻولن بابت نئين سر قلم ڪڻي، سنڌ جي هڪ امر ڪردار کي نئين نسل سان آشنا ڪرائڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي آهي . اُميد اٿئون تہ سندس اها ڪوشش پڙهندڙن وٽ مڃتا ماڻيندي ۾ سنڌي ادبي بورڊ جي طرفان شروع ڪيل نئين اشاعتي سلسلي جي هڪ اهم ڪڙي ثابت ٿيندي.

انعام شيخ

# وتايي فقير بابت روايتون

## الف: روايت[1]

سهڻا سخن جن جا، موتي ۽ الماس،
داتا ڏي تون دل ۾، تِن پاڪن جي پياس،
آڳا اندر منهنجي ۾، آهي اهائي آس،
لاهي اڄ اداس، سچن جي صحبت ڪاڻ.

اڄ اسين انهيءَ خدا جي ٻانهي جو ذڪر ڪريون ٿا، جنهن کي عام طرح وتايو فقير سڏيو ويندو آهي . اها حقيقت آهي تہ هيءُ جنهن نموني، رنگ ۽ ڍنگ ۾ رهندو هو، تنهن ۾ سيڪو ڪي س ٻالڪ پولو سمجهندو هو، پر الله پاڪ تہ هن سان انهيءَ پورڙائيءَ ۾ اهڙا پال ڪيا، جهڙا پنهنجن پيارن بندن تي ڪندو آهي :

الا، ڏاهي مَ ٿيان، ڏاهيون ڏک ڏسن،
مون سان مون پرين، پورائيءَ ۾ پال ڪيا! (شاه صاحب)

هيءُ درويش انهيءَ پورائيءَ جي ويس ۾ بہ ماڻهن کي اهڙا تہ سياڻپ جا نقطا ٻڌائي ڇڏيندو هو، جو سيني کي حيرت وٺي ويندي هئي . سندس نقل گهڻا مشهور آهن . انهن مان ڏسڻ ۾ ايندو تہ بظاهر هن جيڪي چيو آهي، سو کِل جهڙو آهي، ليڪن حقيقت ۾ ان ۾ وڏي نصيحت ۽ سبق سمايل آهي . افسوس آهي، جو اهڙي نيڪ ٻانهي جو ڪوبہ حقيقي تذڪرو اسان وٽ نہ آهي.
چون ٿا تہ وتائي فقير جا وڏا اصل ۾ هندو ڪتي هئا . جيڪي پوءِ مسلمان ٿيا، وتايو تاجپور شهر ۾ ڄائو هو، جتان ڪجھ وقت بعد سندس مائٽ لڏي اچي نصرپور ۾ وينا . جڏهن هيءُ وڏو ٿيو، تڏهن پٽس هن کي عمرڪوٽ مان مگايو. ان وقت ئي هن جو اهڙو نمونو هوندو هو، جو سڀ هن کي وَٽُو چريو سڏيندا هئا.
هڪ دفعي جي ڳالھ آهي تہ هيءُ گهمندو گهمندو وڃي عمرڪوٽ نڪتو . تڙ تي مايون پاڻي پري رهيون هيون . جي هن کي سڃاڻنديون هيون. انهن ۾ هن جي مگ بہ بيٺل هئي . ٻين زالن سندس مگ کي چيو تہ، ”تون وَٽُوءَ کي ڪيڪار، ڏسون تہ ڇا ٿو چوي؟“ جڏهن ڪيس سندس مگ ڪيڪاريو , تڏهن يڪدم چيائين :
”چريا ڪريا آهيون پر سڃاڻون سڀئي ٿا!“
ڪجھ وقت گذرڻ کانپوءِ وتائي فقير جي شادي ٿي ۽ هو پنهنجي وني وني نصرپور ۾ آيو.
سندس والد ميلهورام جيڪو پنهنجي روح ۾ موحد هو ۽ هن جو ڪار-وهنوار، ۽ اٿڻ-ويهڻ گهڻو مسلمانن سان هو. سو پنهنجي زال، پٽ ۽ ننهن ۽ آل اولاد سوڌو مسلمان ٿيو . سندس نالو شيخ غلام محمد رکيو ويو ۽ وتايو جنهن جو اصل نالو وتڻ مل هو، تنهن جو نالو شيخ طاهر رکيو ويو، پر سندس نالو وتايو جيڪو خلق جي زبان تي چڙهيو ۽ عام ٿي ويو.
ٻي روايت هيءَ آهي تہ پنهنجي پيءَ جي وفات کان پوءِ وتايو جنهن جو روح اصل ۾ واحد وارو هو، جيڪو ڪن ظاهري سببن ڪري ماٺ ۾ رهيو . سو پنهنجي ماءُ ۽ زال سوڌو مسلمان ٿيو ۽ سندس نالو شيخ طاهر رکيو ويو. پر جيئن تہ سندس اصل نالو وَٽُو مشهور هو، تنهن ڪري مسلمان ٿيڻ بعد بہ سندس نالو طاهر ماڻهن کان وسري ويو. ۽ هو وتوءَ بجاءِ وتايو سڏجڻ لڳو، جو اڄ ڏينهن تائين مشهور ۽ معروف آهي . هن جي تُربت ٽنڊي الهيار کان ٽن ميلن جي مفاصلي تي اُلهندي طرف آهي.

## ب: روايت[2]

صدقي ٿيان محــبوب تــوتان، مون سان ناتو نينهن اڙايو ٽئي،
ڏڱ گمراهيءَ وارو ڇڏائي، رستو صاف ونايو ٽئي،

چڱي هئي ڪا قسمت منهنجي، حاصل ٿي آ صحبت تنهنجي.
وٺي نٿي ڪا رغبت ڪنهن جي، جـا ڪون جام پلايو ٿئي.
حق جو مليو پيغام اندر کي، ياد نہ آيــو آرام اندر کي،
وٺي ويو آ اسلام اندر کي، ڪوڙو ڪفر ڇڏايو ٿئي،
آهين باغ حقانيءَ جو گل، ماڻڪ مـوتي خاص امل،
دم دم مست ”وتي“ سان ملي، مون کي مست بنايو ٿئي.

مٿئين شعر مان پانئجي ٿو تہ هن کي حضرت رسول ڪريم ﷺ جن جي زيارت نصيب ٿي هئي، تنهن ڪري پنهنجو اباڻو ڌرم ڇڏي مسلمان ٿيو ۽ مجازي عشق مان حقيقي عشق کي پهتو. فيض رباني سان پرپور ٿي ويو ۽ رڳ رڳ ۾ سندس داخل الاهي نُور ٿي ويو. هو سالڪ نہ رهيو پر مجذوب بڻجي ويو ۽ مجذوبن جي وات مان جيڪو ٻول ٻاهر نڪرندو آهي، سو درگاهہ ڌڻي سڳوريءَ ۾ قبول پوندو آهي، ڇو تہ مجذوب نہ ڪائڻ مان مزو وٺن ٿا، نہ وري عمدو لباس ڍڪين ٿا، جو نفس خوش ٿئي . وَتو فقير بہ نهايت سادي طبيعت رکندڙ هو، سادي خوراڪ ڪائيندو ۽ سادي پوشاڪ ڍڪيندو هو . سندس ٻول نصيحت جي نُقطا آهن . انهن جي پوري پروڙ تن کي پوندي، جيڪي سياڻا ۽ پڙهيل پختا آهن. باقي جيڪي ماڻهو نقل ٻڌي ٺهہ ٺهہ ڪري کلي کيرا ٿين ٿا، سي پوري مطلب کي نٿا پهچي سگهن.

جيئن تہ هڪ ولي الله پنهنجي مجلس ۾ چيو: ”مان ڪاوان ٿو جيئڻ لاءِ ۽ ٻيا جيئن ٿا ڪائڻ لاءِ.“ انهيءَ جو مطلب اهو فرق ٿو ڏيکاري، تہ ولي خدا جو رڳو ڪاڌو ايتري قدر ٿورڙو ڪائي ندو آهي، جنهن ڪاڌي جي طاقت سان رات يا ڏينهن عبادت الاهي ڪري سگهي . باقي ٻين جو جيئڻ رڳو ڪائڻ لاءِ آهي ۽ رڳو ڪاءُ ڪاءُ جو خيال اٿن . اهڙا ماڻهو جي پنهنجا پيٽ ڪاڌي سان پرپور ڪندا تہ نُور خدائي اندر ڪٿي ماپي سگهندو؟ ان ڪري خيال هلائي انهيءَ مطلب تي پهچڻ جي ڪوشش ڪريو، جنهن مراد تي وتايي فقير ڳالهايو آهي.

## 1. اگهاماڻو[3]

ڏهين صديءَ ڌاري سنڌ ملڪ منجهان سنڌو درياءُ ڇهن درياءُ ڇهن ڇاڙن ۾ ورڇجي وهندو هو . اُنهن ڏينهن ۾ سنڌ جو اُپرندو ۽ ڏاکڻو حصو بلڪل آباد سرسبز علائقو هوندو هو.

درياءُ لوهاڻي ۽ مُهراڻي جي وچ واري واديءَ کي ”سماواتي پرڳڻو“ ڪوٺيو ويندو هو. تنهن ٽاڻي سنڌ جا مکيہ ۽ وڏا شهر، وگهہ ڪوٽ، رتن ڪوٽ، قدم ڪوٽ، ڏيجي ڪوٽ، عمرڪوٽ، روپاماڙي، ساموئي ۽ ننگر ٺٽو هئا . لوهاڻي درياهہ تي مشهور بہ بند هڪ نصرپور ۽ ٻيو اگهاماڻو شاندار بندرگاهہ ليکبا هئا، اگهاماڻو شهر اٽڪل ٻن ميلن ۾ پکڙيل هو . هن جي آدمشماري ويهن پنجويهن هزارن کان مٿي هئي . هتي هر قسم جا ڪاريگر ۽ ڪاسبي رهندڙ هئا. هتي وڏن وڏن سيٺين ۽ شاهوڪارن جون ڪوٺيون ۽ ڪارخانا هئا. بندر هئڻ ڪري سماواتي پرڳڻي جو واپار ٻيڙين وسيلي درياهہ اُڪري سمنڊ پار ملڪن سان هلندڙ هو.

اگهاماڻي جي بندر تي وڏا وڏا گهاٽ ۽ ٽَڙ هئا، جتي ٻيڙين جون ٻهيرون ڏسڻ ۾ اينديون هيون . شهر ۾ هرهڪ ڌنڌي ۽ هنر وارن جون جدا جدا بازارون هيون، هزارين رپين جي روزانو ڏيتي ليتي ٿيندي هئي.

هت هڪ وڏي ديني درسگاهہ هئي، جنهن سان لڳ وڏي مسجد ۽ حجرا پڻ موجود هئا . ان جو مهتم هڪ خدا جو برگزيده ٻانهو عامل باشريعت مخدوم محمد اسماعيل سومرو هو . جنهن لاءِ سوچيو وڃي ٿو تہ ڪاٺياواڙ جي پاسي جو هو. هو سياح ۽ سيلاني هو ۽ جڏهن اگهاماڻي ۾ آيو تہ سنڌ جي آبهوا پسند آيس . هتي ديني درسگاهہ کولي وينو. هن درسگاهہ ۾ هر ديني مضمون فقہ، شرع، حديث، منطق، حڪمت، حساب صرف ۽ نحو تعليم ڪاڻ وڏا وڏا ناليرا اُستاد مقرر ٿيل هئا . ڪيترائي علم جي اُساٽ وارا ڪٿان ڪٿان کان کَهي هت اچي علم پرايئي پنهنجي علمي پياس اُجهائيندا هئا.

سمن جي صاحبيءَ ۾ جيڪي بہ مولوي، عالم، قاضي ۽ حافظ پيدا ٿيا، تن کي اگهاماڻ جي سَندُن، دستاربندين چوٽ چاڙهي ناليرو ڪري ڇڏيو هو.

## ج: روايت[4]

وتائي جي پيءُ جو نالو ميلهورام هو ۽ سندس اصل نالو وتڻ مل هو، جو پوءِ وتو مل سڏجڻ ۾ آيو. ساڳئي سمي عمرڪوٽ ويجهو مهراڻي درياهه تي رنگريز ۽ ڪنياتين جا ڪيترائي پاڙا رهندا هئا . جن سان ميلهورام پڻ ڪنياتي هئڻ ڪري گڏجي ڪم ڪندو هو . اُهي بگ، چُنيون، پيٽيون، اَجرڪون، دمچيون ۽ پڙا وغيره رڱي وڪڻي گذران ڪندا هئا ۽ اهو سامان مسلمان ئي هنڊائيندا ۽ اوڍيندا هئا . پري پري تائين سندن ڪم جو ناماچار هوندو هو.

اوچتو اهڙو ڦيرو آيو جو سندن ڌنڌو مانو ٺپ ٿي ويو . ڌڪار پيو ۽ اوائلي اپت ۾ ڪَتر پوڻ لڳي . پوءِ رڱاوت جو ڪم ڪندڙ ڪتري ٽڙي پکڙي ويا پر ميلهو رام خيال ڪيو تہ اسان ڪاڻ اگهاماڻو شهر بهتر ٿيندو . اتي مسلمان گهڻا تا رهن ۽ بندر هئڻ سبب مال جو اُڪلاءُ ٿيندو رهندو . چو تہ هتان جو ڏيساور سان واپار هلي ٿو . پوءِ هو ڪٽنب سميت لڏي اگهاماڻي ويو.

## 1. اگهاماڻي ۾ رهڻ [5]

اگهاماڻو، تہ درياهہ جي لڳ شهر هو، پر ان ڪان سڏ پنڌ تي هڪ پيرل نالي واهہ بہ وهندو هو . ان واهہ تي ماڻهن جا ٻہ ٽي گهر هئا، جي پَتڻ ڊوئي ڪندا هئا. ميلهورام پنهنجي ڌنڌي جي لحاظ سان پيرل واهہ تي رهڻ پسند ڪيو. هڪڙي وڏي ڪنديءِ جي وڻ وٽ ڪچيون جايون نهرائي رهيو . ساڻس گڏ سندس پٽ وتڻ مل عرف وَتو پنجن سالن جو ۽ پائيٽيو ستن سالن جو ياجائي ۽ سندس گهر واري گڏ هئا . سال ٻن ڪان پوءِ وَتوءَ ڪي عمرڪوٽ مان مڱايائين، جيڪو ظاهري طرح آلو پولو پيو لڳندو هو . ميلهورام خيال ڪيو تہ منهنجي هنر جو مال مسلمان چوڙين ۽ پائين ٿا، هت گهڻائي مسلمانن جي آهي . ڇوڪرا بہ پڙهڻ ڪان انڪاري آهن . هيءُ مدرسو مسلمانن ڪي تعليم ڏي ٿو، چونہ ڪٽي مسلمان ٿڪجي تہ سڀ آساني ٿي پئي، پوءِ گهر جي ڀاتين س ان صلاح ڪيائين، جن ڪيس وڏو ڄاڻي سندس چوڻ ڪيو ۽ ڪيس مسلمان ٿيڻ لاءِ ساڻس گڏ رهي مسلمان ٿيڻ ۾ خوشي ڏيکاري.

## 2. مسلمان ٿيڻ جو واقعو[6]

هڪڙي ڏينهن ميلهورا مخدوم صاحب جن جي ڪچهريءَ ۾ آيو ۽ پنهنجو دلي مقصد بيان ڪيائين . مخدوم صاحب جن خوش ٿيا. هن جي ڪٽنب ڪي جمعي نماز بعد بيعت وني مشرف با اسلام ڪيائين . اهو شايد 973هہ سال هو. ميلهورام جو نالو شيخ غلام محمد، سندس ياڻي جو نالو شيخ عالي ۽ وَتوءَ جو نالو شيخ طاهر عرف وتايو، مخدوم صاحب پاڻ رکيو. عربيءَ ۾ وطاءُ پيرن اگهاڙن سان گهمندڙ ماڻهوءَ کي چئبو آهي . ٻيو اسان جو سنڌي لفظ ”وتو“، جنهن ۾ پاٽي تا پيون، سو پڻ اصل ۾ عربي لفظ وطاءُ آهي . اسان وٽي ڪي جمني ڪونيندا هئاسين. مخدوم صاحب شايد اها ڳالهہ ڌيان ۾ رکي، هن مجذوب تي جنهن جا پَريندي پرڪار پڌرا هئا، پيرين اگهاڙو نالو رکي ڇڏيو . پوءِ سڀ شيخ سڏجڻ لڳا . شيخ غلام محمد پنهنجي رڱاوت جي ڌنڌي ڪي لڳو رهيو . ٻنهي ڇوڪرن ڪي مخدوم صاحب جي مدرسي ۾ پڙهڻ ڇڏيائين، پاڻ مخدوم صاحب جن وٽ فيض حاصل ڪرڻ لاءِ سومهاڻي نماز وٽن مسجد ۾ پڙهندو هو ۽ ساڻن ڪچهريون ڪندو هو . ٿورو پري پنڌ هئڻ سبب پنهنجي مسجد پنهنجي پاڙي ۾ پڻ نهرايائين. جتي باقي نماز جا وقت پڙهندو هو.

وتايو اگهاماڻي ۾ لڏي اچڻ وقت اٽڪل پنجن سالن جي ڄمار جو هو . ننڍپڻ ڪان ئي مستانو ۽ مجذوب پيو ڏسڻ ۾ ايندو هو. هن ڪي پيءُ مدرسي ۾ سوٿهنس شيخ ع اليءَ سان گڏ پڙهڻ ڇڏيو، پر پڙهڻ تي چاهہ ڪونہ هئس، تنهن ڪري ڇڙواڳ پيو هلندو هو، پڻس ڪي خيال ٿيو تہ منهنجي مرڻ ڪان پوءِ متان ماڻهو ڪيس وڏيڪ چريو ڪن، تنهن ڪري ڪيس مڱائي بہ ڇڏيائين . هوڏانهن شيخ عالي : ڪنز، قدري ڪافيہ ۽ ٻيا فقہ جا ڪتاب پڙهي قابل ٿيو هو. هن ڪي نصرپور جو قاضي ٿي رهڻ لاءِ وقت جي حڪومت جو پروانو مليو هو.

وتائي جي نہ پڙهڻ ڪري ۽ پٽس جي مري وڃڻ ڪري وتائي جي ماءُ کي ڏاڍو صدمو پهتو . ڪٽڻ ڪمائڻ وارو مري ويو هو. پٽ ۾ اهڙي اميد رکڻ عبث هئي . تنهن هوندي بہ پاڙي جي ملاح پاڻين کي منٿ ڪيائين تہ هن کي پٽڻ هاڪارڻ سيکارين ۽ پاڻ وٽ رکن، جيئن ٽُڪر پور جا سکيا ٿي پوَن.

هن کي مهاڻن پٽڻ ڊوئو ڪري رکيو، جيڪو ٽُول ملندو هوس، سو پاڻيءَ ۾ اڇلي ڇڏيندو هو . پڇڻ تي ٻڌائيندو هو تہ بيڙي هلي درياهہ جي پيٽ تي ۽ پئسا ڪٽو توهين ! آخر انهن بہ ڪيڏي ڇڏيس. ماڻس چيس تہ: ڪو تہ ڪر ڪر نہ تہ بک مري وينداسين. پوءِ هُو پيءُ جي گراهڪن وٽ ويو، انهن کان ڪو ڊينگلو ڇڏائي ڪٺائي آٽي درياهہ جي ڪپ تي، ڪوترائي رڪيائين ۽ ٻين کان ڏاند پني آيو . هُرلي ۾ ڏاند تہ ٻڌائين پر اڏ جو منهن ڦيرائي درياهہ ڏانهن ڪري ڇڏيائين. ڊگي وهڻ سان جيڪو پاڻي درياهہ مان نڪتو ٿي، سو موٽيِ وري وڃي درياهہ ۾ پيو ٿي . اِن نموني هُرلو (نار) هڪليندي ڪيترائي ماڻهو اچي وتايي جو رؤنشو ڏسي ڪلڻ لڳندا هئا . پر درويش کي انهن جي ڪلڻ جي پرواهہ ڪانہ هوندي هئي ۽ پنهنجو ڪم روزانو ڪندو رهندو هو.

جڏهن پوڪون پڪيون تہ خالي ٻوريون ڪٽي انهن هارين وٽ ويو، جن جون در ياهہ تي لهاريون پوڪون هيون ۽ انهن هارين کي چيائين تہ منهنجي پاڻيءَ جي حصي جو اَنُ ڏيو . هاري پڇڻ لڳا تہ ڪهڙو تنهنجو پاڻي هو؟ تہ انهن کي نڙنپ تي چيائين تہ توهين سُنهن قسم ڪٽو تہ منهنجي هُرلي جو پاڻي توهان جي ٻنين ڏانهن ڪونہ ٿي وهي آيو. هارين ڪلي هن کي ٻوري ڀوري اَنَ جي ڀري ٿي ڏني، پوءِ تہ پهاڪو مشهور ٿي ويو تہ "ڪهڙو وتايي وارو اُبتو چرخو پيو ڦيرائين؟"

اتي اگهاماٺي ۾، ڪيتريون ئي عجيب غريب ڳالهيون وتايي هٿان ٿيون هيون

## 3. اگهاماٺو ڇڏڻ[7]

وتايو ڪڏهن ڪڏهن جوش ۾ اچي ڪپڙا لاهي ڇڏيندو هو . ننڍو هو تہ ماڻس فقط قميص ۾ مدرسي موڪليندي هُيس. استاد ڪيس ٻاهر ويهاريندا هئا . خاص طرح مخدوم محمد اسماعيل جڏهن هن کي ڏسندو هو تہ آسمان ڏانهن پيو نهاريندو هو، ۽ خدا جو نالو وني الائجي ڇا ڇا پيو چوندو هو؟ طهريل ڪونہ هو . تنهن ڪري مخدوم جو هن کي اگهاڙو ۽ اڻ طهريل ڏنو تہ مسجد مان ڪڍي ڇڏيائينس، ڇو تہ هن جي مستاني هيٺ ڪري مائٽ اها رسم بجا آڻائي نہ سگها هئا.

مسجد کان نڪرڻ کان پوءِ پاراتو ڏيندي مسجد کي چيو، "خدا جو گهر ڪونائي مو ن کي اچڻ نٿي ڏين، باقي جلد ئي تو وٽ چبرا اچي واسو ڪندا." ٿيو بہ ائين مخدوم پاڻ جهٽ گذاري ويو ۽ مسجد ۽ مدرسو ڦِٽي ويو. اڄ بہ اتي چبرن جا آستانا موجود آهن.

جڏهن شيخ عالي نصرپور ۾ قاضي ٿيو تہ هو ماءُ کي وني نصرپور ۾ اچي رهيو، پر وتايو قاضي عاليءَ سان گڏ نہ رہ يو. هو ملڪ جي سير سفر تي نڪري پيو . ڪيترن ئي شهرن ۾ ورهين جا ورهيہ رهيو . جڏهن ڇِڪ ٿيندي هيس تہ ماءُ کي اچي ڏسندو هو ۽ جيڪي ملندو هوس، سو ماءُ کي آٽي ڏيندو هو.

## 4. وتايي جو مرڻ[8]

چون ٿا تہ وتايو ٿن هنڌن تي مئو . اول ڳوٺ پسنديءَ جي دڙي تي . جتي ڪن هندن ۽ مسلمانن ۾ جهيڳڙو ٿيو، اُتي هن کي سنياسي فقير سمجهي هندن ساڙڻ جي ڪوشش تي ڪئي ۽ مسلمانن دفن ڪرڻ جي ارادي سان فقير کي ٿي ڪنيو. هنن جي ڳوڙ تي وتايو اٿي ڪڙو ٿيو. چيائين تہ هت بہ نہ مئاسين!

بيو دفعو شيخ پرڪئي لگ گس تي مئو پيو هو. اتان کي ڏراڙ چوڪرا مال چارڻ لاءِ مال هڪلي وڃي رهيا هئا. اڳيان ڏنائون تہ ماڻهو مئو پيو آهي . متان مال نہ لتاڙيس، سو تنگن ٻانهن کان جهلي گهلي پاسيرو ڪري ڇڏيائونس. اتان فقير اٿي هيئنءَ چوندو ويو:

[9]"سڌ پئي مُئاسون، تنگن ٻانهين ڪنياسون، پر هت بہ نہ مئاسون."

ٽئين پيرو واڳونءَ ڏر وٽ لوهاٽي درياهہ جي ڪپر تي مئو پيو هو، تہ ڪي عورتون اتان اچي لنگهيون، جن سمجهيو تہ ڪو چريو ٻڏل ٿو ڏسجي، درياهہ جي چولين ڪپر تي اڇلي ڇڏيو اٿس . پوءِ هڪڙي ٻانهن ۾ هٿ

وجهي چيو تہ ناٽڪو (ساهہ ) هليس پيو. تنهن تي اُتي گڏهہ جي لِڏ ميڙي، ڏکايُي ان جي دونهين جو واس نڪ ۾ ڏنائونس، تہ فقير اٿي ڪڙو ٿيو. چيائين عجب آهي! ڪالهوڪي مئل ڪي لِڏ جو واس ڏئي اڄ ڪٽي اٿاريو اٿوَ؟

[10]هاڻ هلون ٿا اڳتي: پڇاڙيءَ جو اٽڪل ستر پنجهتر ورهين جي عمر جو ٿيو تہ سندس سئوٽ شيخ عالي، جو ڪانئس گهڻو اڳ گذاريو هو، ۽ عمر ۾ بہ ڪانئس وڏو هو، تنهن جي قبي تي مجاور ٿي اچي وينو . هڪڙي ڏينهن فجر جي نماز پڙهڻ لاءِ پير واري ڪڙيي مان وضو ڪرڻ لاءِ ڪپ تي ويو تہ پير ترڪي ويس، ڪڙيي ۾ ڪري پيو ۽ ٻڏي مري ويو . ماڻهن کي تمام دير سان خبر پئي . پوءِ پاٽيءَ مان ڪڍي سينگاري پڪاري شيخ عاليءَ جي قبي جي در سامهون ڏهاڪو کن وِکن تي ايرندي ڏانهن دفن ڪيائونس . هن وقت مٿس چوڪندي ٺهيل آهي.

---

[1]. وتايو فقير چپايل محمد اسماعيل عرساڻي ۽ الهہ بخش خان ٽالپر جو.

[2]. وتايو فقير حافظ بدر الدين ولد غلام علي ساڪن علي خان واصل تعلقو ڳڙهي ياسين.

[3] موجوده اگهاماڻو ماتلي تعلقي ۾ آهي

[4]. نالا ۽ ڪجهہ احوال مينگهراج مالهي عمرڪوٽ واري کان مليا. (مؤلف)

[5] انهيءَ ڪنڊي جو ٿُڙ اڄ تائين موجود آهي. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب جي ڄاڃ موجب. (مؤلف)

[6]. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ سان 22- مارچ 1957 ع تي اگهاماڻي جي مجاور مخدوم غلام نبي ڳالهہ ڪئي. (مؤلف)

[7]. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي تحقيق موجب ان مسجد جا بنياد اڃا توڻي اُتي موجود آهن. (مؤلف)

[8]. دڙو اگهاماڻي کان الهندي ٽن ميلن جي مفاصلي تي آهي.

[9]. اها واڳون ڍَر، جنهن ۾ واڳون رهندو هو . هاڻي هڪ وڏو ڳوٺ آهي، تعلقي ٽنڊي الهيار ۾ ڪوڪرن جي ڳوٺ کان بہ ميل ڏکڻ الهندي طرف آهي. (مؤلف)

[10]. شيخ عالي، جنهن کي شيخ "ٺهندڙو" بہ چون ٿا. ان جو قبو حيدرآباد ميرپورخاص واري رستي تي ٽنڊوالهيار کان ٺي ميل طرف آهي. قبي لڳ وسندڙ آبادي پڻ آهي. (مؤلف)

الف: تحفت الڪرام ص 262.

باب پهريون

# ڪرامت جا ڪلام

الف: وتايو ڪامل مجذوب، سنڌ جي مجذوبن ۾ وڏيءَ معرفت وارو ٿي گذريو آهي . مخدوم واعظ ڪان روايت آهي: ”وتايي هڪ ڀيري چيو ته شريعت، طريقت جي زير ناف آهي . جهڙي طرح مرد لاءِ زير ناف بلوغت جي نشاني آهي. ساڳي طرح شريعت جي پابندي سالڪ ماڻهوءَ کي طريقي جي راهه ۾ بالغ بنائي ٿي.“

ب[1]: ملا محمد: جڏهن جهانگير بادشاهه جي سڌ تي ساڻس ملڻ ٿي ويو ته رستي ۾ وتايو فقير مليس، جنهن کان دعا گهريائين. هو مسڪين حال ۾ هو، پوءِ علمي ڪمال حاصل ڪيس ۽ نورجهان بيگم جو استاد مقرر ٿيو.

ج: چون ٿا ته هڪڙي ڏينهن ڪو ماڻهو مڪليءَ تي زيارت ڪرڻ لاءِ پئي ويو . هوڏانهن وتايو مجذوب ٽڪريءَ تان موٽيو پئي آيو. ٻيو مجذوب ٽڪريءَ ڏانهن پئي ويو. وتايي ان ٻئي مجذوب کي چيو ته ڪيڏانهن ٿو وڃين؟ اڄ مخدوم حمزو گذاري ويو آهي. جناب سيد المرسلين ﷺ سندس جنازي جي نماز پڙهڻ واسطي تشريف فرما ٿي رهيا آهن، پاڻ امامت ڪندا . هل ته پاڻ به هلي پهچون . هن ويندڙ ماڻهوءَ ڳالهه ڪئي ته انهن مجذوبن جي ڳالهه ٻڌي آءٌ به سندن پٺيان شهر ۾ آيس ۽ اچي ڏٺم ته برابر مخ دوم حمزو گذاري ويو آهي . آءٌ سندس جنازي نماز پڙهڻ لاءِ صف ۾ بيٺس . صفون سڌيون ٿيون ته هو ٻئي اڳينءَ صف ۾ وڃي بيٺا . امام جي تڪبير چوڻ کان اڳ هڪ تڪبير غيب مان ٻڌڻ ۾ آئي.

د: وتايو فقير سَير ڪندي، هڪ ڏينهن لنواريءَ جي شهر وڃي نڪتو . هڪ مسجد وٽان لنگهندي ڏٺائين ته شيخ گل محمد نماز پڙهي، ٻين جماعتين سان گفتگو وينو ڪري. سندس پُٺا اگهاڙا هئا. وتايي، اندر گهڙي شيخ کي پٺن تي چمي ڏني. ماڻهن پڇيس ته درويش ڇا ڏٺئه؟ چيائين ته هن پُٺ مان هڪ گل پيدا ٿيندو، جنهن جي سڳنڌ، جڳ واسي ڇڏيندي. ٿيو به ائين شيخ صاحب کي مخدوم محمد زمان لنواري وارو پيدا ٿيو، جنهن لاءِ شاهه لطيف چيو آهي:

مون سي ڏٺا ماءِ، جنين ڏٺو پرينءَ کي،
تني سندي ڪاءِ، ڪري نه سگهان ڳالهڙي!

## 1. مون پڳڙا تڏهن ٿي ڪاڏا جڏهن ملان هليو ٿي ويو

هڪڙي ڏينهن مسجد جي امام وتايي کي چيو ته نماز جي مهل آهي . جمعي جو ڏينهن سڳورو آهي، هلي نماز پڙهه. وتايي فقير کي ڪنهن ڪاٺ واسطي پڳڙا ڏنا هئا، جن جا ڦڪ پريندو پئي ويو . امام جي چوڻ تي سڌو مسيت ۾ هليو آيو. صفون ٻڌيون ته هيءُ به هڪ صف ۾، جهولي پڳڙن سوڌي جهلي، نماز پڙهڻ بيٺو . هر هر هيڏانهن هوڏانهن ڏسيو، پڳڙن جي لپ وات ۾ هنيو، وري ماٺ ڪريو نماز پ ئي پڙهيائين. جڏهن نماز پڙهي فارغ ٿيا ته ماڻهن چيس فقير، تنهنجي نماز ڪانه ٿي ! تو نماز ۾ پڳڙا پئي ڪاڏا. وتايي چين ته مون ان وقت پڳڙا ٿي ڪاڏا، جيڏي مهل امام هليو ٿي ويو. هنن پڇيو ته امام ڪيڏانهن ٿي ويو؟ هُو ته نماز پڙهائي رهيو هو. وتايي چيو ته پڇي ڏسوس ته پهر ين ڊڳي ڳولڻ جي ويچار هيٺ هو ۽ پوءِ ڳاهه هٿ ڪرڻ لاءِ پئي ڊوڙيو . جڏهن اُتان خيالن موٽ ٿي ڪاڏس ته نماز ٿي پڙهيائين . ماڻهن مُلي ڪان پڇيو، جنهن چيو ته برابر مون کي نماز ۾ به ڀيرا اهڙا خيال آيا هئا.

## 2. ٻيڙيءَ جهل ته آئون لهان...

هڪڙي ڀيري وتايو هِن پَر اچڻ لاءِ درياهه جي پَرينءَ ڪنڌيءَ تي اچي وينو ته پتڻ اچي ته چڙهي وڃان . ڪجهه وقت کان پوءِ پاتڻي آيو ۽ پتڻ پري جڏهن هلڻ هارڪو ٿيو ته چيائين ”هاڻ آسرو الله جو.“ هن جو ايترو چوڻ ۽

وتائين جو جوش ۾ اچي چوڻ: ”اڳ تنهنجيءَ ماءُ جو.“ بيڙي جهل ته آءٌ لهان. هو ٽپ ڏيئي لهي پيو. ساٿس گڏ ٻه ٽي ٻيا ماڻهو به لهي پيا. فقير کان پڇيائون ته چو لٿو آهين؟ هن چيو ته هن مورک مهاڻي کي ڪابه سُڌ ڪانه ٿي پوي. جنهن جو نالو ورتو اٿس، درياهه ۾ ته ٻيڙيون اهوئي ٻوڙيندو آهي، ٻيو ڪو مهاڻي جي ابن ڏاڏن ڪونه ٿي ٻوڙيون. هاڻي وينا مزو ڏسو. اها ٻيڙي جڏهن وچ سِير تي پهتي ته ڦيريون ڪائي ٻڏي ويئي.

## 3. پهتا وتائي تائين ڪونه، يڪدم الله کي ڪيئن رسيا

ٻيڙيءَ مان لٿل ماڻهن وتايي کي چيو ته هاڻ ڳوٺ ڪيئن پهچبو؟ وتايي چيو ته پهچڻ تمام سولو آهي. هنن چيو ته ڪيئن؟ وتايي چيو ته توهان کي آءٌ ڪنيڙاتين کان تو جهليان، پاڻي مٿان هلنداسون، توهان سمورو وقت ”وتايو وتايو“ ڪندا هلجو. اميد تي پرينءَ پر پهچي ويندڻاسون. اها ڳالهه انهن قبول ڪئي. وتايي ٻنهي کي ٻاڏوءَ کان پڪڙيو. هو وتايو وتايو ڪندا هليا ۽ وتايو الله الله ڪندو پاڻيءَ مٿان پئي هليو. اوچتو هنن کي خيال آيو ته ٻُڌون ته سهي، وتايو ڇا چوندو هلي. سو ماٺ ڪري ٻڌائون. وتايون ته الله الله ڪندي پئي هليو. پوءِ دل ۾ آين ته وتايو الله پيو ڪري ته چونه اسين به الله الله ڪريون. اجان ايترو چيائون ته ٻئي ڳوڙا ٿي پيا. وتايي منجهائن ڪٽي هٿ ڪڍيا ته ماڳهين ٻڏڻ لڳا. ان تي وتايي چيو ته پهتا وتايي تائين ڪونه يڪدم الله کي ڪيئن رسيا!

## 4. سيوهاڻي جي چٽي، وتائي تي آئي!

هڪڙو ايراني سپاهي قسمت سان سنڌ ۾ بيمار ٿي پيو ۽ رهجي ويو. ٻيا سندس سنگتي پنهنجي ملڪ هليا ويا. سپاهي جڏهن چاق ٿيو ته نه وٽس سمر هو، نه سواري. سو لال قلندر شهباز تي چِلو (چاليهو) ڪڍي ويهي رهيو ته مون کي پنهنجي ملڪ اماڻ. رات ڏينهن اها لوري لڳل هيس. هڪ ڏينهن اشارو مليس ته وتايي فقير کي ڳولي وڃي لهه. اهو ڪم ان کان ٿيندو. سپاهي اٿي پڇائون ڪرڻ لڳو. نيٺ فقير کي ڳولي لڌائين. چنبڙي پيس ته مون کي خدا جي واسطي ڳوٺ موڪل. فقير آني ڪاني ڪئي، پر هن چيو ته مون کي پُختو ڏس مليو آهي. آءٌ ڪونه ڇڏيندوسانءِ. فقير ماٺ ۾ رهيو. سپاهي به ايلاز منٿون ڪندو رهيو. هڪ ڏينهن ٻيني ٻيني سپاهي کي سڏ ڪيائين ته هلو آءُ! سپاهي پر ۾ اچي ٻيٺس. چيائينس ته تنهنجو ساڄو پير منهنجي ساڄي پير مٿان ۽ کاٻو پير کاٻي پير مٿان رکي، ٻانهون سڌيون ڪري اکيون پوري ڇڏ. سپاهيءَ ائين ڪيو. فقير ٻيني ٻيني دونهين جو واچوڙو ٿي ويو. گهڙي سوا کان پوءِ انهيءَ هنڌ تي ظاهر ٿي بينو. پڳهر ۾ شرم، دز مٿس چڙهيل. ٿڪل ماڻهوءَ وانگر ڏسڻ ۾ پئي آيو. اتي وينلن پڇيس ته فقير ڏي خبر؟ چيائين ڪهڙي ٽا خبر پڇو. ”سيوهاڻي جي چَٽي، وتائي تي آئي.“ گهٽو پري وڃي نڪتا هئاسين.“

## 5. هيڏانهن اٽو ڪونهي، هوڏانهن بادشاهي ڪٽي؟

هڪڙو غريب ماڻهو هو. جنهن کي گهر ۾ پوري ٽُوڻ به ڪانه هئي. زال زور رکيس ته ٻن ڏينهن کان گهر ۾ ڪَٽو ڪونهي، جو ڪٽي چڪون. وچ ڪتان اٽي جي لپ چڏائي اچ ته ڪا اکو ڦلو ڪريون، نه ته مري ويندٖاسين. همراهه خالي ٿَسُ ڪٽي گهر کان ٻاهر نڪتو ته سامهون وتايو گڏيس. ان کي ويجهو وڃي چيائين درويش، بک تا مرون. اچ ته تون مون تي مهر ڪر. وتايي چيس ته مون وٽ ڇا آهي جو توکي ڏيان؟ ڏيڻ وارو پاڻهي ڏيندءِ. هن چيو ته اچ ڏينڊئي منهنجو هانءُ تو ۾ هِڇي ويو آهي. بس سمجهان ٿو ته توکان سواءِ ڪو ٻلو ييٽي ڪونه ٿيندو. اهو ٻڌي فقير پنهنجي لٺ مٿي ڪري ڪُلهي سامهون سڌائيءَ ۾ جهلي ۽ هن کي چيائين ته پاٺ اتي رکي. هِن لٺ هيٺان لنگهي هُن پاسي ٿيءُ. هُن ائين ڪيو. ٻئي پاسي ٽيڻ سان ڇا ٿو ڏسي ته هڪڙو وڏو ڪٽڪ ڪنهن جي انتظار ۾ بيٺو آهي. هنن سان خوشيءَ جو سامان گڏ آهي. هڪڙو گهوڙو پنج سنجيءَ سان سنجيل آهي. چٽ پيو ڦِري ڏُهل دماما، شرنايون قرنايون پيون وڄن. گلن جي هار ڪٽيو بينا آهن. هيءُ جو هُن پاسي ٿيو ته سڀ ڦري آيس، هارَ ڪٽي وڌائونس، گهوڙي تي چاڙهي سرگس ڪري، نچندا ٽپندا اچي شهر ۾ مرحلات اندر لاٿائونس، پوءِ

هڪ شخص اڳيان اچي بيٺس، جنهن چيو ته آءٌ هن ملڪ جي بادشاهه جو وزير آهيان . جي ڏينهن ٿيندا ته هتان جو بادشاهه بنا اولاد مري ويو آهي . مرڻ وقت وصيت ڪيائين ته منهنجي بادشاهيءَ لاءِ اهڙو ماڻهو مقرر ڪجي، جيڪو بلڪل ٻاهرئُو هجي ۽ ٽن ڏينهن اند ر هن شهر ۾ پيير وجهي، پر جي ڪو ٽن ڏينهن اندر نه اچي ته پوءِ توهان جنهن ڪي مناسب سمجهيو، تنهن ڪي حاڪم ڪجو . سو اسين هر روز سرحد وٽ اچي ويهندا هئاسون ته ڪو ٻاهريون ماڻهو اچي ته بادشاهه بنايونس . ٻن ڏينهن ۾ ته ڪير ڪونه آيو، اج ٽيون ڏينهن آهي، تون آيو آهين . هاڻ توُن اسان جو بادشاهه ۽ اسين تنهنجي رعيت آهيون . هي تخت، هي محلات، هي راڻيون، ٻانهيون، نوڪر چاڪر، گهوڙا ٻيڙا اڄ کان وٺي تنهنجي حوالي ۽ تنهنجي حڪم هيٺ آهن.

پوءِ وٺي آڻي تخت تي ويهاريائونس . شادمانا ٿي ويا مجرا پرجڻ لڳا . امير وزير تحفا، سوغاتون پيش ڪرڻ لڳا . جڏهن جشن پورو ٿيو ته بادشاهه محلات ۾ آيو . راڻيون، ٻانهيون قطارن ۾ بيهي سلامي پرڻ لڳيون . مطلب ته ڏاڍو خوش ٿيو . ڇا هو، ڇا مان ڇا ٿي پيو؟ پورا پنج سال حڪومت هلايائين، عيش عشرت ڪيائين . تنهن کان پوءِ ڪو سوداگر تمام ڀلا گهوڙا ڪاهي هن جي ملڪ ۾ وڪڻڻ واسطي آيو . بادشاهه پاڻ گهوڙا ڏٺا، ڏاڍا وڻيس. حڪم ڪيائين ته هڪڙي گهوڙي تي سنج وجهو ته آءٌ سواري ڪري ڏسان . گهوڙي تي سنج پئجي ويا . سَئِسن بادشاهه کي گهوڙي تي سوار ڪيو . بادشاهه لغام ڇڪيو، گهوڙو نرا ڪڏي مٿي اُڀريو ۽ ڦيرائي ڦيرائي بادشاهه کي ڪڏي پَٽ سان هنيائين . ڪِريو ته سندس هينا ن نِڪر جي پاٺ پڃي پرزا پرزا ٿي پئي . وتايو لٺ سنئين سڌائي ۾ جهليو بيٺو هو . هن ڪِرڻ سان وتايي جي منهن ۾ نهاري سڄاتو ته هيءُ ته وتايو فقير بيٺو آهي . ان کي ڏسي پڇيائين ته فقير منهنجي بادشاهي ڪيڏانهن وئي، منهنجيون راڻيون ٻانهيون ڪيڏانهن ويون؟ آءٌ هت ڪيئن آيو آه يان؟ فقير چيس ته عجيب انسان آهين ! لٺ جي هُن پاسي آهين ته چوين ٿو ته منهنجي بادشاهي ڪيڏانهن وئي ۽ جڏهن هِن پاسي آهين ته گهر ۾ اَٽو ڪونه هئي. مانڙي ڪري وڃي اٽي جي پَٽ سٽ ڪر!

---

ب:تحفت الڪرام ص547.

ج: تحفت الڪرام ص550.

د: مشاهير لنواري، ڪتاب اردو.

## باب ٻيون

# ساريءَ سنڌ ۾ ساڳيا ئي چُٽڪا تا چئجن

### 6. مولا ڪنن واري مار!

وتايي فقير هڪ ڍڳي ڌاري هئي . ان جو گاهه پَنو پاڻ ڪندو هو . رات جو جڏهن گاهه ڍڳيءَ کي ڏيئي وڃي سمهندو هو تہ پاڙي واري جي گڏهہ الائجي ڪيڏي مهل اچي گاهه کائي ويندي هئي، يا گاهه مٿان مُتي ويندي هئي. گڏهہ جو ڪاڏل اُوباريل گاهه ڍڳي کاڻ ڪائيندي هئي . مُٽ جي سُوڱراڻ ڪري بہ گاهه کي ويجهي نہ ويندي هئي. تان جو ڍڳي ڪير سُڪائي ويئي . وتايو سجاڳ ٿيندو هو تہ گڏهہ کي ڪا سيڪت ڏيان، پر هوءَ چُرڪ پڇي ويندي هئي. نيٺ ڪَڪِ ٿي پيو. هڪ رات جو الله سائين کي ٻاڏا ڀائين تہ مولا! انهيءَ وڏن ڪَنن واريءَ کي مار تہ منهنجي منجهانئس جند ڇٽي . ائين چئي سمهي رهيو . صبح جو چا تو ڏسي تہ گانءِ پٽاري ٽنگون ٽيڙيو پئي آهي! هُو ويو، وڃي گهٽيءَ ۾ ٻينو . اتان هڪڙو انڌو اچي لنگهيو . ان کي ٻانهن کان وٺي اندر آيو ۽ چيائين تہ حافظ، ڏس تہ هيءُ ڪهڙو جانور مئل آهي؟ انڌي ڍڳيءَ کي مَناڙي هٿ لائي ڏسي چيو تہ هيءُ تہ ڍڳي مئل آهي . وتايي آسمان ڏانهن ڪنڌ مٿي ڪٽي چيو : ارمان جي ڳالهہ آهي، توکي انڌي جيتري بہ سُڌ ڪانہ ٿي پوي ! مون چيو ڪَنڻ واري مار، تو هٿي سڱن واريءَ کي ماري ڇڏيو آهي!

### 7. سُٽئي سَهي پر سمجهيءِ ڪونہ!

وتايو فقير ڪنهن مسافريءَ تان موٽي رهيو هو، پنڌ تمام گهٽو هو، سو الله کي سوال ڪيائين تہ مولا، ڪا سواري ڏيار تہ پنڌ کان ڇُٽان ۽ جهٽ پهچان . اهو خيال ڪري اڳيرو ٿيو تہ هڪ سپاهي ٻينو هو . جنهن جي گهوڙي تازي ويائي هئي. سپاهي حيران هو تہ ڪيڏي مهل ڦرُ اُٿي هلڻ جهڙو ٿيندو جو ٽاٽي تي پهچندس. اوچتو جو وتايي کي اُبالين حالين رستي تان ايندو ڏٺائين تہ سڏ ڪري چيائينس تہ سگهو ٿيءُ هي ڦر ڪنڌ تي کڻ ۽ مون کي ٽاٽي تي پهچائي پوءِ وڃ ! وتائي چيو آءٌ غريب مسافر آهيان پري وڃڻو اٿم، مون کي ڇڏ، پر سپاهيءَ هڪ بہ جهڪ ڪشي ڪڍيس ۽ زوريءَ ڦر ڪٽي ڪنڌ تي رکيائينس . فقير لاچار ٿي ڦر ڪٽي اٿي هليو . واٽ تي نماٽيون اکيون ڪٽي چيائين تہ : ”اي موليٰ سٽئي سهي، پر سمجهئي ڪونہ !“ مون چيو تہ مون کي ڪنهن وهڻ تي سوار ڪر، پر تو وري ماڳهين منهنجي مٿان وهڻ چاڙهي ڇڏيو.

### 8. تنهنجي ماڻهوءَ ۽ رئيس جي ماڻهوءَ ۾ فرق!

ڪو واهہ پڇي پيو هو . ڳوٺ جي وڏيري ڪمدار کي چيو تہ چيڙ وٺي وڃي واهہ ٻَڌائي اچ . وڏيرو تمام ڪڙڪ ماڻهو هو، سو ڪمدار چيڙ وٺي ڪم کي وڃي لڳو، پر ٿورن ماڻهن هڻڻ ڪري ڳَنڍي ٻَڌڻ ۾ دير لڳي رهي هئي. ڪمدار بہ جيڪو ٿي لنگهيو، تنهن کي بيگر ۾ ٿي وهايو . ٿيو ائين جو وتايو فقير بہ ڪن ٻن واٿهڙن سان گڏ اتان اچي مٿيو . ڪمدار ڪين هڪل ڪئي تہ ڪير آهيو ۽ ڪيڏانهن تا وڃو؟ هنن ٻن ماڻهن چيو : اسين فلاڻي رئيس جا ماڻهو آهيون . مينهون ڪاهڻ پيا وڃون . پوءِ وتايي کان پڇيائين تہ تون ڪير آهين ۽ ڪيڏانهن تو وڃين؟ وتايي چيو تہ آءٌ الله جو ماڻهو آهيان، ۽ پنهنجي ڳوٺ پيو وڃان. ان تي ڪمدار بگڙي چيس، تون الله جو باقي ٻيا چورن جا ماڻهو آهن، ها نہ ! هيڏانهن اچ، ڪڻ ڏلهو ! مُلڪ تو ٻُڏي، هي الله جو ماڻهو ٿيو چڪر هٽندو وتي. وتايي ڏلهو ڪنيو ۽ خدا کي چيائين: ”ڏٺئہ تنهنجي ماڻهوءَ سڏائڻ ۽ رئيس جي ماڻهوءَ سڏائڻ ۾ فوق!“

### 9. مُيون سهسايون، پرٽايون ڪون؟

وتايو واٽ وٺي ويو پئي تہ ڏٺائين ڪي ماڻهو جنازو کنيو پيا اچن . انهن کي ڏسي بيهي رهيو. جڏهن ويجهڙا آيا تہ ڪانئن پڇڻ لڳو تہ ادا، اهو ڇا ٿا کنيو وڃو؟ ماڻهن چيس تہ انڌو تہ ڪين آهين؟ ڏسين نہ ٿو تہ ميت آهي . چيائين هائو، برابر جنا زو آهي، پر مرد جو آهي يا عورت جو؟ هنن چيو تہ عورت جو آهي . پلا جي عورت جو آهي تہ اهو بہ ٻڌايو ڪٽي تہ پرڻيل هئي يا ڪنواري؟ هنن چيو تہ ڪنواري هئي . تڏهن چيائين تہ : ”ميون سهسايون، پرڻايون ڪون.“

## 10. پٽهين جو گهر اهو اٿئي؟

وتايو ڪٿان پري کان مسافري ڪري گهر ڏانهن پئي آيو . سندس گهر جي ڪڙهہ لڳ هڪ چوڪر پئي حاجت ٿي ڪئي. فقير کي چڙ آئي، تہ ٻيو هنڌ ڇڏي ماڳهين لنگهہ وٽ وينو آهي، سو دڙڪو ڏيندي پڇيائينس تہ ڇورا ڪير آهين؟ ڪنهن جو پٽ آهين؟ ڇوڪر اڇي ڏنو، سو ڏپ ۾ رڳو خدا خدا ڪرڻ لڳو . (هُو خدا بخش جو پٽ هو .) وتايي خدا خدا ٻُڌي ڪٺي ڪنڌ ۾ هٿ وڌس ۽ ڇڪي مسجد تائين آيس ۽ چيائين تہ : ”خدا... خدا پيو ڪرين تہ اهو اٿئي پٽهين جو گهر.“

## 11. تو تہ دنگ ڪري ڇڏيو!

هڪ هنڌ وتايو ڪنهن ڏيان ۾ وينو هو، پنهنجي خيالن جا اوتار چڙهيل هوس تہ هڪڙو ماڻهو، جنهن کي تمام تڪڙو حاجت جو خيال لڳو هو، سو وتايي جي پٺي ان ڪنهن ٻوڙي کي پٺ ڏيئي ويهي رهيو . هن جي ريح جي آواز تي فقير ڪنڌ کنيو . ڏٺائين تہ ٻنهہ سندس پوئتان ماڻهو پيو رفع حاجت ڪري . تڏهن هن کي شرمائي چيائين: ”ڇريا تہ اسين پيا سڏجون، پوءِ تنهنجي مَت ڪيئن مارجي ويئي آهي . جو ههڙي انڌائي وينو ڪرين؟ تو تہ دنگ ڪري ڇڏيو!“

## 12. پل تہ منهنجو جُهڳو جهڻ ٿئي!

وتايو گهمندي ڦرندي هڪ شهر ۾ آيو . اتان لڳو بازار ڪڇڻ. هڪ هنڌ هڪڙي حلوائيءَ جو دُڪان ڏٺائين، جنهن ۾ ڪيئي قسم مٺائين جي، جليبيون، گيهر، ستربنيون، ميسوپاڪ، ٽلي ٻَڏي، قرص، توشا، ٽڪيون ۽ الائجي ڇا ڇا رکيل هئا؟ ان دڪان جي آسڻ تي حل وائي ڪنڌ هيٺ ڪريو جُهڪيو وينو هو . اڳيان حلوي جو ٿالهہ پريو رکيو هوس. حلوي کي ڏسي فقير جي دل سرڪي، گيدي ۾ هٿ وڌائين تہ پائي بہ وٽس ڪانہ هئي.
پوءِ بيهي بيهي، ڏسٽي آگر اُپي ڪري، حلوائيءَ جي اک ۾ چوڪڻ جي ڪوشش ڪيائين . آگّر کي اک ڏانهن ڪڄندو ڏسي حلوائي دانهن ڪئي ، ڇي، فقير انڌو ڪندين ڇا؟ فقير چيو تہ تون ڏسين بہ پيو ڇا؟ حلوائي چيو هائو، انڌو ڪونہ آهيان . فقير چيو جي انڌو ڪونہ آهين تہ هيترا سارا مال ٿالهہ اڳيان رکيا اٿئي، پوءِ ڪائين ڇو نٿو؟ حلوائيءَ چيو اهي وڪري لاءِ آهن، جي آءٌ کاوان ٿو تہ جهڳو جهڻ ٿو ٿئيم . فقير چيس: ”فڪر ناهي، تون لهي هيٺ ٿيءُ، اهو، مال، آءٌ ويهي ٿو کاوان، پوءِ پل تہ منهنجو جهڳو جهڻ ٿئي.“

## 13. ٽڪي وارو بہ ڏس ۽ تنهنجي نالي وارو بہ ڏس!

هڪڙي دفعي وتايو فقير ڪنهن مارڪيٽ مان اچي مَتيو . اتي هڪڙو هاري گدرن جي ٻوري چندي وڪڻڻ لاءِ ٿهي ٽُڪي وينو هو . ڳاڙها ڳاڙها گدرا ڏسي وتايي کي طلب ٿي . هاريءَ کي الله جي نالي تي سوال ڪيائين تہ ڪو گدرو خدا ڪارڻ ڪاراءِ. هاريءَ ٻوٿ ٻڇڙو ڪيو. چيو تہ اڃا وينا ئي ڪونہ آهيون تہ اڃهو فقير اچي ڪڙڪيو آهي. ائين چئي هڪڙو ڪِونئرَو ۽ ڦِتل گدرو هن کي ڏنائين . فقير ڪيسي ۾ هٿ وڌو تہ ٽَڪو پيو هوس، سو ڪڍي هاريءَ کي ڏنائين ۽ چيائينس تہ يار اچي ڪر ٻُهٽي، هن جو ڪو گدرو ڏي . هاريءَ ڳولي ڳولي ناهوڪو

موچارو گدرو ڪٽي ڏنس. پوءِ ٻئي گدرا هڪڙ و هڪڙي هٿ ۾ ٻيو ٻئي هٿ ۾ جهلي ڪنڌ آسمان ڏانهن ڪري چوڻ لڳو ته: تون پاڻ پنهنجو قدر ڏس. ”هي ٽڪي وارو به ڏس، هيءُ ٽنهنجي نالي وارو به ڏس.“

## 14. هڪ ڳالهه امان جي وس ۾ به آهي!

ڪنهن ڪچهريءَ ۾ ڳالهه اچي چڙي ته سڀ ڪجهه الله سائين جي وس ۾ آهي. ڪرڻ ڪرائڻ وارو پاڻ پروردگار آهي. روزي به سندس وس ۾ آهي. گهٽي ڏي يا ٽوري. پاڻ رزاق آهي، سندس ئي حڪم سان دنيا جو ڪارخانو پيو هلي. وتايو فقير به ان ڪچهريءَ ۾ وينو هو، ڳالهيون جڏهن دنگ ٿيون ته امالڪ چيائين ته: جيڪي چئو ٿا سو سڀ سچ آهي، پر هڪڙي ڳالهه امان جي وس ۾ به آهي. ماڻهن پڇيو ته اها ڪهڙي ڳالهه آهي؟ فقير چيو ته اِهو امان جي مرضي تي ڇڏيل آهي، وٺيس ته پَٽ رڌي، وٺيس ته ماني پچائي.

## 15. ڏيئي ٿو پر ڪنگهائي!

هڪ پيري وتايي کي خيال آيو ته روزي رزاق ٿو ڏي ۽ ڏيڻ لاءِ پاڻ کي بدل رکيو اٿس. پوءِ چونه ڪٽي پاڻ پرک ونجي. رڳو ماڻهن جي چوڻ تي اعتبار ڪري چو ويهجي. اهو خيال ڪري ڳوٺ کان ٻاهر نڪري هڪڙي جهنگ ۾ هڪڙي وڏي گهاٽي وڻ تي چڙهي ويهي رهيو. دل ۾ چيائين جي رزاق آهي ته پاڻهي اتي روزي رسائيندو.
هڪڙو ڏينهن گذريو، ٻيو ڏينهن گذريو ته فقير جو حال هيٺو ٿيڻ لڳو. هاڻ ٻُڌتر ۾ اچي ويو ته لهي وڃي ڪٿان ٽُڪر گُ ري ڪائي يا اچا به ڏسي ته چا ٿو ٿئي؟ اوچتو ڊنبلو ماڻهن جو اتي وڻ هينان اچي لٿو، جيڪي شڪار ڪري آيا هئا. پوءِ يڪدم اتي ئي ديگڙا ڪدي شڪار ٿيل هرڻ کي سيخ ڪيائون ۽ قورمو ناهيائون. رڌي پچائي واندا ٿيا ته انهن جي سردار چيو ته هُو پريان جهڳيون پيون ڏسجن، انهن ۾ ضرو ر ڪي غريب ماڻهو رهندا هوندا. منهنجو خيال آهي ته هڪڙي پاٽ پري انهن کي خدا ڪارڻ ڏئي اچو ته ڪائي دعا ڪن . بورچيءَ ماني وڏائي قورما ڪباب برياني مٿان رکي هڪڙي ماڻهوءَ جي مٿي تي پاٽ رکي.
جڏهن هو هلڻ وارو ٿيو ته وتايي ڏنو ته ڪاڏو ته هاڻ هٿن مان ٿو وڃي. سو مٿان وڻ تي ڪنگهڪارون ڪرڻ لڳو. ماڻهو ڏنو ته هڪڙو غريب مٿي وينو آهي، هنن سمجهيو ته ڪو ڪانير آهي. سو سڏي چيائونس ته فقير هيٺ لهي اچي ڪاءُ. وتايو هيٺ لهي آيو سڃاڻائونس ته هيءُ ته وتايو فقير آهي. چيائونس فقير اتي چا وينو ڪرين؟ چيائين ته الله جو آزمودو ٿي ڪيم ته روزي ڪيئن ٿو رسائي؟ ڏي ٿو پر ڪنگهائي ٿو ڏي. جي نه ڪنگهان ها ته شايد اها پاٽ ٻئي هنڌ هلي وڃي ها، ائين چئي ڪائڻ کي لڳي ويو.

## 16. رپئي کي سڃاتائين، ٽوڪي نه ڄاتائين!

درياهه جي پتڻ چُنڻ تي وتايو پري کان ئي رڙيون ڪندو ڊوڙندو آيو. چي، مهاڻا ٻيڙي جهلجو، مون فقير کي خدا جي واسطي ڪٽيو هلو. قسم اٿو خدا جو ترسجو. آءٌ اچي پهتو آهيان. الله کي مڃو نه وڃو، پر مهاڻن پڳهه ڪنيا. ٻيڙي هلڻ لڳي، فقير جي ڏانهن ڪابه توجهه نه ڪيائون، جڏهن ته هن جون رڙيون چِٽيون پئي ٻڌائون.
ڪنارو ڇڏي ٻيڙي اڳيري ٿي ته وتايو به اچي پهتو. وتايي کيسي مان رپيو ڪڍي چيو ته ٻيلي هيءُ سڄو سارو رپيو وٺو، پر مون کي چاڙهيو هلو، ڏاها ٿيو، نه ته سڄو سارو رپيو وٺو، پر مون کي چاڙهيو هلو، ڏاها ٿيو، نه ته سڄو ڏينهن هتي دربدر ٿي ويندس. مهاڻن ڏٺو ته ٻين کان رڳو ٻه به آنا مليا آهن، فقير رپيو پيو آڇي، سو ٻيڙيءَ کي موٽائي ڪپر تي آنڌائون. رپيو وٺي، فقير کي ٻيڙيءَ تي ويهاريائون. جڏهن فقير جو هانبارو ڍرو ٿيو، تڏهن چيائين: ته ”اي منهنجا مولا، رپئي کي جيترو سڃاتو ٿو وڃي، اوترو ٽوڪي ڪير ڪونه ڄاڻي!“

## 17. ٻنهي پارين وتايو مُٺو!

وتايو سدائين هوندو هو سفر تي . ڪڏهن ڪڏهن تہ مهينا ٻہ گذري ويندا هئس . سو ماڻس سندس ڳاراٽي ۾ پئي ڳرندي هئي. نيٺ خيال آيس تہ فلاٽي ڳوٺ ۾ مرشد ٿا رهن، چونہ انهن وٽ وڃي رهان؟ اهو خيال ڪري جيڪي ٻہ- ٽي ٽپڙ هئس، سي ڪڇ ۾ ڪري ان ڳوٺ ۾ وڃي مرشدن ڪان ڪا ڪوني اَجهي لاءِ وڃي ويهي رهي . وتايو جو ڳوٺ اچي تہ ماڻس نهي ئي ڪانہ . پڇا ڪيائين، ماڻهن چيو تہ فلاٽي ڳوٺ ۾ پاڙي ۾ سيدن وٽ وڃي رهي آهي. فقير مُنيون پيڙي وڃي پڳو . اچي ماءُ کي ڳولي لڌائين . پڇيائينس: امان! تون هت ڇو هلي آئي آهين؟ ماڻس چيو تہ ابا! حياتيءَ تي اعتبار ڪونهي. تون ڪڏهن آهين تہ ڪڏهن ناهين، چيم تہ مرشدن وٽ وڃي رهان جي ٻنهي جهانن جا وسيلا آهن. وتايي چيو امان، تو تہ قهر ڪري ڇڏيو. سيدن جي ذات ڏاڍي، جي ڪنهن خسيس ڳالهہ تان تپي ڪٽي پٽ پاراتو ڪن تہ ٻہ وتايو مُنو، جي وتايو جذب ۾ اچي سيدن کي ڪجهہ چئي وجهي، تڏهن ٻہ وتايو مُنو . ماڻس چيو سو ڪيئن؟ وتايي چيو تہ انهن ماڻهن کي اڳئين جهان ۾ هلي ڇڏايءُ ڻ جي اهڙي پَٽي پڙهائي ڇڏي آهي، جو پاڻ ڪهڙا بہ ڪم ڪندا وتن، پر جي ڪنهن جي واتان سندن ڳلا جو ڪو گفتو نڪتو هي سندن خليفا ۽ ماڻهو انهيءَ تي چڙهي ويندا ۽ هٽي ڪونڊي ڳيرو ناهي ڇڏيندا . تنهن ڪري تہ چوان ٿو تہ : ٻنهي پارين وتايو مُنو.

## 18. ٻُڏو سهسايو، پر ڏٺو نہ سهسايو!

ڪنهن واهہ جي گهيڙ وٽ ڪن زالن ڪپڙا پئي ڌوتا ۽ ڪي وهنتيون پئي، ڇو تہ اتان ڪنهن جي مَٽڻَ جو گس ڪونہ هو. اهو انهن زالن جو خاص گهيڙ هو . وتايو فقير اوچتو انهيءَ واهہ جي ٻيءَ پر تان گهيڙ سامهون اچي نڪتو. زالن کي تہ ڪا اون ڪانہ هئي، سو ٻنا ڪنهن ڪٽڪي جي گهيڙ تي ڪپ ڙا ڌوئڻ ۽ شنان ڪري رهيون هيون. اوچتو جو هنن جي نگاهہ فقير تي پين تہ مُنهن لڪائڻ لاءِ ڪٽي مڙني پاڻيءَ ۾ ٽبي ڏني . فقير انهن جو اهو لقاءُ ڏسي چيو شابس هجيو، ڏٺو نہ سهسايوَ پر ٻڏو سهسايوَ!“

باب ٽيون

# اتر سنڌ ۽ ڏکڻ سنڌ ۾ ڦيرگهير سان چيل چُٽڪا

**الف**[1]:

## 19. کُٽو هجين ته صحِي ڏي!

هڪ ڏينهن وتايي جي گهر ۾ اَن کپي ويو. ماڻس چيو ان خيرڪو وجي رهيو آهي، اُٺي ڪو حيلو ڪر. فقير پَنو مس ۽ قلم کڻي مسيت ۾ منبر تي چڙهي وينو ۽ چيائين، جهانن کي روزي ڏيندڙ، وتايي جي گهر ۾ اَن صفا کونهي تو چيو آهي ته آءٌ روزي ڏيندڙ آهيان، هاڻ پنهنجي وعدي کي پاري ڏي، يا هن پَني تي صحي ڪر ۽ لک ته آءٌ کُٽي پيو آهيان ته ماڻهن کي ڏيکاري کين پڪ ڏياريان ته پنهنجي مڙسي پاڻ ڪن . هن اجا ايترو چئي بس ڪيو ته مسجد ٻاهران سڏ ٿيس ته وتايا، ٻاهر نڪري آءُ . ٻاهر نڪتو ته هڪڙو ماڻهو گڏهه تي اَن جي ڳوڻ رکيو بيٺو هو، جنهن چيس ته هيءُ خدا ڪارڻ جو اَنُ آهي، وٺي پنهنجي حوالي ڪر . وتايي مٿي ڏنو ۽ چيو ته : ڏاڍو سياڻو آهين! صحي نه ڏنئه پر اَن موڪلي ڏنئه.

**ب**[2]:

## 20. گهر ۾ اَنُ ڪونهي!

هڪڙي ڏينهن وتايي فقير کي سندس ماءُ سڏي چيو ته ابا، گهر ۾ ڪاڏي لاءِ اَنُ ماڳهين نه آهي . سو ڏٺي سڄوري جي نالي تي پني ڪي داڻا آڻي ڏي . فقير ٻڌڻ سان سڌو مسجد ۾ اندر آيو، اچي مسجد ۾ هيڏانهن هوڏانهن ڏسي منبر تي چڙهي اکيون مٿي ڪري چوڻ لڳو : اي مولا سائين! تون پاڪ آهين، ڪائڻ جي اسان کي بک ڏني اٿئي. سو جيئن تنهنجو هيءُ گهر مسجد ويران آهي، تيئن اسان جو گهر صفا سُڃ نه ڪر . ائين بک ۾ پاهه ڪري نه مار يا پنهنجو نالو رزاق نه ڌار، جيئن ڪو آسرو نه رهي . ايتري ۾ ڏٺيءَ سڏ اونايو، هڪ شخص ڳوڻ اَن جي ٻاهران آڻي فقير کي چيو : فقير صاحب هيءُ قبول پوي، ڏٺي جي نالي تي ! فقير اُن ڪان اَنُ ورتو ۽ ڏاڍو خوش ٿيو ۽ اَن آڻي ماءُ کي ڏنائين.

**الف**[3]:

## 21. وتايي وارو اڳ وٺڻ

هڪ لڳا وتايي جي ڳوٺ ۾ چوري ٿي. ماڻهو پير کڻ چورن جي پنيان پيا. وتايو چورن جي ڳولا ۾ سڌو مقام ۾ ويو، اتي وڃي ويهي رهيو . ڪن ماڻهن پڇيس ته فقير، اتي ڇا وينو ڪرين؟ چيائين چورن جو اڳ اچي ورتو اٿم. نيٺ ته هيڏانهن ايندا پڇي ڪيترو پڄندا؟

**ب**:[4]

## 22. چورن جو اڳ وٺبو آهي

ڳالهه ڪندا آهن ته وتايي فقير جي پاڙي ۾ ڪنهن هر مان هڪ رات جو چوري ٿي . صبح جو چورن جا پير ڏسڻ لاءِ ماڻهو اچي گڏ ٿيا . فقير گهڻا ماڻهو ڏسي انهن وٽ آيو، پڇيائين ته هيتري خلق ڇو اچي هت گڏ ٿي آهي؟ ماڻهن چيو رات چوري ٿي ويئي آهي . فقير چيو ته پوءِ هت گڏ ٿيڻ مان ڪ ڙو فائدو؟ هلو ته هلي ڳولهيون . فقير چيو خيال نه ڪريو، مون اڳ ورتو اٿمانِ . هاٽي پڇي نه ڇُٽندا . خدا جي قدرت چور به مقام لڳ بوڙن ۾

لِڪا وينا هئا. وتايي فقير جي ڳالهائُ ٻڌي، هنن چيو تہ چوري وتايي کي موٽائي ڏيو، شايد وتايي کي اسان جي هت اچڻ ۽ لِڪڻ جي سڀ خبر آهي، سو ڪيس آهستي سڏي چيائون . فقير ماٺ ميٺ ۾ اها چوري سُئي سڀگي سوڌي اسان ڪان وٺي هٿ ڪر، پر ڪنهن کي اسان ڪَل نہ ڏي . وتايي چوريءَ جو سامان وٺي ٻاهر بيٺل همراهن کي سڏ ڪيو ۽ چيو ”بابا، چور بہ لڌا چوري بہ ملي . هاڻ پنهنجو مال ڪڻو. ”چورن جو ائين پير ڪٽبو ۽ اڳ ونبو آه ي.“

**الف:**

## 23. ڪتي سُجائي بہ ڪم اچيو وڃي![5]

هڪ سال درياهہ ۾ چاڙهہ ٿيو . سانوڻ جا بہ بَرهڙا هجن، مينهن پوريون ڪري چڏيون هجن . ڍورا ڍنڍون ڦاٽ پيا ڦاٽڙين. ڳوٺ ٻڏڻ جو خطرو ويجهو ٿيندو ويو . ڳوٺن جا ماڻهو ٽپڙن ڍوئڻ، مال کي ڪاهڻ ۽ ٻچن کي ڳهلڻ ۾ لڳي ويا. سڀ ڪنهن کي ساهہ جي اچي لڳي. وتايي ڏٺو تہ منهنجو گهر بہ ٻڏي ويندو، سو بہ رليون، پاٽ ۽ وَٽو ڪڻي، ماءُ کي ٻانهن ڪان وٺي اچي بند تي چڙهي وينو. ماڻهن جي پيچ ڊوڙ کي ڏسي، ماڻس کي چوڻ لڳو تہ: ڏس ڪتي ڪتي اها سُجائي بہ ڪم ڏيو وڃي!

ب:

## 24. آسودن کي درياهہ لڏائي چڏيو.

ڳالهہ ٿا ڪن تہ  هڪڙي اونهاري جي موسم برسات گهٽي پوڻ ڪري ۽ درياهہ اُٿلي پوڻ ڪري ملڪ ۾ ٻوڙ ٻوڙان لڳي وئي. ماڻهو جهڳا چڏي سامان سڙو ڪٽي پڃڻ لڳا . وتايي فقير وٽ ڪو ايڏو سامان هو ئي ڪونہ ۽ ڪيس ٻُڏڻ جي پرواهہ ڪانہ هئي. جن ٽپڙ پئي ڍويا تن کي چوڻ لڳو:

اڳ يا پوءِ، لڏي هلبو لوءِ،
ٽپڙ اهي ڍوءِ، جيڪي اچن ڪم اڳيان.

اسان کي سُجائي چڏائي چڏيو،
آسودن کي درياهہ لڏائي چڏيو.

الف[6]:

## 25. عشق ڪرڻ بدران ڏند شيڪيو پئي آهي!

وتاوي فقير ڪنهن  واقفڪار وٽ وينو هو . اوياريون لهواريون ڪندي اچي عشق جي ڳالهہ نڪتي  . فقير ان سنگتيءَ ڪان پڇيو تہ عشق ڇا آهي؟ هن چيو عشق دل جي وندر ۽ روح جي راحت آهي . جنهن کي عشق اندر ۾ ناهي، اهو انسان ئي ناهي . تنهن تي فقير چيو تڏهن آءٌ بہ عشق پلي ڪريان؟ هن چيو ضرور توکي بہ ڪ    رڻ گهرجي. فقير چيو عشق ڪنهن سان ڪبو ۽ ڪيئن ڪبو؟ هن چيو فقير اها ڳالهہ ظاهر پئي آهي تہ مرد جو عشق هميشہ زال سان نهندو آهي . ان سان پيچ اڙائڻ جا طريقا آهن : پهرين ان کي سنهو پٽر اچلائي هٽبو، پوءِ ڏسبو تہ ڇا ٿي ڪري ۽ ڇا ٿي چوي؟ ان موجب ان سان پير ڪٽبو        . اهي خبرو ن ڪري ٻئي هڪ ٻئي ڪان موڪلائي توڪلائي هليا ويا . ٻئي ڏينهن فقير گس وٺيو پئي آيو تہ هڪ عورت پاٽيءَ جا گهڙا پريو مٿي تي رکيو پئي ويئي ۽ هئي بہ موچاري، سو فقير کي عشق جي يادگيري اچي ويئي، ڪٽندي ئي هڪڙو زنبوٽو نڪاءُ ڪرايائينس. زنبوٽي جو لڳڻ هن جا دلا پيجي اچي پٽ   تي ڪريا ۽ مائيءَ جو وٽجي پَٽ تي ڪرڻ  . ڪرڻ سان ڊڪرجي ويئي. فقير مٿان اهو لقاءُ ڏسي وٺي پڳو ۽ گس تي ڪنهن جي پڇڻ تي چيائين : وچ عشق ڪرڻ بدران ڏند شيڪيو پئي آهي!

ب[7]:

## 26. پورڙي کي کهڙي خبر عشق جي!

هڪڙي رات وتايو ڪنهن دوست وٽ وجي ٽِڪيو . زماني جون ڳالهيون ڪندي، دوست پڇيس، وتايا، پنهنجي حياتيءَ ۾ ضرور عشق به ڪيو هوندءِ؟ پڇيائينس ڪنهن سان؟ هن چيو ڪنهن زال ذات سان . فقير چيو

نندپڻ ۾ عشق مجازي ڪياسي،
پوءِ حقيقي عشق ۾ ٽپي پياسي،

لڳو عشق حقاني جڻ مصري،
پوءِ ويو مجاز به مون ڪان وسري.

تون پنهنجي عشق جي ڪا سُڌ سڻاءِ . دوست چيو ته اول ۾ مرد عورت مٿان عاشق ٿيندو آهي، انهيءَ کي اکيون پيجي اشارا ڏيندو آهي . پوءِ اک اک سان اڙجي ويندي آهي، ۽ دل قرب ۾ ڪڙجي ويندي آهي ، محبت جي ماڙي اڏائي، قرب جو ڪوٽ ناهي، جان سان جڙجي ويندي آهي.
جڏهن وتايو رهي ٽڪي موڪلائي ويو هليو ته واٽ ۾ فقير کي هڪ نهايت سهڻي من موهڻي عورت ڏسڻ ۾ آئي، سو وڌي اچي ويجهو ٿي ڪائنس پڇڻ لڳو : مائي، توکي ڪا عشق جي حقيقت معلوم آهي ته مون کي به سمجها ۽ تو به ڪڏهن نه ڪڏهن ڪنهن سان عشق ڪيو هوندو؟ عورت ڪلي چيو:

ٽکي تيز آهي نظر عشق جي.
تو پوري کي کهڙي خبر عشق جي؟

الف[8]:

## 27. جج ڪرائي ته ويرم ئي ڪانهي!

ڳالهه ڪندا آهن ته وتايي فقير کي سيون ڏاڍيون وٽنديون هيون . ڪنهن پڇيس ته فقير ! ايڏو سيئن تي چاهه اٿئي، تون غريب پينڙيات پوءِ پانئين تو ڪيئن ڪائي ڏهُ ڪندين؟ چيائين ته الله سائين جي جج ڪرائي ته وٽس ويرم ئي ڪانهي.

ب[9]:

## 28. ملان نه سيون ڪائي وجن

ڳالهه ٿا ڪن ته وتايو فقير بين ڪاڌن کان وڌيڪ سَيون پسند ڪندو هو . رمضان جو مهينو اچي ويو، ماڻس سيون ناهڻ شروع ڪيون ماءُ کي سڌي چيائين ته امان، خيال اٿم ته رمضان جي ڇهويهين تاريخ جو روزو آڻُ به رکان جيئن ستاويهين جي رات جو جيڪي سيون مسجد ۾ اينديون سي به وجي ڪاوان ۽ اهو رؤنشو به ڏسان ته روزاٿا ڪيئن ٿا سَئين تي مريو مَٽ ٿين ۽ پيٽ ۾ ٿا سَٽين ! ماڻس چيو ابا، پنهنجي ماني به ڪٽي وج . ائين نه وج، جو مٿان ماڻهو چون ته وتايو رڳو سيون ڪائڻ لاءِ آيو آهي . ماڻس اُٺي ماني پچائڻ لڳي، وتايو وينو هو . اجا هٽ ۾ چاٽو اٿي جو ڪنيائين ته مٿان بانگ آئي . ماڻس دل ۾ چيو ته بانگ پوري ٿئي ته ڪلمو پري پوءِ ماني ٿڦيان. هڪڙي بانگ پوري ٿي، هن ماني اجان ٿڦي ته ٻي شروع ٿي، ان لاءِ ترسي ته ٽي بانگ آئي ماڻس جي ديلهه ڪرڻ تي وتايي ماءُ کي چيو، انهن بانگن پاڻ ۾ ٻَڌي ڪئي آهي ته جيئن تون ماني پچائي نه سگهين ! تون انهن کي هڻ ڏند ۾ ماني پچائي ڏي نه ته سيون ٻُٽ ڪائي ويندا . پر مائي بانگن ڏانهن تانگهيندي رهي . وتايو ڊوڙندو مسجد ۾ آيو . جماعتن سان روزو ڪولي سَئين کي لڳي ويو . چيائين جي امان جي چوڻ تي لڳان ها ته: مُلان سيون ڪائي وجن ها ۽ آئون رڳو ڏوتل ٿانءُ اچي ڏسان ها .

الف[10]:

## 29. لُچن کي تہ نہ لڪائي!

هڪڙي ڏينهن ڪو لُچ وتايي فقير جي گهران پاڻيءَ جو گهڙو ڪڍي ويو. ماڻس چيس تہ ابا، اڄ تہ ڪو گهڙو بہ ڪڍي ويو آهي، پاڻي ڪيئن پيئنديس. وتايو اهو ٻڌي، سڌو مسجد ۾ آيو. اتي رڪيل دلن مان هڪڙو نوڪي وجائي ڪڍي هلڻ تي هو تہ مُلن چيس تہ فقير هي ڇا ٿو ڪرين؟ الله سائين جي گهر جو دلو ڪڍيو ٿو وڃين؟ فقير چيو، اسان جو گهڙو ڪجي ويو آهي. جي ٻي هنڌان ڪڍندس تہ چور ڪري ٻَڌندم، سوچيو اٿم تہ هن يار کي خبر ڪانہ پوندي، ٻي ڏيو هليو ويندس. مُلي چيو تون ڀُليو آهين. هو عالم الغيب آهي، سڀ ڪجهہ ڄاڻي ٿو. فقير چيو تہ: اهو تہ صحيح آهي: پر لُچن کي تہ نہ لڪائي!

ب[11]:

## 30. وٺ پنهنجا ٿانءَ!

ڳالهہ ڪندا آهن تہ هڪ سال تمام سخت برسات پئي. وتايي جو گهر ڪکن جو اڌيل جهوپڙو هو، سو مينهن ۾ ڪري پيو. ماءُ سوڌو اڱڻ ۾ ٻاهر ستل هو. گهر جي ڇت ڪرڻ جو ڦهڪو ٻڌي، ماڻس چيو تہ ابا، پاڻ ۽ ڍڳي ٻاهر آهيون، پر پِيَت رڌڻ وارو ڪُنو ۽ دلا ضرور ڇت جي ڪرڻ سان ڀڃي ٽڪرا ٿيا هوندا! ماءُ کي ڇيائين ڳڻتي نہ ڪر، صبح جو توکي سلامت ملندا. صبح ٿيو تہ فقير مسجد ۾ آيو. ملان کي ڇيائين تہ بہ دلا ۽ هڪڙو ڪُنو ڪڍندس. ملن چيو تہ اهي خدا جا آهن، جي خدا جي گهر ۾ رکيا آهن ۽ هي نہ ڪڻ، وتائي رات منهنجو وڏو نقصان ڪيو اٿس. سو سندس ئي ٽيڙ ڪڍندس. جي توکي ڏکي ڳالهہ ٿي لڳي تہ تون پنهنجي گهران پري ڏي يا ماٺ ڪري ويهہ. وتائي کي اڳ پوءِ ڪيس ئي ڏيٺو آهي، ٻين جي چوري مون کي ڪرڻي ڪانهي. جيڪو رحيم آهي، ڪريم آهي، حليم آهي تہ باقي ڇا ڪپي! مولا مهربان سخي سلطان، باري بُردبار جيڪو ڏئي نہ پڇاري!

وتايو بہ ان وٺ لنگهي آيو آهي ۽ سندس ٽيل زيان جو بدلو ڪنيو ٿو وڃي. مُلي ڪڻي ماٺ ڪئي. هو گهر آيو ۽ ڇيائين امان، اڇي وٺ پنهنجا ٿانءَ.

الف[12]:

## 31. هاڻ پل سچو جبل تورين!

ملان وعظ ڪندي چيو تہ وٺ چينڻ وڏي ثواب جو ڪم آهي. هميشہ وڏو پتر ڪڻي، ان سان وٺ چينجي، جو تہ اهو وٺ وارو پتر ملائڪ نيڪ اعمالن سان گڏ توريندا. ان جو ثواب ملندو. وتائي اها ڳالهہ ٻُڌي دل ۾ رکي. جڏهن پيشاب لڳس تہ جبل جي پاڙ ۾ پيشاب ڪري، وٺ چينڻ واسطي سڄي جبل کي چوڌاري ڦريندو بہ رهيو ۽ وٺ بہ چينيندو رهيو. پوءِ ڇيائين تہ هاڻ ملائڪ پَل سچو جبل تورين ۽ ثواب داخل ڪن.

ب:

## 32. وتائي جا وَٽ بہ ياد ڪن.

جمعي ڏينهن مسجد ۾ ڪنهن مولويءَ وعظ ڪندي چيو. هر انسان جا گناهہ ۽ ثواب، حشر ۾ حساب ڪتاب ۾ ايندا. مثلا ڪنهن شخص خدا جي واٽ ۾ هڪ رپيو ڏنو تہ ان کي ڏهہ دنيا ۾ ۽ ستر آخرت ۾ ملندا. رات جو عبادت ڪيائين، ڏينهن جو سمهي رهيو تہ اها ننڊ بہ عبادت ۾ شامل ٿيندي. اهڙيءَ طرح نماز پڙهڻ ۽ پاڪائي جي خيال سان پيشاب ڪرڻ بعد پتر سان وٺ چينيائين تہ اهي پتر بہ، جن سان وٺ پڇايائين، سندس ثواب ۾ ترندا. اتي وتايي پڇيو تہ جيڏا بہ وٺ هجن، جيترا بہ وٺ هجن، سي سڀئي ترندا؟ مولوي چيو هائو، هائو، مڙئي

ترندا! وتايو هڪڙي ڳوٺ ۾ آيو، جو جبل جي دامن ۾ هو. هو اُتي پيشاب ڪري جڻ ساري جبل سان وٺ چينڻ لڳو. ماڻهن پڇيس ته فقير اهو ڇا پيو ڪرين؟ چيائين ته وٺ پيو چينيان . مولوي صاحب ثواب جو ڏس ڏنو اٿم . هاڻ پلي ملائڪ تور ڪندا رهن ۽ هيءُ وٺ وتايي جا به ياد رکن.

### الف[13]:

## 33. خدائي ورچ

هڪ ڏينهن مسيت ۾ ڪنهن جماعتيءَ باسيل منائي آندي . وتايو به موجود هو. مڙني جماعتين وتايي کي چيو ته درويش، اٿي منائي ورهاءِ ! وتايي منائي واري هڙ هنج ۾ ڪٽي چيو ته ”خدائي ورچ ڪريان يا ماڻهن واري؟ “ سيني چيو ته تون الله جو خاص ٻانهو آهين، خدائي ورچ ڪر، ٻيو ماڻهو ڇاجا ! فقير چيو چڱو، ونندا وجو . پوءِ ڪنهن کي ٻُڪ، ڪنهن کي اڌ ٻڪ، ڪنهن کي جواب، ڪنهن کي اڌ جهول، ته ڪنهن کي ڪٽو . ائين ڪري پوتي چندي وڃي پريان وينو. ماڻهن چيس ته واهه جي خدائي ورچ ڪئي اٿئي . ڪن کي ننڍ جواب ته ڪن جا پلاند پري ڇڏيئه. چيائين آءٌ ڇا ڪريان؟ توهان خود چيو ته ماڻهن واري ورچ نه ڪر، باقي خدا، سو ته ڪن کي ڏئيو ڇڏي، ڪي ته داڻي ڪاڻ پيا ٻوڙن. ڪن کي بک ته ڪن کي سڪ!

### ب[14]:

## 34. الله واري ورهاست!

ڳالهه تا ڪن ته هڪ ڏينهن هڪ شخص وتايي فقير وٽ آيو . ڪيس چيائين ته اڄ رات اسان جي شادي آهي . منهنجو خيال آهي ته توهان به هلي دعوت ۾ شر يڪ ٿيو ۽ پتاشا به پنهنجن هٿن سان ورهايو . فقير هائو ڪئي. هن سان گڏجي اتي پهتو . دعوت ڏيندڙ هڪ وڏي پتاشن جي هڙ فقير کي ڏني ۽ چيو ته اها ماڻهن ۾ ورهايو . فقير چيو ته، ڏاڍي آدم واري ورهاست ڪريان يا الله واري؟ “ دعوت ڏيندڙ چيو ته پلي ڪٽي الله واري ورهاست ڪر! وتايي ڇا ڪيو جو پتاشن واري هڙ مان ڪنهن کي چار پتاشا ته ڪنهن کي وري ٻُڪ پري ٿي ڏنائين ۽ ڪن کي وري مايوس موٽايائين . ان تي ڏٿين ڪانئس پڇيو، ته اهو ڇا ٿو ڪرين؟ تنهن تي وتائي وراڻيو ته الله واري ورهاست ٿو ڪريان. الله به ڪنهن کي تورو ته ڪنهن کي گهڻو ڏيندو آهي.

### الف[15]:

## 35. ڪائو ڪپڙا ڪائو!

وتايي فقير جي ڳوٺ پرسان ٻئي هڪڙي ڳوٺ ۾ شادي هئي . دهلن شرنائن جون ڌمون ۽ پِتن جون الوليون لڳيون پيون هيون . وتايو فقير به پنهنجي غريباڻي پوشاڪ ۾ ستو شاديءَ واري ڄَني ۾ هليو ويو . هيڏانهن هوڏانهن گهڻو ئي نهاريائين، پر ڪنهن رُکي صلاح به ڪانه ڪيس . ٻيا جيڪي لٽي ڪپڙي ۾ نهيل ماڻهو پئي آيا، تن کي ڪم وارن عزت سان وٺي پئي ويهاريو ۽ ڪين ڪارايو پئياريو . هي ويهي ويهي ٿڪو ۽ اُٿي هڪڙي ڪٽيءَ وٽ آيو. اُن کي ڌنارٽيءَ جا پئسا اڳوات ڏئي، مسواڙ تي ڪپڙا وٺي، پائي، ڏاڍي رعب سان اچي ڄَنيءَ ۾ گهڙيو. ماڻهو ڊوڙي آيا، وٺي آڻي عزت سان گلم تي ويهاريائونس . يڪدم ٻوڙ پلاءُ اچي ويا، جيڪي فقير اڳيان رکندا ويا. فقير انهن پاٿين مان ٻُڪ پريندو ڪُلهن مٿان اڇليندو ويو ۽ چيائين ته ”ڪائو ڪپڙا ڪائو“ ماڻهن چيس ته فقير، هي ڇا پيو ڪرين، چريو ٿيو آهين ڇا؟ ورندي ڏنائين ته اڳهرو پنهنجن ميرن ۽ سادن ڪپڙن ۾ هئس ته ڪنهن ڪونه سجاتو، هاڻ جڏهن اجا اُجرا پراوا ڪپڙا پائي آيو آهيان، ته عزت به ٿي آهي ۽ ماني به خاص ملي آهي. مطلب ته مون کي ڪنهن ڪونه سُڃاتو پر ڪپڙن کي هڙني سڃاتو آهي، تڏهن ته چوان ٿو ته ڪائو ڪپڙا ڪائو!

**ب[16]:**

## 36. پهرين برادري ڪائيندي پوءِ پيٽ

هڪڙي ڏينهن وتايي فقيرڪي ڪنهن شاديءَ جي ڪاڄ ۾ شريڪ ٿيڻو هو . سو چا ڪيائين جو تمام سوير اُتي آيو. هڪ ماڻهو ڪاڏي وٺ بيٺل نظرداري ڪري رهيو هو . ان کي چيائين پهرين مون فقير کي ڪارايو ته هليو وڃان. انهن چيس ته پهرين برادر وارا ڪائيندا، پوءِ جيڪو اوبر سوبر طعام بچندو سو فقيرن کي ڏبو. ان تي هُن کي مَنيان لڳي. اچڻ سان هڪ پاڙي واري کان ڏوتل ڪپڙا منٿون ڪري ورني، ڪپڙا ڍڪي، گهوڙي تي چڙهي شاديءَ ۾ آيو. پوءِ ساڳئي ماڻهوءَ گهوڙو ڪائنس ورني ٻڌو ۽ باعزت ويهاري ماني ڪارائي روانو ڪيائينس.

---

[1]. ڏاڪٽي سنڌ ۾ ان طرح ٽوٽڪو چيو وڃي ٿو.
[2]. اتر سنڌ ۾ هن طرح ٽوٽڪو چيو وڃي ٿو.
[3]. ڏاڪٽي سنڌ ۾ هن طرح ٽوٽڪو چيو وڃي ٿو.
[4]. اتر سنڌ ۾ چون: ڪي چون ٿا ته وتايي جي خود جُتي چوري ٿي ويئي هئي.
[5]. اتر سنڌ ۾ چون.
[6]. ڏاڪٽي سنڌ ۾ چون
[7]. اتر سنڌ ۾ چون
[8]. ڏاڪٽي سنڌ ۾ چون.
[9]. اتر سنڌ ۾ چون
[10]. ڏاڪٽي سنڌ ۾ چون.
[11]. اتر سنڌ ۾ چون.
[12]. ڏاڪٽي سنڌ ۾ چون.
[13]. ڏاڪٽي سنڌ ۾ چون.
[14]. اتر سنڌ ۾ چون.
[15]. ڏاڪٽي سنڌ ۾ چون.
[16]. اتر سنڌ ۾ چون.

باب چوٿون

# ڏاڪٽي سنڌ ۾ وڏيڪ هلندڙ لطيفا

## 37. ماٽ ڪر ته ڏوڌ نه پرين!

وتايي فقير وٽ هڪ ڍڳي هوندي هئي. ماڻس جو اُن سان گهڻو پيار هو. هڪ سال مال ۾ اچي موڙو پيو. گهڻن پاڳين جا وٿاڻ خالي ٿي ويا. چوڌاري مال جي مرڻ جي دانهن لڳي وئي. وتايو به ان ڏک کان بچي نه سگهيو، جو سندس ڍڳي به مري وئي. ماڻس روئڻ، پٽڻ ڪُٽڻ لڳي. وتايي چيس ته امان، ايتري ڪاوڙ نه ڪر. الله سائين ڪروڌ ۾ اچي مرڳو ڏوڌ نه پرائي وٺئه!

## 38. ٿانڊو دوزخ ۾ ڪونهي!

هڪ ڏينهن وتايو ۽ ماڻس سفر تي نڪتا. واٽ تي سج لهي وين. رات پئجي ويئي. ماڻس چيو ته ابا. جهوت ڏيئي ڪٿان ٿانڊو ته هٿ ڪري وٺ ته ماني پچائي کائون. فقير تورو هيڏانهن هوڏانهن چڪر هٽي، موٽي آيو ۽ چيائين، امان ٿانڊو ڪٿي ڪونهي!

ماڻس چيو ته پوءِ پل دوزخ مان ئي ڪٽي اچ. وتايو کلي پيو. چيائين ته اتي به ويو هوس. پچا ڪيم، چيائون هت ٿانڊو ڪونهي. سڀ گنهگار پاڻ سان گناهن جي باهه ڪٽي ايندا آهن. ان باهه تي دوزخ مچندو، بس!

## 39. اهو به نه ڦرائين!

فقيرڪي ماڻس چيو ته سگهو ڪپڙو ڪونهي، روڪڙ جي گهرج آهي. اتي ڪا پورت ڪر. وتايي رب پاڪ کي سوال ڪيو. جواب مليس ته اهو ٻير جو وڻ ڏوڻ. وتايي ٻير کي ڏوڻيو ته پَن پَٽ تي ڪرندا رپيا ٿيندا ويا. جڻ رپين جو مينهن پئي ونو. انهن مان هڪڙو رپيو ڪٽي اچي ما ءُ کي ڏنائين. چي، هن مان ڪو ڪپڙو وٺي ڍڪ. ماڻس چيس ته هيٺ ته گهٽائي رپيا پيا آهن، تو رڳو هڪڙو رپيو ڪنيو آهي؟ جواب ڏنائين ته هبچ نه ڪر، وري جي اچي ويس ريچڪ ته رپئي کان به سڪائيندو ۽ اهو رپيو به ڦرائي ويهندين.

## 40. آءٌ ڪٿان ڪائيندس!

وتايي کي شوق ٿيو ته ٻني پو ڪجي، ماڻهن کي منٿ ڪيائين ته مون سان اچي آبت وهو. ڪيترائي ماڻهو فقير جي سڌ تي جوڙا ڪاهي آيا. اچي جو لڳا ته اٺ ڏهه جريب زمين کيڙي ويا ۽ پوءِ ڏاند چوڙي وينا. سني يَٽ جو انتظار ڪرڻ، چو ته آبت پوري ٿيڻ تي ونگارين کي هر ڪو منو پٽ ڪارائيندو هو. گهڻي دير گذري ته و تايي کي چيائون ته فقير، پلا چا وينو ڪرين، اُتي يَٽ آڻ!

فقير چيو ته انهيءَ ويچار ۾ وينو آهيان، ته توهين ته گهر به وڃي ڪائيندؤ، پر آءٌ ڪٿان ڪائيندس.

## 41. چڱو ٿيو جو اُجلي چڏيم نه ته منهنجا به لاهه نڪري وجن ها

وتايو پر واري ڳوٺ ڏانهن ٿي ويو. واٽ تي سج لهي ويس. مٿان رات پئي هن وٽ ڪيسي ۾ هڪ رپيو پيل هو. هن کي ڊپ لڳو ته متان هن رپئي لاءِ ڪو هلاڪ نه ڪري وجهيم. سو اهڙي ڊپ واري شيءِ کان جند چڏائجي. پوءِ رپيو ڪدي هڪڙي ڪرڙ جي پاڙ ۾ اجلائي هليو ويو. صبح جو ڪي ڌنار اتان اچي لنگهيا. چمڪندڙ رپئي تي نظر پين. مال چڏي اچي رپيو کنيائون. پوءِ دل ۾ چيائون ته لاشڪ هتي ڪا ملڪيت پوريل آهي. بس پوءِ ته اچي ڪهاڙين جا وارو وار ڪٽي کيائون. آس پاس جا وڻ سيئي پاڙئون پٽي باهر ڪيائون، پر ٻيو ٿيو مڙئي

خير. هوئي اهڙو هڪڙو رپيو. ٻي ڏينهن جڏهن فقير اتان اچي مَٽيو ۽ وٽن سان ويل ٿيل ڏسي، چوڻ لڳو، ”چڱو جو اُن ڪُتڪي کي اچلي ڇڏيم، نہ تہ هنن وٽن وانگر منهنجا بہ لاهہ نڪري وڃن ها!“

## 42. مئل نہ هجان ها تہ گاڏي نڪتل ڏسين ها

هڪ ڏينهن وتايو ماءُ کان ڪاوڙجي نڪتو . چيائين هن گهر ۾ وري نہ ايندس وڃيو ٿيو ڪٿي مران . ائين چئي اچي مقام ۾ کڏڙي کوٽي سمهي رهيو تہ جيستائين ساهہ نڪري وڃي، تيستائين اتي سُتو پيو هوندس . مقام جي پر ۾ ڪا ٻني هئي، جنهن جو پاڻي پچي وڃي واٽ ۾ پيو هو . اتان ڪو ٻيل گاڏي وارو مال سان پريل گاڏي ڪاهي اچي لنگهيو گپ هئڻ سبب گاڏي گپچي پئي هوڪا ڪرڻ لڳو تہ ٻيلي ڪو اوري پري همراهہ هجي تہ اچي مون کي مدد ڪرائي جو گاڏي گتي پئي اٿم . اهو هوڪو ٻڌي وتايي چيو تہ يار، سڌ تنهنجو ٻُڌو اٿم، دل بہ پئي چئي تہ تنهنجي مدد ڪريان. پر مُئو پيو آهيان. مئل نہ هجان ها تہ گاڏي هن کان اڳ ٻاهر نڪتل ڏسين ها!

## 43. هي ڍڳو منهنجو آهي!

وتايي فقير ٻني آبت تي ڪيڙائي پر هرلي ۾ ڍڳو واهڻ لاءِ ڪپندو هو س، سو لڳو ڳوٺن ۾ لوهون ڏيڻ . آخر هڪڙي ڳٺ مان چاليهن رپين ۾ ڍڳو خريد ڪيائين ۽ پئسا ڪتي لتي ڏيڻ جو واعدو ڪيائين . پوءِ ڍڳو ڪاهي، ڳوٺ ڏانهن ٿي آيو تہ جيڪو ماڻهو مليس، سو پڇيس تہ فقير ڍڳو ڪنهن جو آهي؟ جي چوي تہ منهنجو آهي تہ وري پڇيس گهٽي ورتو اٿئي ۽ ڪٿان ورتو ا ٿئي ۽ ڪنهن کان ورتو اٿئي؟ اهڙن سوالن جا جواب ڏيندي، ٻنهين خفي ٿي پيو . سو چا ڪيائين جو ڳوٺ ٻاهران اچي، ڍڳو وڻ سان ٻڌي پاڻ متي وڻ تي چڙهي . گهوڙا گهوڙا ڪرڻ لڳو ۽ چوڻ لڳو، ڳوٺ وارا سيئي سِگها سِگها اچو نہ تہ وتايي جو حال ڪونهي . ماڻهو رڙين تي ڊوڙندا آيا. پڇيائونس، فقير تو سان ڪهڙي ويڌن آهي، جو سڄو ڳوٺ ڪٺي ڪَڏ ڪيو اٿئي؟ چيائين تہ هي ڍڳو جيڪو وڻ سان ٻڌو پيو آهي، سو مون چاليهن رپين ۾ خريد ڪيو آهي . منهنجو ئي آهي، چوريءَ جو ڪونهي، نڪي خدا ڪارڻ مليو اٿم . توهان سيني کي سُڌ تو ڏيان، جنهن کي خبر نہ هجي، تنهن کي ٻُڌائي ڇڏج و. ائين چئي وڻ تان لهي ڍڳو ڪاهي ويو هليو.

## 44. جيڪي چوانءِ سو تہ اڳيئي آهين!

وتايو فقير ڪتي پري وڃڻ لاءِ سنيريو، خيال ڪيائين تہ ڪنهن کان وهٽ چڏائي چڙهي وڃان . پوءِ سيني واقف ڪارن وٽ لنگهي ويو، جنهن وٽ وڃي سو ڪُتو جواب ڏيو ڇڏيس.
چوٽي آهي تہ سڀ ڪو سائي جو، غريب کي ڪير پڇي بہ ڪونہ . رُلي رُلي واپس ٿي آيو تہ هڪ سونهون منهن ۾ مليس، دل ۾ آيس تہ هن کي صدا هٽي ڏسان، من مولا من ۾ وجهيس . پنڌ کان پوءِ بہ ڪُتي جي وات ۾ چڱو. گڏهہ هڪي تڪي اتس من ڪٽي ڏيڻ جي هام هٽي ! سو هن کي چيائين مون کي فلاڻي شهر وڃڻو آهي، پيادو وڃي رسڻ ۾ ديڇ لڳنديم، صبح کان وني وهٽ لاءِ قربو آهيان، هرڪو ڪياڙي ڪٽيو ڏيڪاري . جي تون مهرباني ڪرين تہ الله ڪندو تہ خوش هوندين. هن چيو منهنجو وهٽ هي گڏهہ اٿئي، سا قبول پوي تہ حاضر اٿئي، جيڪو حال حبيبان، سو پيش پريان. وتايو خوش ٿيو. گڏهہ جي ان کان واڳ ورتائين. متس چڙهي اتي هليو. گڏهہ ڍرڙي پئي هلي، فقير وني سؤنتا پيڙيس . ڏنبن جي ٻاهر کان گڏهہ وني فقير کي کُڏائي پَٽ سان هنيو . سڄو ڏوڙ ۾ پِيُوٽ ٿي ويو . گڏهہ کي ڏسي چوڻ لڳو، ”جيڪي چوانءِ سا تہ اڳيئي آهين .“ ڪپڙا چنڊي گڏهہ ڌڻيءَ کي ڏئي، پيادو وڃي ان شهر کان نڪتو.

## 45. مرنداسين اُتي، جتي ڪو سجاڻو نہ هوندو!

وتايو سير ڪندو هڪڙي وڏي شهر ۾ آيو . قسمت سان بيمار ٿي پيو . سو شهر جي مسافرخاني ۾ هڪڙي ڪنڊ ۾ گودڙي وڇائي ليٽي پيو. بيماري وڌي وئي ۽ مٿس غشي طاري ٿي ويئي. سڄو ڏينهن بيهوش پيو هو. ماڻهو اچي گڏ ٿيا . تن چيو هن جو ڪو هتي مٽ مائٽ، ڄاڻ سڃاڻ ه جي ته انهن کي ٻڌايو . خبر ناهي هندو آهي يا مسلمان آهي! وتايي اهي لفظ ٻڌي چيو، هتي هندڪي مسلمانڪي پئي هلي، آءٌ اُتي مرندس جتي ڪو سڃاڻو نه هوندو. ان جولان ۾ گودڙي ڪڇي رمندو رهيو.

## 46. ڇڏ انهيءَ کي جنهن الله به وسارايو!

هڪڙي پيري فقير وڏي سڏ، لا اله الاالله جو ذڪر ڪندو پئي ويو ته واٽ تي ڪنهن سخي مرد، هن کي خدا ڪارڻ هڪ رپيو ڪڍي ڏنو . فقير رپيو وٺي اٿي هليو ته دل ۾ هورا ڪورا ٿيس ته رپئي جو اَنُ وٺان يا امان جا ڪپڙا وٺان، يا رکي ڇڏيان . انهي رد بدل ۾ ذڪر وسري ويس . پوءِ اوچتو چرڪ پري چيائين، هيءُ ڇا !؟ هڪڙي رپئي خدا جو نالو وسارائي ڇڏيو آهي، جي گهڻا هجن ها ته الائجي ڪهڙو حال ٿئي ها !؟ ڇڏ ڪٽي ان کي جنهن الله وسارائي ڇڏيو آهي! اهو سوچي رپئي کي اُڇلائي ڇڏيائين.

## 47. ماريو ته انهيءَ تڪڙ آهي!

هڪڙي سال وتايي کي خيال آيو ته ڪنهن سان پائيواريءَ تي گڏجي ٻني پوکيان . سو هڪڙي ڪڙميءَ کي چوائين ته مون کي پاڻ سان پائيوار ڪر . هن قبول ڪيو . ٻئي ڏينهن گڏجي زمين تي آيا ۽ جهنگ وڍڻ شروع ڪيائون. پوءِ هاريءَ چيس ته تون وڃي اُماڙي ڪٽي آءٌ ته ڪوهڙ ساڙيون . وتايو نوبر ڪٽي ويندو رهيو . ويو ته وڃڻ کي ويو . هاريءَ هَر ڏنا، سانور گهمايو، ٻج ڇٽيو، پاڻي ڏنو، پر وتايي جي وتاڳ به ڪانه سُڻائين . آخر ته پوک پچي تيار ٿي، لابارو پيو، اَنُ ڳاهيو، واٺريو ۽ رانهه ٿي . جڏهن ٻنئي ٿيڻ جو ڏينهن آيو، ته وتايي کي خبر پئجي ويئي ۽ نڪر ۾ ٽانڊو ڪٽي ڊوڙندو ڪري تي آيو . اچا ويجهو ٿيو ئي ڪونه هو، ته ٿاٻڙجي ڪري پيو . پائيوار هاري پڇيس، هيترا ڏينهن ڪٿي هئين؟ جو اڄڻ سان ڪري پيو آهين؟ فقير چيو ته ٽانڊو هٿ ڪرڻ، وري جلد ورڻ ڪري ڪريو آهيان . هاريءَ چيو ڇهن مهينن کان پوءِ ظاهر ٿيو آهين، وري چوين ٿو ته جلد وريو آهيان؟ وتايي چيو، تڏهن ته چوان ٿو ته: ماريو ته انهيءَ تڪڙ آهي.

## 48. دعا پلي نه سُڻ، پر ڪڏ ۾ ته نه هٽي مار!

هڪڙي ڏينهن وتايو ڳاٽ مٿي ڪريو الله کي ستائيندو پئي ويو . ڪنڌ مٿي هوس ۽ چيائين پئي وتايي تي پنهنجو رحم ڪر، وتايي جو حال ڪونهي ٻڌاءِ ته وتايو ڇا ڪري؟ جنهن کي پروس ڪٽي ڇڏيو اٿئي . ايترو چوندي اڳيان ڪا ڪڏ هئي، تنهن ۾ وڃي ڦهڪو ڪيائين. ڪرڻ سان چوڻ لڳو ته دعا پلي نه سُڻ، پر ڪڏ ۾ هٽي ته نه مار!

## 49. ڄار جي پاڙ تائين ڊپ اٿئي!

وتايي وٽ هڪ رپيو پٽڪي جي پلاند ۾ ٻڌل هو . رات رستي ۾ پئجي ويس . ڊپ ۾ ته متان ڪو ڦورو ملي ۽ رات وڳڙي ۾ ماري وجهي يا چوي ته ڪيڏ ناڻو باهر، نه ته مارياڻين ٿو . اهي پور پچائي رپيو پلاند مان ڇوڙي هڪڙي ڄار جي وڻ جي پاڙ ۾ پوري ڇڏيائين . پوءِ بي ڊپو ٿي اڳتي هلڻ لڳو، ته هڪ ڇڙو ماڻهو مليس، جنهن چيو ته يار هن جوءِ ۾ چورن ۽ رهزنن جو پؤ آهي، توکي ته ڪونه مليا؟ ڪهڙي هند انهن جو گهڻو خوف آهي؟ وتايي چيو گهڻو خوف البت انهيءَ ڄار جي پاڙ تائين آهي، پوءِ ڪوبه پؤ پولو ڪونهي.

## 50. ڇُٽي پيو سومهڻي جي سورن کان!

وتايو جنهن مسجد ۾ نماز پڙهندو هو، تنهن جو مولوي سومهڻيءَ جي نماز تمام ڊگهي ڪري پڙهائيندو هو . هڪ ڀيري ڳوٺ جي ڪن ماڻهن وتايي کي چيائون رات فلاڻو گذر ڪري ويو . وتايي پڇيو ڪير هو؟ سندس ڪو نشان پتو ٻڌايو . هنن چيو جيڪو تنهنجي پر ۾ بيهي نماز پڙهندو هو . فقير چيو، چڱو ٿيو، ڇُٽي پيو سومهڻي جي سورن کان.

## 51. پوءِ پڌن تي سيڌون هٽندو وتندو!

ڳوٺ ۾ مهامري اچي پئي. ڳوٺن جا ڳوٺ ماڻهن کان خالي ٿيڻ لڳا. ڪي ماڻهو گڏجي وتايي وٽ آيا ۽ چيائونس ته فقير، دعا ڪر ته الله سائين رحم ڪري، بُ چڙي (وبا/بيماري)، ملڪ مان نڪري وڃي . چيائين چڏي ڏيوس، ماڻهو مري ٿيندا پينگ، سندس نالي وٺڻ وارو به ڪو ڪونه رهندو، پاڻ اڪيلي سر پوءِ پڌن تي سينڌون هٽندو وتندو!

## 52. آسمان وارو معصومن جي جهٽ ٻڌي ٿو!

هڪ ڏينهن وتايي وٽ ڪي سنگتي اچي ڪَنا ٿيا . چيائونس ته ڏاڍي بک لڳي آهي، ڪجهه ڪاراءِ. فقير ويچار ۾ پئجي ويو ته هڪ چوڪر ڪوهر ڪٽي هوڪو ڏيندو اچي پرسان لنگهيو . فقير امالڪ ان کي سڏي چيو ته بابا، هنن همراهن کي ڪجهه ڪاراءِ. پوءِ بالڪ سيبون پريندو هر ڪنهن کي چڱا خاصا ڪوهر ڏيندو ويو . تان جو سڄو پاٽوڙو خالي ٿي ويس . پوءِ وتايي کي چيائين ته ڏي پئسا . وتايي چيو ماٺ ڪر جيسين پئسا اچن . چوڪر وٺي گوڙ گهمسان ڪيو . چي: مون مسڪين جا ڪوهر مفت ۾ وتايي ڪارائي ڇڏيا آهن . پئسا به نٿو ڏي، چوي ٿو ته ماٺ ڪر، پَهر گذري ويو آهي . وتايي چيو ته مون توکي چيو ماٺ ڪر، گهوڙا گهوڙا نه ڪر ! ائين چئي به ٿي ٿڦون وهايُئي ڪدپائينس. ٿڦون لڳڻ سان وڏيڪ چوڪر آسمان مٿي تي ڪٽي ڏنو . ماڻهو اچي ميڙ ٿيا. چوڪر کان پڇيائون ته ابا چا آهي؟ چوڪر سڄي ڳالهه ڪري ٻڌائي . ان تي هڪڙي ماڻهوءَ چيو وتايي وٽ ڪتان آيا پئسا؟ اچي وٽ جيترا تنهنجا پئسا ٿين سي ڪڻ. پوءِ چوڪر ڏوڪڙ وٺي ويندو رهيو. سنگتين ڀيس ته اهو چا ڪيئي؟ چيائين مون وٽ هڙ ۾ ڪي ڪين هو، سمجهيم ته تڪڙو سوال خدا به ڪين سٽندو . سو هن معصوم کي ٿڦڙ هٽي، دانهون ڪرايم، جو ٻڌي اٿر ته: آسمان وارو معصومن جي جهٽ ٻڌي ٿو.

## 53. لِڪڻ جو لَڪ ناهي.

وتايي فقير کي ڪنهن همراهه ڏسي،زور ڪري چيو ته فقير مرڻ برحق آهي ؟ فقير چيو تڏهن ٿو چوين موت برحق آهي جو لڪڻ جو لَڪ ناهي.

## 54. هڪڙو ڏيان نه پيو لڪايان به نه؟

هڪڙي شاديءَ جي دعوت وتايي فقير کي به مليل هئي . سيئي ماڻهو پت ڪائي پوئو لڪائيندا ٿي ويا . ڪنهن ڪيترو ته ڪنهن ڪيترو ٿي لڪايو . وتايو اهي واڪ ٻڌي، لڪندڙ جي ويجهو آيو ۽ چيا ئين منهنجا به پنج رپيا پوئو لکي چڏ. لڪندڙ چيو رپيا هٿ ۾ ڏي ته پوءِ لکيان . فقير چيو، چڱو ٿو چئين . اهڙو گنهگار مون کي ٿيڻو ڪونهي. هڪڙو رپيا ڏيان به نه، پيو لڪايان به نه!

## 55. تنهن ۾ توهان جو چا؟

وتايي فقير کي چيائون ته اڄ ديگ پت جي توهان جي پاڙي ۾ همراهه ڪٽيو پ ئي ويا . وتايي چيو ته تنهن ۾ منهنجو چا؟ ماڻهن چيو فقير اهو سمورو پت تنهنجي ماءُ کي پئي ڏنائون . تڏهن وري چيائين، تنهن ۾ توهان جو چا؟

## 56. چو ٿي مڙس کي هائيءَ ۾ هٽين؟

هڪڙي ڏينهن وتايو پاڙي مان ڪنهن مائي کان ڏڌ ونڻ ويو . گهر جي ڏياٽيءَ مڙس کي پئي چيو ته ميان تون به ڪنهن اولياءَ تي باس وجي باس، مجتا مج ته الله سائين ڪا مني مراد پسائينئي . اولاد سان جهولي پرينئي . وتايي اهي حرف ٻڌي مائيءَ کي ٻاهر اچڻ لاءِ سڏ ڪيو، جڏهن مائي ٻاهر آئي ته هن کي چيائين ته هوءَ اروڙيءَ تي ٻارنهن ٻچن سان ڪُڪڙ پئي چڳي، ڏسين ٿي؟ چيائين هائو . ته پوءِ تون ڪٽي ٻڌاءِ ته ان ڪهڙي اولياءَ تي سُکا باسي، جي ٻارنهن ٻچا ونيو پئي هلي ۽ ڪهڙي پير تي پڙ وڌائين؟ ٻڌاءِ؟ چري ڏيڻ وارو ڏيي ته ويرم ئي ڪانهي. چو ٿي غريب مڙس کي هائيءَ ۾ هٽين.

## 57. گابي کان رنپ ڪرائين ها!

هڪڙي پيري وتايي ڍڳي پئي ڏڌي . گابي کي ونگ سان ونگي ڇڏيو هئائين. ڪير ڏهندي ڪيس گابي ڏارائڻ جو خيال لهي ويو. چارئي ٿڻ ڏهندو رهيو ته گابي گُبو هنيو ته ونگ ڍرو ٿي ويو . ونگ ڍري ٿيڻ تي ڳئونءَ جو وني لت هنئي ته لوٽي اونڌي ٿي پئي . اتي خدا کي چوڻ لڳو ته مولا سائين، جي مون کي گابو ڏارائڻ وسري ويو هو ته توکي ته ياد ه و، تو ڍڳيءَ کان لت هٽائي سيني کي بک مارايو. ڪٽي گابي کان رنپ ڪرائين ها.

## 58. ڳنڍڻ ته ڪونه مليو، پر ماني کان به نراس!

هڪ ڏينهن وتايي جي اڳيان ماٽس ماني آٽي رکي . پڇيائينس ته رُکي ماني آهي چا؟ ماٽس چيو، ها . وتايي چيو رُکيون مانيون ڪائي بيزار ٿي پيو آهيان. ماني ڪڻ، مون کي نه کپي، ڪو ڳنڍڻ مليو ته کائيندس، نه ته نه . ماٽس چيو ته الله سائين کان دعا گهر ته ڪو ڪتان در پٽي ڏي، باقي آهي ڏڌ لپ به ڪانه . ته چگو، آءٌ ڪتان لسيءَ لپ ڇڏائي ٿو اچان. ائين چئي اٿيو، چونه سندس ڪتو به چڙيل پنيان بينو هو . وتايي جو اُٿڻ ۽ ڪُتي جو مانيءَ ۾ چڪ وجهڻ. اتي فقير دانهن ڪئي ته ڳنڍڻ ته ڪونه ڏيارئي پر اُن کان اڳي ماني به ڪٽائي ڇڏيئي !

## 59. نماز لاءِ وڏيري جهڙو بندوبست هجي ها

وتايي جي مهندان هڪڙو ماڻهو لُر ڀڳو ويو . وتايي ڊوڙي وجي جهليس، پڇيائينس ته ادا، آهي ته خير، هينئن تاپين ۾ ٽتو وجين؟ ماڻهوءَ چيو ته ڳوٺ جي وڏيري جو حڪم آهي ته جيڪو نماز نه پڙهي، ان کي ٻڌي مون وٹ وني اچو ته ڪُتن جي ٻچ ڪرايانس . صبح واري نماز مون پڙهي ڪانهي . ٻڌم ته وڏيري جا ماڻهو رسا ڪٽيو منهنجي ٻڌڻ لاءِ پيا اچن. هاڻ ڀڳو وجان ته هنن کي هٿ نه اچان، نه ته وڏيرو پنيءَ تي موچڙا هٽائيندو . اهو سٽي وتايي منهن متي ڪري چيو ڏس پلا ڪٽي تا ماڻهو شرافت سان نماز پڙهن؟ ماڻهو سڀ نماز پڙهن ها، جيڪر وڏيري جهڙو نماز پڙهائڻ جو بندوبست هجي ها.

## 60. پانئين ٿو ته رخ ڪهڙو هوس؟

هڪ سانجهيءَ جو وتايو فقير گدائيءَ شفائيءَ جي خيال سان پر واري ڳوٺڙي ۾ ٿي ويو . هُڙيءَ وٺ پهتو ته ڪيس ڪنهن ماڻهوءَ سڏ ڪيو. فقير مُڙي ڏنو ته همراهه ويجهو اچڻ جو اشارو ڪيس . هيءُ ويجهو ٿيو ته ڏسي ته هڪڙو ماڻهو وڻن جي اوٽ ۾ بينو آهي . هن کان پڇيائين چا ٿو چئين؟ هن چيو ته سامهون ئي ڳوٺ ۾ شايد پنڻ ٿو وجين؟ فقير چيو هائو. ته چگو ڪَنَ ڪولي ٻڌ. ڳوٺ جي منڍ ۾ نم وارو گهر اٿئي، اتي وجي صدا هڻج . هڪڙي زائفان چٽي ڳوري، ڳچي ڊگهي، قدآور ۽ ٻه چوٽيون ٽيل خيرات ڏيڻ لاءِ ٻاهر ايندي، هن کي چئج ته سامهون هُڙيءَ ۾ تو وارو سينڌو بينو آهي، چيو اٿس سِگهي اچي مون وٽان ٿي وڃ . پهرين اهو نياپو پهچائي، پوءِ ٻيا گهر پنجانءِ جي نياپو نه ڏنئي ۽ وري هتان ٿو مٽين ته هيءُ ڪهاڙيءَ ڏسين ٿو، ڳيا ڳيا ڪري

ڇڏيندوساڻ. فقير آنهن ڪري ڳوٺ ۾ ان گهر وٽ اچي سنئين هنئي . ساڳين پارن واري عورت ٻاهر آئي . هن کي سربستو نياپو ڏنائين. اها زال پيغام سڻي اچرج ۾ پئجي ويئي. فقير کي چيائين منهنجو ته ڪو سيٽڻو يا ڪو چڱ ڪونهي، توکي غلط پارانيو مليو آهي . فقير چيو مون توکي سڏايو . هاڻ تون جاڻ ۽ هُو جاڻي . تنهن تي عورت چيس ته پلا ڪجهه هن جا پار پتا ڏينم . فقير چيو ڏاڀ تي پٽڪو، مٿي تي ٻڌل، هينان ڪاري ڳوڏ ٻڌل ۽ ٻُت تي صدري پيل هيس ۽ هٿ ۾ ڪهاڙي هيس . پير اگهاڙا ۽ جُهنڊ هٽيو بيٺو هو. عورت چيو ته اهي پار ته مون کي دل سان ئي نٿا لڳن . وتايي چيو ته نٿا لڳن ته نهيو . تڏهن هن زال اُبهري تي پڇيو ته فقير ، پلا رخ ڪهڙو هئس؟ فقير چيو ته رخ اهو هئس، جي ويندينءَ ته اُمالڪ پليت ڪندئي.

## 61. بنا اجوري ڪٽيو پيا هلون!

وتايي جا ڪپڙا ميرا ۽ ڦاٽل هئا، سو هڪڙي تڙ وٽان اچي مَٿيو . ڪن زالن تڙ تي ڪپڙا پئي ڌوتا . هڪ پوڙهي عورت وتايي کي ڏسي چيو ته تون ته ڪو مت جو وڙهو آهين، پوءِ هن زالن جي تڙ وٽان چو اچي لنگهيو آهين؟ ڏس ته ڪپڙا ڦاٽا پيا اٿئي، وَسلا پيا ڏسجنئي . فقير چيو ته سچ تي چوين . اهي وَسلا آهن اوهان جا، چو ته ٻار توهين ٿيون ڄڻيو، اسان ته بنان اجوري ڪٽيو پيا هلون!

## 62. ڏاڍو تکو گهوڙو هو، جيڪو هڪ ئي رات ۾ جهان ڇڏي ويو

هڪ دفعي ڳوٺ جي هڪڙي زميندار گهوڙو خريد ڪيو . ان کي ڏسڻ جي لاءِ ڪيترائي ماڻهو زميندار جي گهر پهتا، انهن ۾ وتايو فقير به موجود هو. زميندار چيو ته "مون هيءُ گهوڙو هڪ سؤ روپين ۾ خريد ڪيو آهي، ان لاءِ ته هي تيز رفتار آهي ." ماڻهن چيس ته "اوهان هن تي سواري ڪريو ته اسين ڏسون ." زميندار جواب ڏنو ته "اڄ هن کي آرام ڪرڻ ڏيو، سڀاڻي صبح جو سوير آئون هن تي سواري ڪندس اوهان ان وقت ڏسجو !" اهو ٻڌي ماڻهو پنهنجن پنهنجن گهرن ڏانهن موٽي ويا.
ٻئي ڏينهن صبح جو سوير ڳوٺ جا ڪيترائي ماڻهو ۽ وتايو فقير زميندار جي جاءِ تي پهچي ويا . زميندار کي جڏهن ماڻهن جي اچڻ جي خبر پئي ته ٻاهر نڪري آيو، ان وقت سندس اکين مان لڙڪ وهي رهيا هئا . هن گنڀير آواز ۾ چيو ته، "منهنجو گهوڙو رات مري ويو."
وتائي فقير چيو "ڏاڍو تکو گهوڙو هو، جيڪو هڪ ئي رات ۾ هن جهان کان هن جهان ۾ پهچي ويو!"

## 63. گڏهه جي تصوير.

هڪ ڏينهن وتايو فقير ڪنهن تلاءَ ۾ وهنجي رهيو هو . هن جا ڪپڙا تلاءَ جي ڪپ تي رکيل هئا . هڪڙي حرڪتي ڇوڪر ڇا ڪيو جو هن جي قميص تي ڪوئلي سان گڏهه جي تصوير ناهي ڇڏي. فقير جڏهن وهنجي ٻاهر نڪتو ته ڪپڙا پاتائين ۽ هن کي سندس ڪپڙن تي گڏهه جي تصوير نظر آئي، ويجهڙائي ۾ ڪيترائي ماڻهو ويٺل هئا. وتائي فقير وڏي واکي چيو ته "ڪهڙي گڏهه منهنجي قميص سان منهن اگهيو آهي ." اهو ٻڌي پر ۾ ويٺل ماڻهو ٺهڪ ڏيئي کلڻ لڳا.

## 64. ماٺ ڪري هليو وڃان ها!

هڪ ڀيري وتايو فقير ڪنهن ڳوٺ ۾ پهتو ۽ اتان جي ماڻهن کي سڏي چيائين ته "مون لاءِ هڪدم مانيءَ جو بندوبست ڪريو نه ته اوهان سان اهو ئي سلوڪ ڪندس جيڪو اڳئين ڳوٺ وارن سان ڪيو اٿم !"
وتائي جي اهڙي ڌمڪي ٻڌي ماڻهو ڊپ کان هن لاءِ عمدا کاڌا تيار ڪرائي آيا . جڏهن کائي خوش ٿيو ته ڳوٺ وارن پڇيس ته سائين اوهان اڳئين ڳوٺ وارن سان ڪهڙو سلوڪ ڪيو هو؟ " وتائي چيو "مون انهن کان ماني گهري، پر هنن نه ڏني ۽ آءٌ ماٺ ڪري هليو آيس . جيڪڏهن اوهين به ماني نه ڪارايو ها ته آءٌ هتان به ماٺ ڪري هليو وڃان ها، ٻيو ڇا ڪريان ها!"

## 65. أبتو ڪري ٽنگڻ بہ مسخري آهي.

هڪڙي ماڻهوءَ چيو، فقير الله سائين بي نياز آهي، تون ساڻس مسخريون ۽ حُجتون ٿو ڪرين . ڏينهن قيام ابتو ڪري ٽنگيندءِ. فقير چيو هڪ سنئين سڌي ماڻهوءَ کي ابتو ڪري ٽنگڻ بہ مسخري آهي.

## 66. سمنڊ کي مينهن جي ڪهڙي ضرورت؟

هڪ ڏينهن وتايو لاڙ پاسي ۾، سمنڊ جي ڪِناري تي ويٺو هو. ڏسي ڪٿي تہ سمنڊ مٿان مينهن پيو وسي، سُڪيءَ تي هڪ ڦڙي بہ نٿي ڪري . سو اکيون مٿي ڪري چيائين : ڏاڍو زور وارو آهين ! پاڻيءَ کي پاڻيءَ جي ڪهڙي ضرورت؟ هن ائين چيو تہ مينهن بند ٿي ويو . پوءِ ڪيترائي پاڻيءَ جا جيت جڻيا ۽ جانور ڳاٽ ايا ڪري ٻ اهر نڪري آيا. ايتري ساري مخلوق ڏسي، فقير چيو مون کي اها خبر ڪانہ هئي، آءٌ ڀلا تو جيترو ڪيئن ڄاڻي سگهندس!

## 67. هُو ڪِني عادت نٿو ڇڏي، آئون سٺي عادت ڪيئن ڇڏيان

هڪ ڀيري فقير درياهہ جو ڪپ ڏيو پئي ويو تہ هڪ ڀٽونءَ کي پاڻيءَ ۾ ٻڏندو ڏٺائين . سو ترِي هينيان ڏئي . ٻاہ ر ٿي ڪڍيائينس تہ وِڇونءَ نڪاءُ ڪرايس ڏنگ . ان جي سور کان تري ڪڍي ورتائين . تہ وري ٻڏڻ لڳو . هن وري بہ تريءَ مٿان ڪنيس تہ ڏنگ هنيائين . تہ تري ڇنڊڻ لڳو . ڪنهن ماڻهوءَ اهو تماشو پئي ڏٺو . تنهن چيس فقير، ڇڏ دشمن کي تہ ٻڏي مري، ڏسين نٿو تہ هو پنهنجي ڏنگ هڻڻ جي بچڙي عادت ماڳهين نٿو ڇڏي؟ فقير چيو تہ هو پنهنجي ڪِني عادت نٿو ڇڏي ۽ آءٌ پنهنجي سُٺي عادت، ٿوري تڪليف ڪري، ڇو ڇڏي ڏيان.

## 68. ڇگو چار آنا ڏيو.

وتايي کي ڪنهن ماڻهوءَ خدا ڪارڻ رڍ ڏني هئي . پئسن جي ضرورت هيس، سو رڍ وجي شهر ۾ وڪڻڻ لاءِ ويٺو. ماڻهن ڪانئس پڇيو تہ فقير رڍ گهڻو ٿي لهي. چيائين تہ پنج رپيا. هڪڙي چرچو ڪري چيس تہ فقير، لهي تہ گهٽئي ٿي پر تون فقير تن آهين، ڪا ڇوٽ بہ ڪر جو دنيا ۾ تنهنجو ڪو مثال نہ ٿئي . فقير چيو تہ اهو آزمودو ٿا ونو تہ ڇگو رڍ جا چار آنا ڏيو تہ آءٌ ماني وني وڃي ڪاوان، ڪالهونڪر بکيو آهيان.

## 69. الائجي ڇا آهي؟

هڪ لڳا رستي تان ويندي فقير چانديءَ جي دٻلي لڌي، کوليائين تہ خوشبوءِ پکڙجي ويئي، ڇاڪاڻ تہ اُن ۾ ڪٿوري پيل هئي . وتايي ڪڏهن بہ اهڙي خوشبوءِ ڪانہ سونگهي هئي، منجهي پيو تہ الائجي ڇا آهي؟ جي ڪنهن کان پڇندس تہ مٿان چور ڪري ٻڌائيم . پوءِ پور پڇائيندو گهر آيو ۽ ماءُ کي چيائين ماني پچائي ڏنيم . جڏهن هن اٿو ڳوهيو تہ دٻلي ڪٽي ان ۾ اُلٽايائين . ماڻس پڇيو اهو ڇا آهي؟ جنهن ۾ ڏاڍي سُرهاڻ آهي؟ وتايي سوچيو وڻندڙ شيءِ آهي، جوکو ڪونہ پهچائيندي . پوءِ ڪٿوريءَ پڪل ماني کائيندي ماڻس پڇيو ڇا آهي، وتائي سادگيءَ سان وراڻيو تہ الائجي ڇا آهي؟

## 70. ڇگو جو وڻ ۾ ڇانهين نٿي ٿئي!

هڪڙي ڏينهن وتايو ٺڪجي ڪنهن ٻير جي وڻ هينان اچي سُتو. مٿي ٻيرن کي ڏسي ڇوڻ لڳو تہ هي وڻ بہ انبن جي وڻ جيڏو آهي. ان جو ڦر- ٻير ننڍو خلقيو اٿس پر انبن جي وڻن ۾ انب هن کان گهڻو ڳؤرو آهي . تنهن کان بہ عجب جي هيءَ ڳالهہ آهي، جو ڇانهين وري دل ۾ پيدا ٿو ڪري، جيڪا وڻ ن ۾ پيدا ٿيڻ گهرجي هئي . ايتري جو هڪڙو ٻير اچي ٺڪڻ تي ڪريس تہ مٿو ڪنهڻ لڳو . ڇوڻ لڳو تہ آءٌ ڀُليو آهيان، مٿان ڏڪ هٽڻ ۾ هي ننڍڙو

ٻير ٻہ ڦهري ٿو ڏسجي، چڱو جو انهيءَ وڻ ۾ چانهين نٽي ٽئي ! نہ تہ وتايو ڪنهن ڪان موڪلائي ٻہ ڪين سگهي ها.

## 71. هر هر جواب ڏيڻ بيحيائي آهي!

وتايو گهر ۾ ڪن گهرن ويچارن ۾ وينو هو . ماڻس چيو تہ ابا، ٻاهران ڪانيون ڦانگا ڳولي آڻ تہ چُلهہ دکايان . وتايي چيو تہ مون کي هينئر چڏي ڏي . ماڻس ويئي، چيٽا ڪانيون ميڙي اچي ٻاهہ ٻاريائين، پوءِ وري وتايي کي سڏ ڪري چيائين، ابا، هي گهڙو پري اچ تہ اٽو ڳوهيان، ماني پچايان. فقير چيو، امان چيو ماڻ ڪين تہ مون کي ڪجهہ بہ نہ چئو . مائي وئي، گهڙو ڀري آئي . ماني پچايائين. پوءِ چيائينس تہ ٻلا، ڏڌ لپ ٻاڙي مان وني اچي ماني کاءُ. وري بہ ساڳي ڳالهہ. اصل ڪجهہ نہ چوينم . پوڙهي ويئي، ڏڌ وني آئي، چڱو ٻلا راتوڪو بکيو آهين، ماني ڏڌ رکيو آهي ڪو تہ گرانهہ کڻ.

الا الا ! ماءُ الائجي ڇا ٿيندي آهي؟ جيئن ٿو جهليانس تيئن ٿي نئون حڪم ڏينم . امان، هر هر جواب ڏيڻ بيحيائي آهي. اجهو تنهنجو حڪم مڃيان ٿو. ماني ڪائي ڏؤ ڪريان ٿو.

## 72. مون کي نماز ياڻءِ نٽي پوي!

ٻاڙي جي ملان تمام چڱيءَ ريت وتايي کي هدايت ڪئي . مسلمانن کي نماز پڙهڻ گهرجي، جيڪو نماز نٿو پڙهي، سو مسلمان ئي ناهي . اُتي هلي نماز پڙهہ . وتايو ساڻس گڏجي نماز پڙهڻ ويو . اجا فرض جوٽيائون تہ پنيان واڪو ٿيو تہ "وتايا ڪٽي آهين؟ ڊوڙي آءُ تنهنجي گهر جي لوڙهي کي ٻاهہ لڳي ويئي آهي!"

اهو آواز ٻڌي، نماز کي اڌ ۾ ڇڏ ي، فقير گهر ڏانهن ڀڄندو ويو ۽ چوندو ويو تہ هن مُلن کي گهٽئي پيرا چيو اٿم تہ ادا، توهان واري مون کي نماز ياڻءِ نٽي پوي، تڏهن بہ ڀچار نٽا ڇڏين . هاڻ خوش ٿيا هوندا جو وتايي جو گهر پيو سڙي.

## 73. جيڪا گهٽن جي صلاح!

هڪ دفعي فقير پاڻ سان ڪتو ونيو پئي ويو . جڏهن شهر ۾ گهڙيو تہ سندس ڪُتي کي ٻيا ڪتا ڦري آيا ۽ چڪ هڻڻ لڳس. وتايي وٺ لٺ هئي، سا پنهنجي ڪتي کي نڪاءُ ڪرايائين . ماڻهو پڇيس تہ فقير، هيءُ ڪتو تنهنجو ڪونہ آهي ڇا؟ وتايي چيو هائو، منهنجو آهي، پوءِ تون ڇوٽو مارينس؟ ان ڪري جو ٻيا ڪُتا ڦري آيا اٿس . هاڻ ڪبو ائين، جيئن گهٽن جي صلاح هوندي!

## 74. اسين بہ مڙس آهيون!

وتايي جي ٻاڙي ۾ ڪي بہ زال مڙس اچي پاڻ ۾ وڙهيا . مڙس زال کي موچڙي تي موچڙو پئي هنيو . گوڙ تي فقير هنن جي گهر اندر ويو ۽ موچڙو لاهي هن عورت کي بہ ٽي پادر هٽي ڪڍيا . مائيءَ جي مڙس پڇيو، "فقير تون ڇوٽو موچڙا هٽينس؟ " وتايي چيو "ٻلا تون ڇو ٿو ڪُٽينس؟ " هن چيو "آءُ تہ مڙس آهيان ." وتايي چيو، "اسين بہ مڙس آهيون. ٻيو اسين وري ڪدڙا آهيون ڇا؟" مڙس، زال کي مارڻ ڇڏي ڏنو ۽ چيو فقير تون نڪري وڃ، اسين ڄاڻون پاڻ ۾.

## 75. هينگ تہ منهنجي گڏهہ جي آهي!

وتايي مسافريءَ تي وڃڻ لاءِ گڏهہ ڏاري هئي. سا ڳوٺ ۾ پئي ڦرندي هئي. وتايي جي هئي سو ڪير بہ نالو ڪونہ وٺندو هوس. هڪڙيءَ شام جو وتايو پنهنجي گڏهہ ڳولڻ لڳو، خيال ڪيائين تہ هينئر ٻڌي ڇڏيانس، اسر جو چڙهي فلاڻي ڳوٺ ويندس. ٻاڙي ۾ هڪڙي ماڻهوءَ کي ٻري ٿي وهاڻءَ تي وڄٽو هو، ٻيو ڪو وهٽ هٽ ڪونہ

لڳس، سو وتايي جي گڏهه جهلي ٻڌي ڇڏيائين ته آڌيءَ مانجهيءَ انهيءَ تي چڙهي روانو ٿيندس . وتايي کي ڪنهن ٻڌايو ته تنهنجي گڏهه فلاڻو تنهنجي پاڙي وارو ڪاهيو پئي ويو . وتايو هن جي در تي آيو . سڏ ڪيائينس. پڇيائين ته ادا، ٻڌو اٿم ته منهنجي گڏهه تنهنجي گهر اندر آهي . مون کي سياڻي پري وڃڻو آهي، مهرباني ڪري ڇوڙي ڏينم. هُن کي ٻه پري وڃڻو هو، تنهن وڏا قسم ڪڻي چيو فقير ڪنهن تو سان چرچو ڪيو آهي، مون کي مرشد جو سُنهن آهي ته گڏهه مون وٽ ڪانهي . وتايي جو آواز سڃاڻي گڏهه اندران هينگ ڪئي . وتايي چيو ته اهو آواز منهنجي گڏهه جو آهي، تو هرويرو ڪوڙا قسم ڪنيا آ هن. هن چيو فقير تون مون مسلمان جي ڳالهه تي اعتبار نٿو ڪرين، پر هن گڳدام جي زبان تي مون تي شڪ ٿو ڪرين؟ سچ پچ ڪو چريٽ آهين ! هن چيو هائو هائو، ڏٺم تنهنجي مسلماني ! هاڻي مسلماني رڳو ڪوڙن قسمن تي وڃي رهي آهي . ائين چئي اندر گهڙي گڏهه ڇوڙي هليو ويو. هو ڪوڙو قسمي ڦڪو ٿيو.

## 76. مون کي خدا ڏيندو ته واپس ڏئي ويندس!

وتايي سان ماڻس گلا ڪئي ته ابا، تنهنجي ماني پچائي تي رکان ته ڪتا ڪڻيو وڃن، جي ڪوٺيءَ کي دروازو هجي ته ڪڙو ڏئي سانڍي رکي ڇڏيان، پوءِ اويل سويل ڪيڏي مهل به گهر اچين ته پنهنجي ماني ڪائين . هن چيو اجهو در ڪڻي ٿو اچان. پوءِ ويو، مسيت جو در پٽي گهر ڪڻي اچي، پنهنجي بارت تي چاڙهي ڇڏيائين . مسيت جو مُلان آيو، ڏسي ته در نهي ئي ڪونه. سو پيرو ڪڻي سڌو وتايي جي گهر وٽ آيو . سڏ ڪري چيائين ته "ميان، تون ته هاڻ ماڳهين ارڪانن مان نڪرندو ٿو وڃين . توکي شرم ڪونه آيو جو خدا جي گهر جو دروازو لاهي ڪڻي اچي پنهنجي گهر تي چاڙهيو اٿئي؟ " وتايي چيو شرم ته گهڻو ئي آيم پر ماني ڪتا ڪڻيو ٿي ويا . سوچيم ته جڏهن مون کي دروازي جيتري توفيق ٿيندي، تڏهن دروازو واپس وڃي رکندس، جو ته مون کي ڏيڻ وارو به اهوئي آهي، ڪيس خبر آهي ته وتايي وٽ در ڪونهي، هنن کي ت ڪليف آهي . مُلان چيو آءٌ در لاهيو ٿو وڃان . وتايي چيو در اهو لاهيندو جنهن جو آهي . باقي تون ٻڌاءِ تنهنجو ساڻس ڪهڙو لاڳاپو آهي . ڪهڙي مٽي مائٽي آهي يا توکي خود پاڻ چيو اٿس ته مون ۾ سگهه ڪانهي، تون وڃي وتايي کان دروازو وٺي اچ . ٻڌاءِ، ته توکي چا چيو اٿس؟ ماڻهو اچ ي گڏ ٿيا . ملان خار ۾ گاريون ڏيڻ ۽ وقلڻ لڳو . وتايي چيو هن کي جهليو، مون هن جو ڪوبه ڏوهه ڪونه ڪيو آهي. هي پاڻ کي سرخرو ڪرڻ لاءِ خدا جو عيوضي ٿيو آهي. مون کي خدا ڏيندو ته واپس (در) ڏئي ويندس.

## 77. اِجها توهان جي مُرشد جي جُتي!

ڳوٺ ۾ هُل هلاچو هُليو ته فلاڻو بزرگ ، فلاڻي ذات وارن جو مرشد اچي لٿو آهي، ڏاڍو خدا جو پهتل ماڻهو ۽ ڪافي ڪرامت وارو آهي . وتايي کي دل ۾ خيال آيو ته آءٌ به جونه وڃي سندس زيارت ڪريان . سو فقير جُتي پريري لاهي مرشد جي ڪٽ پرسان ويهي، انهيءَ جون ڳالهيون ٻڌڻ لڳو . هن کي مرشد جي ڪابه ڳالهه ڪانه آئڙي، سڀ ڪچهري مان اٿي وڃڻ وارو ٿيو . پر چا ڏسي ته جُتي هجيئي ڪانه. موٽي وري اچي ساڳيءَ جاءِ تي وينو. اتي مرشد جي چانديءَ سان مڙهيل جُتي رکي هئي . فقير ان مٿان پاٿول ماري وينو . ٿوري دير ڪان پوءِ، مرشد ڪم سانگي اٿيو ۽ جُتي ڳولڻ لڳو . وتايو ماٺ ڪيو ڪنڌ هيٺ ڪريو وينو هو . چوڌاري چؤ پچوءَ هلي ته مرشد جي جُتي نٿي لڀي، ڪنهن ڪنئي آهي؟ جنهن ماڻهو وتايي جي جُتي ڪنئي هئي، تنهن سمجهيو ته شايد پُل ۾ مون مرشد واري جُتي ڪنئي آهي، سو چوڻ لڳو ته اِجها اِجها، هيڏانهن پئي آهي مرشد سائين جي جُتي . هو جڏهن جتي ڪڻي ڪٽ جي ويجهو آيو، ته فقير چيو ادا، اها منهنجي جُتي آهي ۽ جوٽ هينان جُتي ڪڍي چيائين هيءَ توهان جي مرشد جي جُتي آهي . جنهن کي جُتيءَ جو سماءُ نٿو پوي، سو ڪهڙي ڪاني ڪرامت ڪندو هوندو!؟

## 78. هڪڙي جي اُوس اُونائيندو!

وتايو ڪنهن ڏُن ۾ منگن مست ٿيو وينو هو، تہ هڪڙو هاري هر ڪُلهي تي ڪٽي اچي مَٿ يو. فقير ڪي ڏسي چيائين وتايا فقير، مون نياڻي فلاڻي هنڌ پرڻائي ڏني آهي . ڇوڪريءَ جو مڙس بہ مون وانگر هاري آهي . بہ سال ٿيا آهن تہ مينهن وسي ئي ڪونہ ٿو، ڏاڍا ڏکيا ويلا پيا واريون . تون درويش آهين، دعا گهر تہ الله سائين ڪو پنهنجي رحمت وسائي . هو اتي ئي بينو هو تہ مٿان هڪڙو ڪنيار اچي لنگهيو . هاريءَ کان پڇيائين ڇا پيو درويش ڪي چئين؟ هن چيو دعا پيو گهرانس تہ ڪنيار بہ اچي مٿان بينو ۽ چيائين فقير مون بہ نياڻي فلاڻي هنڌ پرڻائي ڏني آهي. بہ سال لاڳيتو برسات بند ڪانہ تي ٿئي. ڇوڪريءَ چوائي موڪليو آهي تہ بابا، ڏاڍا ڏکيا آهيون، آوي چڙهي ڪانہ تي، ڌنڌو هلي ڪونہ ٿو . ڪجهہ تہ موڪليو تہ کائون . تون الله جو خاص ٻانهو آهين، ڪا دعا گهر تہ الله سائين سڪارج ڪري . وتايو کِلي پيو، چيائين توهين ٻئي هليا وڃو ٻنهي مان هڪڙي جي اوس اُونائيندو. باقي منهنجي ٻڌي ڪونہ ٿو. مرضيءَ جو مالڪ آهي.

## 79. اها ڳالهہ تہ وري ڪرين ها!

پاڙي وارين ماين جو وتايي جي ماءُ سان قرب هو . اويل سويل وٽس پيون اينديون هيون . هڪ ڏينهن وتايو لوڙهي وٽ بينو هو تہ هڪ پاڙي واري ماڻس سان ملڻ آئي . لهواريون اوپاريون ڪندي چيائين تہ وتايو تہ اڳئي مڱائي ڇڏيو هو، هاڻي وري گهري ڏسو تہ ڇا ٿا چون ؟ ويچارو سَتون ڪائيندو گهمي . ماڻس چيو، پڻس هندو هو تڏهن مڱايو هئائين. پوءِ مسلمان ٿياسين، هاڻي اسان ڪي سڱ ڪيئن ڏيندا جو چوان؟ وتايي ۾ ڪو ڪمائيءَ جو ڪِرُ ڪونهي، جو ٻئي ڪنهن ڪان سڱ گهران ڪٽي ۽ پوءِ وري ٻيون ڳالهيون ڪرڻ لڳيون، جڏهن مائي اُٿي وڃڻ واري ٿي تہ وتايي وڏي اچي چيس تہ ماسي، اڳين سيٽن ڪان سڱ گهرڻ واري ڳالهہ تہ وري امان سان ڪرين ها. مَن مُڙي بہ پون!

## 80. ڇريا ڳريا آهيون پر ننگَ سُجاڻون ٿا

قسمت سانگي وتايو عمرڪوٽ ڪان وڃي نڪتو . وري بہ اتي انهيءَ ڪوهہ [1] تي جتي زالن گهاگهرا ۽ چؤنرا پئي پريا، هڪ پوڙهي وتايي ڪي افعالن مان سهي ڪري ورتو تہ لاشڪ وَتو اهو آهي، سو ڇوڪرين ڪي چيائين تہ هن ڪي ڪيڪاريو تہ سُڌ پوي تہ سچ پچ درويش وَتو آهي يا ڪو ٻيو . ڇوڪرين مان هڪڙي چيو تہ سندس مڱيندي ڪيڪاريس تہ مزو ايندو ! پوءِ سيني انہ يءَ تي زور پريو تہ : هُو مسلمان، پاڻ هندو، ٺورئي سڱ مائٽ هن ڪي ڏيندا. ڏسون تہ ڇا ٿو چئي؟ نيٺ لڄ ڪندي هوءَ وتايي جي پر ۾ آئي . چيائين ادا وتو، پلي ڪري آئين . هٿ تہ ڏي؟ وتايي هٿ ڪونہ ڏنس. چيائين ڇريا ڪريا آهيون، تڏهن بہ ننگ سجاڻون ٿا!

## 81. لَب تي ليٿي هوندي!

وتايي ڪي چيائون: اڄ ماڻهين بازار ۾ ليٿڙيون پئي ڪاڏيون . ڇو؟ فقير چيو : امان اهڙي آهي ئي ڪانہ . البت ڪٽي لَبَ تي ليٿي هوندي! پوءِ جڏهن ماڻس گهر آئي تہ پڇيائينس: اڄ تو بازار ۾ ليٿڙيون پئي ڪاڏيون ؟ ماڻهو ٿا چون. هن چيو: ابا، ڏنم تہ پئسو پٽ تي پيو هو . ڇيم تہ جي نمي ڪٽڻديس تہ هرڪو چوندو تہ هيڏانهن ڏي، منهنجو ڪريو آهي. سو ڇا ڪيم ٿورو پريان وڃي، ليٿڙندي ليٿڙندي، پئسي مٿان اچي پيس ۽ ائين، پئسي ڪي ڪٽي ورتم.[2]

”ها، مون اڳئي ائين سمجهيو هو. امان! ڪنهن لب تي ليٿي هوندي.“

## 82. خدا ڪي خواب ۾ ڏٺم!

هڪ ڏينهن، هر گهٽيءَ ڪوچي ۾ وتايو چوندو وتيو تہ ”خدا ڪي ڏٺم، خدا ڪي ڏٺم.“ ماڻهو ڦري آيس تہ چوڻ لڳو تہ خدا ڪي خواب ۾ ڏٺم. پڇيائونس ڪيئن ڏٺئہ، ڪهڙو نمونو هوس؟ چيائين ڪپڙا ميرا ۽ ڦاٽل پيا هئس. اڳيان

پاروٿيون مانيون ۽ پٽ جا اُرڙ لڳا پيا هئس پاڻ ڪليو پئي . مون پڇيس ته درويش ڪير آهين؟ چيائين توهان مخلوق جو خدا آهيان. مون چيو اسان جو خدا ته جهانن جو پالينڌڙ، روزي رسائيندڙ، ٻانهن جون مرادون پوريون ڪندڙ آهي، سو تون ٿي نٿو سگهين؟ چيائين وتايا، مون تي ويساهه ڪر، آءٌ اهو ساڳيو خدا آهيان . ته پوءِ هھڙا حال ڇو ڪيا اٿئي؟ مون ڪونه ڪيا آهن، هيءُ ڪپڙا، هي ڪاڏو ۽ هيءُ ڪني ڪينئري ميوات جا ڏسين ٿو، سا منهنجن ٻندن منهنجي نالي تي خيرات ڏني آهي . انهيءَ جا انبار لڳا پيا آهن . سياڻ مرڪي اچي چوندا ته ”الله! اسان تنهنجي نالي تي ڏاڍيون خير خيراتون ڪيون هيون.“

## 83. پَري ڪٽائي هليو وڃ!

وتايي ڪي ماڻس چيو : ابا، شادي ڪٽي ڪرايانءِ، پر جي ڪو پورهيو **ڪري، چار پئسا گڏ ڪرين ته ڪنهن ڪان سگ گهران**

وتائي هائوڪار ڪئي. ڪهاڙي ڪٽي، درياهه جي ٻئي ڪپ تي ٻيلي مان ڪانيون ڪري اچي شهر ۾ وڪڻڻ لڳو. پريءَ جو آنو ڏيڍ ملندو هوس . ڏهه ٻارهن ڏينهن پريون ڍويائين . درياهه جي پُل ميل ڏيڍ پنڌ تي پرپرو هئي . سو پنڌ جو ڦيرو ڏاڍو ڏکيو لڳندو هوس.

هڪڙي ڏينهن ڪاڙهي تتي جو پري متي تي ڪٽيو پُل ڏانهن پئي آيو . پري ڳري، ڏينهن تکو، پگهر ۾ ٻُڏل سو اهڙيءَ حالت ۾ چيائين ته الله سائين، هھڙن ڏجهن ڪان موت ڪٽي ڏين ته چڱو! تورو اڳيرو ٿيو ته هڪڙي مهيب خوفناڪ شڪل سندس رستو روڪي بيني. هُن کي ڏسڻ سان پري متي تان ڪري پيس ۽ ڏڪٽي وني ويس. هن چيو وتايا چا ٿو گهرين، چئو چا ٿو ڪپئي؟ هن ڏڪندي ڏڪندي پڇيس ته تون ڪير آهين؟ چيائين ته آءٌ ملڪ الموت آهيان. وتايي چيس ته چاڪاڻ آيو آهين؟ چيائين ته تو رب سائين کي ستايو هو ته هن مصيبت ڪان مون کي موت ڪٽي ڏي! سو مون کي حڪم ٿيو ته وڃ وڃي منهنجي ٻندي ڪان پڇ ته چا ٿو گهري؟ جيڪي چوي ائين ڪج! هاڻ تون ٻڌاءِ ته چا ٿو گهرين؟ وتايي چيو الله کي التجائون ڪيم ته ڏک کا ن بچاءِ، سک نصيب ڪرينم ته ڪڏهن ڪين ٻڌائين پر موت گهريم ته تون ٻه هڪدم اچي حاضر ٿيو آهين! انهيءَ ڪم ۾ ته ٻئي جٽ ٿيو وينا آهيو! پر سهنج ڏيڻ جي ڪا سولائي اوهان وٽ ڪانهي؟ هن چيو آءٌ تنهنجن انهن ڳرولين سان ٻڌل ناهيان، تون هاڻي جيڪي چوين اُهين ڪريان؟ بس، تون ٻيو ڪجهه ٻه نه ڪر، هيءَ پري مون کي متي تي ڪٽائي هليو وڃ.

## 84. مڙس ڪئي سون، ته هڪ جون ٻه مليون!

وتايو فقير واٽ ونيو پئي ويو ته ڪنهن شخص سڏ ڪري هڪڙي چيلڙي، الله جي نالي تي ڏنيس . فقير سان گڏ چيلڙي هلي ئي نه، فقير تاڻي تاڻي ڪَڪ تي پيو . پريان ڪي اِسم ٻينل ڏنائين، سڏ و اتي آيو . ڏسي ته همراهه گاڏيءَ تي وينو ڏاند پيو هڪلي . ان کي منٿ ڪري چيائين ته هيءَ منهنجي چيلڙي پاڻ وٽ رک، آءٌ جڏهن موٽندس ته ڪاهي ويندس.“ هن چيو فقير اتي ٿوڙهو وجهي، مُني سان ٻڌي ڇڏينس. پوءِ فقير هليو ويو. ڏيڍ سال ڪن ڪان پوءِ اتان اچي لنگهيو. ياد آيس ته هتي مون هاريءَ کي چيلڙي ٻيهارٽي ڏني هئي. سو سڌو هُرلي تي آيو. اچڻ ساڻ هاريءَ کان چيلڙي جي گهر ڪيائين . هاريءَ چيس درويش، تون چيلڙي اتي ٻڌي هليو وئين. آءٌ ٻه پويان پاڻيءَ جي نگهبانيءَ تي ويس . ورندي ڏسان ته ٻگهڙ چيلڙي ڪنيو پيو وڃي . چيلڙي جا ٻيڪات پئي پيا جهجهه وئي ڊوڙيس، هڪلون ڪيم، پر ٻگهڙ جو واٽ هو چيلڙي ڪٽي تو ڇڏي؟

فقير چيو تون پويان ڪونه پئينس؟ چيائين پنيان پئي چا ڪريان؟ ٻگهڙ لڙ پگو ويو . فقير چيو ڪهڙي پاسي ويو پئي؟ هن چيو اولهائون پگو ويو . فقير چيو ڪا ها ها هوئڙ ڪرينس ها؟ چيائين ماٺ ڪريو وينو هج . پنهنجي وس ۾ مون ٻه ڪونه گهٽايو هو . فقير چيو ته پلا اتي مون کي اهو پاسو ۽ پير ڏيکار ته ڪا پڇا ڳاڇا ڪريون. هُو اٿيو، ڪلندو فقير کي ٻڌائيندو هليو ته هتان آيو، هيڏانهن ويو . وتايي چيلهه سان سندرو ڪٽي ٻڌو .

اتان ڪان ونئي هڪلون ڏيڻ لڳو : متان ويو آهين، ڪلا ٿئي، نہ ويندين . اِهو اِهو، ونجوس، اڳ قروس، پَٽ ڪنيو وجي. قري اچوس. ائين چوندي هڪڙي ڳوٺڙي وٽان اچي گذريا . ڳوٺ جا ماڻهو ڳوٺ تي ٻاهر نڪري آيا . وتايي ڪان پڇيائون فقير چاهي؟ ڪنهن تي ٻچ ڪئي اٿئي؟ چيائين هن جوان ڪان ٻڪھڙ چيلي ڪٽي ويو آهي، ان جو پيرو ڪنيون ٿا وڃون . هنن پڇيس ڪيڏي مهل ڪڏهن؟ هن چيو پر سال . ماڻهو کِليا. چي، پر سال واري چيلي هن سال ڪيئن هٿ ايندي ۽ ٻڪھڙ ڪيئن سڃاڻندو؟ اتي هڪڙي ڳوناٺي چيو بروبر ! پر سال اسان ميلي تي ٿي وياسين تہ ٻڪھڙ هڪڙي چيلي ٽاڻيندو آيو ۽ اچي اسان جي منهن پيو . پوءِ تہ گهوٻاٽن جا ڪڙڪا لائي ڏناسينس . چيلي چڏي ڀڄي ويو . پَٽ ڪي ڏنوسين تہ منجهس اجا ساهہ جا داڻا هئا . پوءِ ڪٽي ڪُدن وٽ چڏيوسينس . ٻن چئن ڏينهن ڪان پوءِ خوف لٿس، ڏڪ جهلي ويئي. پوءِ پئي چِنائين. وري لڳي بہ جهٽ. مادي قر ڏنائين. اهو قر بہ اچي وڏو ٿيو آهي . هلو ڪُدن ڪان ونون . پوءِ ڪُدن وٽ آيا، اچي اها ٻڪري سڃاتائون ۽ قر سوڌي وتايي کي ڏنائون . وتايي هاريءَ کي چيو تہ ڏٺئہ؟ مڙسي ڪئي سون تہ: هڪ جون بہ مليون!

## 85. اوستا، اڄ تہ واندڪائي اٿئي؟

هڪڙي ڏينهن وتايو هڪڙي واڍي جي دُڪان وٽان اچي مَٽيو . ڏنائين واڍو ڪٽ پيو جوڙي. سو پاڻ بہ ڪيس منٿ ڪيائين تہ پٽ تي سمهي سمهي پاسا پيا سُور ڪن، مهرباني ڪري مون کي بہ ڪا ڪٽ جوڙي ڏي . واڍي چيو واهہ جي جوڙي ڏيندس، پر هينئر واندڪائي ڪانہ اٿم، ٻئي گهمري اچ تہ ناهي ڏيندوسانءِ، قصو پئي هليو، وتايو پئي آيو تہ ماڻهو جنازو ڪٽي پئي مقام ڏي ويا . پڇيائين تہ ڪير گذريو آهي؟ چيائون تہ فلاڻو واڍو، جيڪو ڪٽون جوڙيندو هو. تڏهن چيائين تہ ٺورو ترسجو. جنازي کي ويجهو اچي چيائين، اُوستا، اڄ تہ (جهجهي) واندڪائي اٿئي، چئن ماڻهن جي ڪلهن تي ستو پيو آهين، اتي ڪا ڪٽ اسان کي بہ جوڙي ڏي!

## 86. هاڻ ڏنيم الله جي واٽ ۾!

وتايي ماءُ کي چيو تہ امان ٻڪ ڏاڍي لڳي اٿم، ماني پچائي ڏينم . آءٌ اجهو ٿو اچان. ماڻس ٻاجهر جي ماني گهڙي دانگيءَ تي وڌي. جڏهن پچي سوڪ تي تہ پت پران اُٻي ڪري رکيائين. وري ٻي پنهنجي ڪاڻ گهڙڻ لڳي. جهڙو ماني دانگي تي وجهي ٿڦيائين تي تہ پنيان ڪُتو وتايي واري پڪل ماني ڪٽي ونئي ڀڳو . مائي ڪتي پويان ڊوڙي، پر ڪُتي ماني نہ ڇڏي . ٻئي پڄي ويو . لاچار ٿي، ماڻس ڪيس چيو تہ ”ابا هاڻ اها ڏنيم الله جي واٽ ۾ .“ موٽي اچي ڏسي تہ دانگي تي پيل ماني بہ سڙي ويئي. پوءِ چيائين وتايي جو ڪو نصيب ئي اهڙو آهي!

## 87. رب پاڪ تنهنجي تہ ساهيڙيءَ جيتري بہ هلندي ڪانهي!

ڪي لاباريا، سارين جي پچڻ تي لاڙ ويا . اتي لابارو ڪري وَلهہ (پلال) گڏ ڪيائون. وتايو بہ اتان اچي لنگهيو . ڏنائين تہ ڪي فقير وَلهہ جا پاڪر پريو پيا وڃن، پڇيائين ڪٿان آندي اٿوَ؟ چيائون تہ چوندو ڪيو اٿئون . فقير دل ۾ چيو تہ آءٌ بہ چوندو ڪري ڪجهہ پلال امان ڪاڻ ڪٽي وڃان . پر آسپاس جون ٻنيون چوندجي ويون هيون . فقير لابارين ڪان الله جي نالي تي پلال پنڻ لڳو . ڪنهن ڏنس تي تہ ڪنهن نٽي ڏنس . جڏهن پنهنجي ڳوٺائي لابارين ڪان گهريائين تہ هڪ مرد وتايي کي بہ مُنيون پلال جون ڪٽي ڏنيون . اوچتو ان مرد جي زال پُٺ ورائي ڏٺو تہ وتايي کي مڙس پيو وَلهہ ڏي . ٺوري ولهہ ڏسي مڙس کي چيائ ين سُجاڻين نٿو تہ اهو وتايو منهنجي ساهيڙيءَ جو پٽ آهي. ڏنو چا اٿئيس!؟ ماءُ سان ڳالهہ ڪونہ ڪندو تہ ماسيءَ هوندي مُٺ پلال جي مليم . ان تي مڙس ڪيس چيو مون کي ڪل ڪانہ هئي تہ هيءَ وتايو آهي . پوءِ وڏو پاڪر پلال جو پري ڏنائينس . فقير ڳاٽ ڪني چيو هاءِ هاءِ! رب پاڪ ساهيڙيءَ جيتري بہ تنهنجي هلندي ڪانهي! الائجي ڪيئن پيو جهان هلائين؟

## 88. جيڪو هر ڪنهن سندو آهي، سو ڪو ڏِڳيءَ جي سنيار ڪندو!

وتايو هفتي ڏيڍ لاءِ ڳوٺ ڇڏي ٿي ويو . وٽس هڪ ڏڳي هئي، ماءُ کي چيائين تہ رات جو ڏڳيءَ جي پارت بادشاهہ پير کي ڪري پوءِ سمهج. ماڻس ڳچ ڏينهن تہ بادشاهہ پير کي پارت ڪري پوءِ سمهندي هئي، پر هڪڙي رات اُٺ اچي مغز ۾ وينس، تہ بادشاهہ پير ڪير ٿيندو آهي، جنهن کي پارت ڪريان؟ پارت ڪريان تہ پنهنجي رب پاڪ کي، جيڪو بادشاهہ پير جو بہ خالق مالڪ آهي . سو رب پاڪ کي پارت ڪري سمهي رهي . انهيءَ رات چور ڏڳي چوڙي ويا. صبح جو اٿي ڏسي تہ ڪاريءَ وارا ڪک ! مانڙي ڪري ويهي رهي . جڏهن وتايو آيو تہ اول ماءُ کان ڏڳيءَ جو پڇيائين، جنهن چيس تہ ڳئون چور ڪاهي ويا . وتايو حيرت ۾ پئجي ويو . ماءُ کي چيائين چو تو بادشاهہ پير کي پارت ڪانہ ڪئي هئي ڇا؟ چيائين تہ ڪندي هيس، پوءِ ڳئون ڪيئن وئي؟ بس انهيءَ رات الله سائين کي پارت ڪري سُتيس. نهيو تو هٿن سان ڳئون وڃارائي ڇڏي. الله سائين، جيڪو هر ڪنهن سندو آهي، سو ٿورئي تنهنجي ڏڳيءَ جي سنڀار ڪندو؟

## 89. مئل ڪُڪُڙ وياج کائڻ کان بہ خراب آهي ڇا؟

وتايي جي ماءُ کي ڪنهن الله جي نالي تي هڪڙو ڪڪڙ جو چوزو خيرات ڏنو هو ، هوءَ ان جي تمام گهڻي پرگهور ڪندي هئي . سڄو ڏينهن ڪارائڻ پيارڻ ۾ رُڌل رهندي هئي . وتايي چيس تہ امان، گهڻو نہ جهوڪينس متان مري نہ پوي. خير، چوزو اچي وڏو ٿيو، هاڻ ڦِري ڪڪڙ بنجي ويو. هڪڙي ڏينهن ٻلو آيو، تنهن کي جهڙپ ۾ اچي ويو، ڳاتو مروٽي ويس . ماڻس جو سمورو پور هيو ۽ سنڀال ڪن ساعت ۾ ختم ٿي وئي . ڪڪڙ جو سانڍي پالي وڏو ڪيو هئائين ۽ جنهن تي تمام گهڻو آر هوس، ان جي اوچتي مرڻ تي ججهو روڄ ۽ راڙو ڪيائين، ان کي هنج ۾ ڪٽي پار ڪيڻ ويني . مٿان وتايو آيو، جنهن چيس تہ ڪڪڙ هاڻ ڪم جو ڪونهي، اڇلي ڇڏينس. اروڙيءَ تي. ماڻس کي تيئن وڏ يڪ ڏک ٿيو . چيائين توکي مون سان همدردي ڪانهي ڇا؟ وتايي چيو، ٻنهين ججهي آهي، پر ڇا ڪجي؟ پاڻ هڪڙي اهڙي طاقت جي وس آهيون، جنهن وٽ ڪنهن جي بہ هلندي پڄندي ڪانهي. ٻيو ڪڪڙ ٿي پوندو پر اهو هاڻي ڇُٽو ! ائين چئي هليو ويو . ماڻس سوچي چيو تہ آءٌ پنهنجي پاليل ڪڪڙ ڪتن ڪانگڻ جي حوالي ڇو ڪريان؟ اُن جو ڇگو ٻلو ٿي ڪريان.
پوءِ بازار مان گيهہ، لوڻ، مرچ ۽ سُرهو مصالحو وٺي آئي . ڪڪڙ جا کنڀ کوهي، آنڊا گجيون ڪڍي، ان کي گيهہ ۾ پُچڻ ويني . جڏهن پُڳو تيار ٿيو تہ مٿس مصالا ٻُرڪي ڏاڪونءَ ۾ ڍڪي بازار ۾ آئي . بازار ۾ هڪڙي حاجي سڳوري جو ڪپڙي جو دڪان هو، ان جي پڇا ڪيائين . اهو وياج کائڻ ۾ مشهور هو . ان کي ڳولي لڌائين، پوءِ مرچن مسلان ۾ تَرِ ٿيل ڪڪڙ ڪيس اڳيان رکي چيائين تہ ابا، هي ڪڪڙ کائي ان جو سواد وٺ، حاجيءَ سڳوري کي مسالي جي بوءِ مغز ۾ ويني تہ ان جو وات پاڻي ٿي پيو . ڍڪ لاهي، ٻوٽيون پٽي کائڻ لڳو. دل ۾ خيال ڪيائين تہ هن مائي ڪڪڙ انهيءَ ڪري آندو آهي، جو پائي ٿي تہ آءٌ ڪو ڪاڏن جو خوراڪي پارکو آهيان. ڪيس هميشہ اهڙن مالن تيار ڪرڻ لاءِ پيو اپاريندس . وري ڏيان تي آيس پڇي تہ ڏسانس تہ سڄي شهر ۾ هن مون کي ئي ههڙو لذيذ مال کائڻ واسطي ڇو آڇيو آهي؟ سو کائيندو بہ پيو وجي ۽ پڇڻ بہ لڳو، وتايي جي ماءُ، اڄ هيءُ مون تي مهرباني ڇو ڪئي اٿئي؟ هُن چيو مهرباني ٻهرباني ڪجهہ بہ ناهي . هيءُ منهنجو تاتيل پاليل ڪڪڙ هئو. تنهن کي رات ٻلو ماري ويو . آءٌ مٿس گهڻئي رنيس ۽ اڇلڻ بجاءِ خرچ ڪري مرچ مسالا ۽ گيهہ ڦوٽا وجهي رڌي تنهنجي کائڻ لاءِ کڻي آيس، ڇيم تہ ڪتن ٻلن جي پيٽ ۾ پوڻ عيوض جي ماڻهوءَ جي،

سو بہ حاجي سڳورو هجي، هن جي پيٽ ۾ پوي تہ پڪ بهشت ۾ مون سان اچي ملاقات ڪندو . اهو سوسو آيم تڏهن توکي کائڻ کاڻ ڏني اٿم. حاجيءَ چيو ٻيا کي حاجي هت ڪين آهن ڇا؟ چيائين آهن، پر اهي وياج خور نہ آهن. توکي خدا جي مار پوي تو مون مسلمان ۽ حاجيءَ کي مئل ڪڪڙ جو حرام گوشت کارايو آهي؟ مري خدا کي ڪهڙو جواب ڏينديءَ الله سائين کي چونديس تہ تو ۽ تنهنجي رسول ڪريم ﷺ وياج کي حرام ٺهرايو هو. چيو هو تہ جيڪو ماڻهو وياج ٿوڪائي سو گويا پنهنجي مئل ڀاءُ جو گوشت ٿو کائي . تہ ڇا منهنجو ڪڪڙ وياج کائڻ کان بہ خراب آهي؟ هاڻ مون کي ڏي ٽانءُ، پاڻهي هضم ٿي ويندئي . حاجي اُٻڙڪا ڏيندو رهيو، مائي ٽانءَ کڻي اهو چوندو هلي وئي تہ: منهنجو ڪڪڙ وياج کائڻ کان بہ خراب آهي ڇا؟

## 90. تڪڙ، اڌ مئو ڪري ڇڏيو آهي!

وتايي جي ماءُ پيرسن هئي، بيمار ٿي وئي، تنهن ڏينهن لڏي پرلوڪ ويئي وتايي ماءُ واسطي ڏاڍو ٻاڪاريو. ماڻهو اچي ميڙ ٿيا. چيائونس فقير روئڻ ڪي ڇڏ، اٿي ڪو ڪفن دفن جو بندوبست ڪر. فقير روئندو گهر مان نڪري هليو ويو. ٻئي ڳوٺ ڦريو پر روئڻ ڪان ڪنهن کي ڪين چيائين ته ڪا ماءُ مئي اٿم. هڪڙي ڳوٺڙي واري ڪانئس روئڻ جو ڪارڻ پڇيو. فقير چيو ماءُ مري ويئي اٿم، ان جي ڪفن دفن لاءِ هيڏانهن هوڏانهن پيو لُوهون ڏيان ۽ ڦران. هڪ شخص چيو ته اچي، هيءُ جوڙي مون پاڻ لاءِ رکائي ڇڏي هئي، تون وڃي مرهيات جي پورت ڪر. پوءِ اها جوڙي ڪڇي ڳوٺ آيو. ماڻس کي مُئي اهو ٽيون ڏينهن هو. جيئن گهر ۾ اندر آيو ته ڦان ٿي پٽ تي ڪري پيو. ماڻهن چيو بنهين جهٽ جوڙِ وٺي آيو آهين؟ چيائين يلا چا ڪريان!؟ مون کي امان جي ڪفن دفن جي تڪڙ اڌ مئو ڪري ڇڏيو آهي. جڏهن جيڪي جتان مليو اٿم، تڏهن سو ڪڇي ڏُڪندو پيو اچان. هاڻ اٿي سينگاريوس. ماڻهن چيو ته ايترو وقت ڪير ٿو لاش کي گهر ۾ سهي. وتائي وراڻيو جي سنو نٿي ٿيو ته پوءِ مون کي چو ٿي ڊوڙائي ڊوڙائي اڌ مئو ڪيو.

---

[1]. مينگهي مالهيءَ ڳالهه ڪئي، ته اهو کوهه اجا تائين عمرڪوٽ ۾ موجود آهي.

[2]. ساڳي طرز جي هنديءَ ۾ مثال آهي ته: ”بنيئي کان بيٹا کجھ دیکھ کر ہي گرتا ہي.“

باب پنجون

# اُترئينءَ سنڌ ۾ مشهور وڏيڪ چُٽڪا

## 91. آخرت ۾ توهان جو بار ڪير کڻندو؟

ڳالھ ڪندا آهن تہ هڪ ڏينهن وتايي فقير کي هڪ سپاهيءَ سڏ ڪيو ۽ چيو فقير، هيءَ صندوق ڏاڍي ڳري آهي تہ هي کڻائي هل. وتايي صندوق ۾ هٿ وڌو تہ هلڪڙي لڳس . سپاهيءَ کي چيائين تہ تون مون کان وڌيڪ ٿلهو متارو لڳو پيو آهين، هيترو بار نٿو کنيو ٿيئي؟ سپا هي چيو تہ آءٌ سرڪاري ماڻهو آهيان . پاڻ بار نہ کڻندو آهيان، پر ٻيو ڪو ماڻهو هٿ ڪري، ان کان کڻائيندو آهيان، جي ڪو اشرافت سان ڪونہ کڻندو آهي تہ ڏنڊي جي زور تي کڻائيندو آهيانس. وتايي چيو تہ هت تہ ڏنڊي جي زور تي کڻائي سگھو ٿا، پوءِ ڀلا آخرت ۾ توهان جو بار ڪير کڻندو؟ جتي توهين ۽ اسين سڀئي هڪڙي ئي حالت ۾ هونداسين.

## 92. خوشيءَ سان نہ ڏنئي تہ زوريءَ وٺي ويئي!

ڳالھ ٿا ڪن تہ وتايي فقير کي خيال آيو تہ سواري ڪرڻ لاءِ وڏيري کان الله واٺ ۾ گھوڙو گھران ۽ پوءِ چڙهيو پيو گھمان.، وڏيري وٽ اوطاق تي آيو، چيائينس تہ وڏيرا، ڏاڍي آدم مال ڪونہ ورهايو هو، مون کي پنهنجو غريب ڀاءُ ڄاڻي، هڪڙو گھوڙو ڏيارينم . چيائين ڏاڍهين آدم ايترا تہ ٻجا ڄڻي ڇڏي ويو آهي، جو منهنجا گھوڙا تہ ڇا پر ساري دنيا جا گھوڙا بہ انهن کي پورا ٿي ڪونہ سگھندا . لاچار ٿي چيائينس تہ پنڌ ڪندي بيزار ٿي پيو آهيان، خدا جي نالي تي ڪو گھوڙو ڏيارينم. وڏيري چيو تہ سچ پچين تہ مون وٽ اهو هڪڙو گھوڙو آهي، جنهن تي چڙهي اندر ٻاهر نڪرندو آهيان . فقير چيس تو وٽ تہ گھل گھوڙن جي هئي؟ چيائين درياھ جي ليٽ ۾ هڙئي هلاڪ ٿي ويا. تڏهن تہ تمام چڱو ٿيو ! وتائي چيو: خوشيءَ سان نہ ڏنئي تہ زوري وٺي ويئي ! چوندا آهن تہ خدائي خير، جي ڪو حُب سان نہ ڪيندو آهي تہ الله سائين انهيءَ کان موچڙو هڻي بہ وٺي ڇڏيندو آهي.

## 93. ڏٺي صبر وارن سان ساڻ آهي!

ڳالھ ڪندا آهن تہ هڪ ڏينهن ڪنهن ڳوٺ جا ماڻهو گڏجي وتايي فقير وٽ آيا . دانهن ڏنائونس تہ اسان کي ڳوٺ جي ٽاٽيدار ڏاڍو تپايو آهي . روز بيگار ۾ تو وني، بيگناھ ماڻهن کي ٽاٽي تي گهرائي ڪُٽي تو، پنهنجا ڦڏا ناهي ڦاسائي رشوت وني پوءِ ڇڏي تو . تون الله جو نيڪ ٻانهو آهين، الله کي ستاءِ اسان تان هيءَ مصيبت دفع ڪراءِ. فقير چيو منهنجي الله سائين صفا ڪونہ تو سٽي . ڪيترن آدمين لاءِ التماس ڪيامانس تہ ڦلاٽي کي پٽ ڏي، ڦلاٽي کي ڌن ڏي، ڦلاٽي کي مال ڏي، پر هڪ بہ نہ ٻڌائين. مون ان ڏينهن کان وني دل ۾ فيصلو ڪيو آهي تہ جيڪو هو پيو ڪندو، تنهن تي آءٌ بہ راضي پيو رهندس . باقي توهان کي خبر ٻڌايان ٿو تہ ايترو چئي ڇڏيو اٿس تہ آءٌ صبر وارن ساڻ آهيان . ان تي اعتبار ڪري صبر ڪري ويهو رهو. آزمايو تہ برابر اها ڳالھ سچي آهي يا نہ؟ ماڻهن صبر ڪيو ۽ پوءِ اوچتو هڪ وڏيري جي دعوت کائي موٽندي اهو ٽاٽيدار آڦرجي مري ويو . هن ماڻهن وتائي کي اچي سجو قصو ٻڌايو تہ وتائي چيو: ڏٺي صبر وارن ساڻ آهي.

## 94. من مُنيوؤن مسلمان هو.

هڪڙيءَ مجلس ۾ ڪجھ ماڻهو وينا هئا. وتايو بہ انهن جي ڪچهريءَ ۾ وينو هو. هڪڙي ڄڻي پوڳ ڪندي پڇيس فقير ڪهڙيءَ رمز کان هندوپڻي کان جند ڇڏائي مسلمان ٿئين . تو ۾ ڪيترين خصلتون اجا هندن جهڙيون موجود آهن. سُنت تہ صفا وينل ڪونہ آهين؟ چيائين هندو مسلمان سڀ الله جا آهن، گمراهيءَ مان ڪ ڍڻ وارو بہ الله ئي آهي. من کي دل مسلماني ڏني هئائين جا سدائين قائم اٿم. باقي پوشاڪ، اٿڻ ويهڻ، کائڻ پيئڻ جنهن ۾

توهان کي هندکو شڪ ٿو جاڳي، سي هرويرو مسلماني ڏيکاءَ لاءِ ڪين اٿم . من تہ منهنجو مُنڊؤن مسلمان هو . باقي: اوهان ڀاران جو "من نہ ٿيو مسلمان ڪلمو پڙهيو تہ ڇا ٿيو؟"

## 95. مون ڀاڻ بصر ڪاڏو هو

هڪڙي مائي وتايي فقير وٽ پنهنجو پُٽ وٺي آئي. فقير کي چيائين تہ سائين، هي رڳو ڪچا بصر ٿو کائي، ڪو ڦيٿو هٽيس يا دعا جو هٿ گهمائينس تہ منجهائس اها بڇڙي عادت نڪري وڃي . فقير چيو تہ ٽي ڏينهن رکي پوءِ وني اچجانس. مائي ٽن ڏينهن بعد آئي. فقير نينگر کي چيو ابا، ڪچو بصر نہ کائيندو ڪر، ان جي ڪائڻ سان وات ۾ بانس ٿي ٿئي، پر ۾ ڪو ويهڻ نٿو ڏي، بعضي پيٽ ۾ سور ٿو پيدا ڪري . ٻڌاءِ تہ ڪائڻ ڇڏي ڏيندين يا لِڪي ڇپي پيو ڪائيندين؟ ڇوڪر چيو هاڻ آءٌ ڪونہ ڪائيندس. فقير چيو تہ هاڻ ڀلي وني وڃينس.
مائيءَ چيو تہ راهہ گناهہ ٽي ڏينهن مون کي ترسايوَ، اها هدايت تہ انهيءَ ڏينهن بہ ڪري ڇڏيوهاس . فقير چيو تہ آءٌ پاڻ ڪچو بصر مانيءَ سان ڪائيندو هوس . سو ڀهرين پرور کي پنهنجي واسطي التجا ڪيم ۽ ٽي ڏينهن بصر ڪائڻ ڇڏي ڏنم. تنهن ڪان پوءِ تنهنجي پٽ کي هدايت ڪئي اٿم، الله سا جهہ ڏيندس. الله وٽ سچي توبهہ هميشہ قبول پوي ٿي.

## 96. جيڪو ڌڻيءَ کي پسند آهي سو مون کي بہ!

هڪڙي ڏينهن وتايي جي پاڙي ۾ ڪو ماڻهو مري ويو . ماڻهن گڏ ٿي روئڻ شروع ڪيو . سڀ ڪو چوڻ لڳو تہ ڏاڍو چڱو هو، گهٽگهرو هو، هر ڪنهن سان سٺو هو، ڪڏهن ڪيولي بہ نہ اورانگهيائين، راڄ اشراف مڙس هو. اهي ڳالهيون ٻڌي وتايو بہ اوچنگارون ڏيئي اتي اچي پنڻ ۾ شامل ٿيو . ماڻهن پڇيس تہ ڇا تنهنجي بہ هن سان ڪا مائٽي هئي ڪيئن؟ جو ايڏو ٿو روئين . چيائين هن جي لچڻن جو توهين هر هر بيان پيا ڪريو، اهو سڄي مون کي روئڻ ٿو اچي تہ هو ڪهڙي دنيا کي ڇڏي، پنهنجي ڌ ٽيءَ جي قرب ۾ وڃي قابو ٿيو . سندس سڀ ڪو ساراهہ پيو ڪري. الله وٽ بہ چڱن جي چوندڊ آهي. اسين ڪڙهون پنهنجي حال کي نہ هتي جا ٿياسين، نہ هُتي جا. بس جيڪو الله کي پسند آهي، سو مون کي بہ پسند آهي. اها آهي اسان جي مائٽي.

## 97. ڊڳيءَ لاءِ نوڙي ٿو وٽيان!

هڪڙي ڏينهن وتايو سَرِ پَٽي آيو. انهن کي سٽي کُٽي انهن مان رسو وٽڻ وينو . هن جي ڊڳيءَ جو رسو بنهين ڇجي ويو هو. سو گهر ڀاهران ويني اهو ڪم ڪيائين. اتان جيڪو ٿي لنگهيو، تنهن ٿي پڇيس تہ فقير، ڪهڙي ڪرتا وينو ڪرين؟ چيائين ڊڳيءَ ڪاڻ رسو پيو وٽيان . جڏهن هرهڪ کي جواب ڏيندي، ڪڪ ٿيو تہ و ني ڪوڪريا ڪرڻ لڳو. ڇي، ڳوٺ جا ماڻهو جلد اچي مڙو، نہ تہ جاڻ تہ قيامت آئي . ماڻهو ڊوڙندا آيا. فقير ڇا هي؟ ڪهڙو هُل هنگامو مچايو اٿئي؟ چيائين آءٌ اوهان هڙني ڪان ٿو پڇان تہ هينئر ڏينهن آهي يا رات؟ سڀني چيو تہ ڏينهن آهي. پوءِ چيائين ڏينهن ۾ انڌيرو يا اونداهي تہ ڪانهي؟ مڙني چيو نہ. تڏهن چيائين تہ جيڪو لنگهي ٿو سو ٿو پڇي تہ وتايا ڇا وينو ڪرين؟ جڏهن ڏسن بہ ٿا تہ رسو وينو وٽيان . مهرباني ڪري هن ڪان پوءِ ڪوبہ مون ڪان پڇڻ جي تڪليف نہ ڪري.

## 98. انهن تي راضي هجي ها تہ ڳائو مال پيدا ئي نہ ڪري ها

هڪڙيءَ ڪچهريءَ ۾ وتايو وينو ه و تہ قصو نڪتو تہ الله سائين مسلمانن سان سختيون ٿو ڪري، پر هندن مٿان راضي آهي. ڏسو تہ اُنهن کي مال دولت سان اَڏي ڇڏيو اٿس . سندن سنا گهر، سهٽيون زالون، ججهو وياءُ . نہ تنگي، نہ ڏک . فقير چيو، ائين ڪونهي، هو ڳئون ماتا جي پوڄا تا ڪن تہ جي مٿن اهڙو راضي هجي ها تہ ماڳهين ڳائو مال نہ خلقي ها، هو سندس نالي وٺڻ بجاءِ، نکر جا ناڪر تہ پتر جا ڀڳوان ناهيو پيا پوڄين . هنن

جو پَرلئي يا قيامت ۾ ويساھ ڪونهي . جوڻ ۽ آواڳون تي پروسو ڪندڙ آھن . جيڪي آخرت ڪي نتا مڃين، تن ڪي ھتي ئي بدلو ڏئي ڇڏيو اٿس.

## 99. ڪنھن بہ ڪونہ چيو....

ھڪڙي گھمري، وتايي جي ماءُ سخت بيمار ٿي پئي . ڪاڻ پيئڻ ڇڏي ڏنائين . وتايي کي پڪ ٿي تہ امان مري ويندي. سو ان جي سيرانديءَ کان ويھي پار ڪڍي روئڻ لڳو . وتايي جي جيجل توڪان سواءِ ھن دنيا ۾ پورڙي چريي جو ڪوبہ مائٽ ڪونھي! وتايي کي اڪيلو ڇڏي نہ وڃجانءِ! مون کي پاڻ سان گڏ وٺيو ھل. ھن جي آلاپن تي پاڙي جون ڪيتريون ئي زالون اچي گَڏ ٿيون . انھن مان ھڪ ڪُراڙيءَ وتايي جي مٿي تي ھٿ رکي چيو تہ بچڙا، ھلڻو ھر ڪنھن کي آھي . ماءُ متان ڪروڌ نہ ڪر . ڪُنيءَ جو نہ ڪو ويج نہ ڪو طبيب . اسين ھيتريون ساريون تنھنجون مائرون ويٺيون آھيون. پيون تنھنجي سڙ لھنديون سين. وتايي چيو تہ آءٌ انھن گشن تي ڪيئن اعتبار ڪريان؟ جڏھن منھنجي زال مُئي تہ ڪنھن بہ ڪونہ چيو تہ ڳٽتي نہ ڪر، اپري سيريم رَنڻ سَنڙ مڙيئي ھڪڙي زال تنھنجي مٿي ۾ ھٽي ڇڏيندا سين . اھا امڙ ھئي، جنھن چيو تہ پٽ روءُ نہ، آءٌ تنھنجي بي شادي ڪرائيندس. پنھنجي سڪيلڌي جي جھولي پرائيندس. سو امان جھڙا وچن ۽ دلداريون ٻيو ڪير تو ڏئي سگھي؟ انھيءَ گفتگوءَ تي ماٽس اڪيون پٽيون، فقير خوش ٿيو.

## 100. آءٌ ڪو حضرت ايوب ڪونہ آھيان!

وتايو ڪنھن ڪجين جا باغ وٽان اچي لنگھيو . دل سُرڪيس تہ اچ ڪارڪون ڪائي ڊِڙ ڪجي . ڳوڙا ڪيائين باغائي نظر ڪونہ آيس. جنھن کان ڪارڪون گھري يا موڪل وٺي ڪائي. پوءِ ماشاءَ الله ڪري ھڪڙي وڻ تي چڙھي ويو . اجا ڪارڪن تائين پھتو بہ ڪين تہ پير ترڪي ويس، اچي ھيٺ ڦھڪو ڪيائين . ڪرڻ سان ھڪڙو ڪجيءَ جو سُوئو پير ۾ گھڙي ويس، جو اتي ڪيترا سوئا پڪڙيا پيا ھئا . درد کان وٺي دانھون ڪرڻ لڳو، چي، گھوڙا ڙي مران تو! ڪو آھي، جو منھنجي واھر ڪري؟ سُور جي سُوٽ کان ٻئي ھٿ پير ۾ ھئس ۽ پير مٿي اُيو ڪري پئي چيائين، ”الله سائين آءٌ حضرت ايوب ڪونہ آھيان، جو تنھنجي پرڪ ۾ پاس ٿيندس . ويڳاڻو وتايو آھيان . مون کي ھن مصيبت ۾ مبتلا نہ ڪر.“ ھن جي دلسوز دانہ ن تي باغائي بہ اچي نڪتو . سُوئو ڇڪي پير مان ڪڍيائينس. پوءِ وتايي پاٺھي وراٽيو چڱو ٿيو جو مفت جو مال نہ ڪاڌو ھئم نہ تہ الائجي ڪھڙي حالت ٿئي ھا!؟

## 101. ائين ڦِرندي وئي، جھڙي پَٽ ۾ ڏوئي!

چون ٿا تہ وتايو ننڍو نينگر ھو ۽ پنھنجي مدرسي جي ٻاھران ويچارن ۾ وينو ھو تہ ھڪ ايراني سپاھي گھوڙي تي سوار ٿي اتي اچي لنتو . ھن ڪان پڇيائين تہ مدرسي ۾ ايران ملڪ جو ھڪ عالم پڙھائي ٿو، سو اندر آھي؟ وتايي چيو تہ وينو آھي . سپاھيءَ چيو تہ جيسين آءٌ ان سان ملي اچان، تيسين ھن گھوڙيءَ کي پاٽي پياري اچ . وتايي کي اھا ڳالھ بولھ وٽي تہ ڪانہ پر اتي گھوڙيءَ جو لغام ورتائين. سپاھي ترار ۽ ڍال پاڻ سان کٽي اندر ويو. ھو گھوڙيءَ کي ھڪڙي اُيڪپريءَ تان پاٽي ۾ لاھڻ لاءِ اچي بينو ۽ لغام وات مان ڪڍي، پاٽي پيئڻ ڪاڻ پنيان تلھڙ ھنيائينس . گھوڙي ٻُل ڏيئي وڃي پاٽيءَ ۾ پئي ۽ گھوتا ڪائڻ لڳي . اھو چرخو ڏسي وتايو سپاھي ڏانھن ڊوڙندو آيو، چيائينس تہ گھوڙي ويئي، گھوڙي ويئي! سپاھي ھن کي ھتين خالي ڏسي پنھنجي ٻوليءَ ۾ پڇيو تہ ”چميگوئي؟“ ھن چيو ائين ڦرندي پيئي جيئن پَٽ ۾ ڏوئي . سپاھيءَ وري چيس تہ ”براءِ اسپ چ ڪردئي؟“ وتايي چيو تہ جڄھا ماٺھو ميڙيندين تہ چونہ نڪرندءِ . سپاھي اٿيو ھن جي سنڌي ٻولي نہ سمجھي، درياھ تي آيو ۽ ڪجھ بہ نہ ڏسي وتايي ڏي منھن ڪري پڇيائين، ”اسپ من ڪُجا.“ وتايي سمجھيو تہ پڇي ٿو تہ ڪھڙي ھنڌ ٻڏي. سو ڪانئس تلوار وٺي انھيءَ ھنڌ پاٽيءَ ۾ اُڇلي چيائين، او... اُجھا، يعني ھُتي ٻڏي اٿئي.

## 102. فقير دال کائي دنگ ڪري ته ڪَڻ منهنجي ٻوٽ تي گهمائج!

هڪڙي عورت، جنهن جو وتايي فقير ۾ سچو صدق هو، فقير جي عزت احترام ٻنهه گهڻو ڪندي هئي، روز وٽس اچي دعائون، دفعائون ۽ ڏاڍا ڦيٽا ڪرائي ويندي هئي. هڪڙي ڏينهن فقير وٽ آئي ته هن وٽ ٻيو ماڻهو به وينو هو. هن پئي چيس ته وتايا، تون الائجي ڪيڏي مهل تو ماني کائين، مون کي هينئر سان ئي اچي ٻُک تپايو آهي. وتايي چيس ته ڳر نه، الله روزي آسمان تان به موڪلي ڏيندو. اهي حرف ٻڌي هن آيل عورت کي دل ۾ آيو ته سدائين پئي فقير کان سڳا وتايان. اڄ هن وٽ مهمان به آهي، چونه ڪٽي آءٌ دعوت جهليانس! پوءِ فقير کي چيائين ته وهين ٻئي اٿو، منهنجي گهر هلي خدا ڪارڻ پير به گهمايو ۽ دعوت به کائو. فقير جو سنگتيءَ جيڪو مشهور ٻوڳائي پڻ هو، کي چيو ڏنئي، مون وٽ رُکي سُڪي ماني ملئي ها، هاڻ الله ڀاڳ واريو اٿئي. هن مائي جو مون سان ججهو قرب آهي. دل جان سان دعوت ڪئي اٿس، هل ته هلون، پوءِ مائي ي پٽڇ پتاري هنن کي وڻ هيٺان ويهاريو. پاڻ گهر ۾ وڃي سانجڻ ڪرڻ لڳي. مانيون پچائي دال رڌي ٻاهر نڪتي ته وتايي جي سنگتيءَ ٻک کان ٽيهلاڙا پئي ڏنا ۽ در کي ويجهڙو هو. مائيءَ هن کان پڇيو ته ابا، فقير وتايي ڪاڻ دال رڌي اٿم، اُهو ته کائيندو دال، پر تون ڇا کائيندين؟ ه ن چيو ته فقير کي سچيءَ سڪ مان دال رڌي تي کارائين يا چرچو ٿي ڪرين؟ چيائين اهو منهنجو مرشد آهي. منهنجو مٿانس ساهه به قربان آهي. تون پنهنجي ڳالهه ڪر. هن چيو جنهن جي مٿان ساهه به قربان آهي، تنهن کي دال تي کارائين ته پوءِ فقير دال کائي دنگ ڪري ته اهو ڪُنو، جنهن ۾ دال رڌي اٿئي، منهنجي ٻوٽ مٿان گهمائي ڇڏج مون کي به ڍؤ ٿي ويندو.

## 103. ڪو مال کائيندين يا خُورما؟

وتايي جو هڪڙو معتقد ماڻهو ڪيس دعوت ڏيئي، پنهنجي ڳوٺ وٺي ويو. هن کي خيال آيو ته فقير سادي سودي ماني ته ائين پيو کائي، اڄ ڀانئيان ته کيرڪون يعني : کير ڪارڪون جن کي خُورما به چئون، رڌائي کٽي کارايانس. اهڙو طعام کائي خوش ٿيندو ۽ دل سان دعائون ڪندو. سو ماني ناهڻ کان اڳ فقير کان پڇيائين ته درويش ڪو مال کائيندؤ يا خورما؟ فقير ٽبيءَ ۾ پئجي ويو. جو خُورما نالو اڳ ٻڌل ڪونه هوس، سو امالڪ چيائين خورما. هن زال کي چيو ته اڄ فقي ر پاڻ وٽ مهمان آهي، سو هن لاءِ خورما تيار ڪر. زال مڙس کي حاضر چيو. دل ۾ چيائين ڪير ٿو اهڙيون تڪليفون ڪري. هن درويش کي ڪهڙي خُورمن جي خبر پوءِ دال رڌي وٺو پري فقير ڏي مڙس هٿان موڪليائين. فقير ڏِڪ لاٿو ته دال رڌل ڏٺائين. ان کي ڏسي چوڻ لڳو حيف هجئي! اسان وٽ ڪونجين ”ڏاري دال“ هي وري خورما ٿي، اچي اڳ ورتو اٿئي. دال ڏسي ميزبان به شرمندو ٿيو.

## 104. مردن جي ته لُچائي آهي!

هڪڙيءَ مجلس ۾ هڪڙو وڏو جيد عالم مقرر واعظ ڪري رهيو هو. جنهن ۾ پردي بابت ماڻهن کي پئي چيائين: پردو بيحيائيءَ کي روڪي ٿو. مسلمان کي پردو اوس ڪرڻ جڳائي، جتي پردو ناهي، اتي خير ناهي. پردو، ادب احترام وڌائي ٿو، سچو موتي به سِپ ۾ گويا پردي ۾ آهي، جنهن جي ججهي قيمت ڪٿبي آهي. خاص طرح عورتن جو زيور پردو ئي آهي. اتي وتايو به وينو هو، ڪنهن پڇيس ته وتايا ڀانئين ٿو ته پردو مردن کي ڪرڻ کپي يا زالن کي؟ وتايي چيو ته سڀ لچائي مردن جي آهي زالن جو ذرو به ڏوهه ڪونهي.

جيڪي ڏاڙهي رکائي به، ديدون اڙائن ٿا،
ڏاڙهي پٽائي پنهنجي، خلق خون ڪرائن ٿا.

## 105. غريب چڱو يا شاهوڪار؟

وتايي کان پڇيائون ته دنيا ۾ غريب ٿي رهڻ چڱو يا شاهوڪار؟ چيائين:

شاهوڪاري آهي وڏي جوابداري،
چورن چڪارن سان غير واسطيداري،
دشمن، بدمعاش ۽ لچن جي پاڻ ۾ طرفداري،
دولت بچائڻ جي رات ڏينهن انتظاري،
آسودگي اها آهي جنهن ۾ پاڻ بہ کائي،
غريبن کي بہ کارائي چوڙائي ڏکائي،
شاهوڪار تي جنهن غريب تي نظر نہ ڊوڙائي،
اهڙي بخيل تي هميشہ لعنت خدائي،
غريب انهيءَ کري آهي آزاد ۽ زور،
جو هن وٽ ڏکو نکو ڏور،
هن جو آڱوٺو وڍيندو چور.

## 106. اهڙيءَ حلال شيءِ کان نفرت ڇڏاءِ!

وتايي کان پڇيائون تہ اهڙي حلال شيءِ سُجهئي، جنهن جي کائڻ سان دل کي نفرت اچي؟ فقير چيو اهو مسئلو عالمن کان پڇو، جيڪي انهيءَ ڪم لاءِ مقرر ڪيل آهن . ماڻهن چيو، عالم دليل سان نٿا سمجھ ائي سگهن، رڳو ڊگهيون ڳالهيون ٿا ڪن . تہ پوءِ ڪٽڪ جي اٽي مان سوئر جو بوتو بنايو، باھ تي پچائي ڪنهن مسلمان کي کائڻ لاءِ ڏيو، ڏسو ڇا ٿو ڪري؟ هنن چيو تو ئي صحيح دليل ڏئي سمجهايو آهي . اٽو برابر پاڪ حلال آهي، پر منجهانس جيڪو بُت گهڙيو ويو ۽ جنهن جانور جو اهو پُت لو آهي، تنهن جي صرف نالي ونڻ سان ئي مسلمان وَونئون وجن ٿا، تہ پلا اهو اٽي جو سُوئر کائڻ ڪيئن پسندا ڪندا ! ائين جي اٽي مان ڳئون ناهي، ڪنهن هندوءَ کي کائڻ لاءِ ڏني تہ اهو بہ ڪونہ کائيندو.

## 107. چورن کي پئسا بہ آءٌ پهچايان!

هڪڙي ڏينهن ڪنهن شاهوڪار زميندار کي سندس نوڪر وتايي فقير جي ڪرامتن ۽ ڪرشمن جون ڳالهيون ٻڌائي فقير جو معتقد بنايو . هن چيو تہ جيئرو جاڳندو اولياءِ الله جو آهي، صبر شڪر جو پُتلو آهي، ظاهر مجذوب ۽ درويش آهي، باطن ۾ رُتل واصل بالله جو آهي. شاهوڪار اها ساراھ ٻڌي دل ۾ رکي. جڏهن رجب جو مهينو آيو تہ هڪ سؤ اشرفيون ڳوٿريءَ ۾ وجهي، گهوڙي تي چڙهي وتايي جون پچائون ڪندو، هڪ هنڌ فقير سان اچي ڀيڙو ٿيو . هن کي اشرفين جي ڳوٿري ڏئي، چيائين هي زڪوات جو مال آهي، تو جهڙو ٻيو ڪو حقدار ڪونهي، جو مون تان بار لاهي، ڳوٿري سوگهي ڪر . زميندار ڳوٿري ڏيئي ويندو رهيو. وتايو رتن ٽڪن جي ڳوٿري وٺي اچي پورن ۾ پيو، چي، هيترا ٽڪا ڪيڏانهن ڪندس ! ڳوٺ ڪٺي وجي پڪو گهر نهرايان جنهن ۾ امان جُهڙي ڦُڙيءَ کان بچيل رهندي . ڪو ٻڪرين يا ڳُئن جو ڌڻ ڌاريان، ماهيڙ ٿيان، ڪير ڏڌ پيو وڪڻان . آيو ويو مون وٽان ماني کايو پيو ويندو . نہ نہ، ملڪيت مون جهڙي کان وڏي ڪ غريبن کي ورهائي ڏيان تہ جيئن پنهنجيون نياڻيون اٿارين . مسافر خانو نهرايان يا مسجد ! جتي ماڻهو آرام وٺن ۽ عبادت ڪن . اهي خيال پچائيندي ويني ئي ويني ننڊ اچي ويس. گينين جي ڳوٿري هٿن مان ڏرڪي وجي جهول ۾ پيس. اتان ڪي چور واٽ وٺيو پئي ويا. وڻ هيٺيان فقير کي ستل ڏ ٺائون. نزديڪ آيا تہ سندس سيني تي هڙ پيل ڏسي، ڪنيائون جا اشرفين سان ڀريل هئي . ڏاڍا خوش ٿيا . وتايو بہ سجاڳ ٿيو . ڳوٿري چورن جي هٿ ۾ ڏنائين انهن کي منٿ ڪيائين تہ ٻيلي اها ڳوٿري مون غريب کي خدا ڪارڻ زڪوات ۾ ملي آهي . مون کي موٽائي ڏيو. چورن چيو تہ تون غريب ۽ هيتريون اشرفيون رکيو وينو آهين؟ توکي ڪير غريب چوندو، رڳو ڍونگ ڪيو اٿئي؟ ائين چئي هليا ويا. وتايي چيو تہ ايترا پئسا ڏيارئي جو منهنجي خرچڻ ۽ سمجهڻ کان گهٽا هئا . مون سمجهيو هو تہ تو مون تي وڏو وڙ ڪيو آهي، پر ائين ڪونہ هو، پئسا انهن چورن کي ئي ڏيارڻا هوئي . مون کي وچ ڪُٽو بنائي،

منهنجي هٿان ڏياري ڇڏيئي . هاڻ هنن کي کنهن جو به کو ڊپ ڪونه رهندو . باقي وتايو هميشه وانگر سَٿون ڏيندو وتندو.

## 108. مون کي پنهنجي شادي ياد پئي!

هڪڙي هند شاديءَ جي دعوت وتايي فقير کي مليل هئي . فقير اتي پهتو هٿ ڌوئاري ماني اڳيان رکيائونس ته کائڻ جي ڪين ڪيائين. ماڻهن پڇيس ته جي اهو ڪاڌو نٿو وڻيو ته جيڪو بيو طلبيو سو آڻيون؟ فقير ورندي نه ڏني ۽ اچي روئڻ ۾ ڇُٽڪيو . فقير کي حالن حوالن کان ويندو ڏسي، ويتر ماڻهو پريشان ٿيڻ لڳا . ڪانئس پڇيائون، سائين چو روج راڙي ۾ پئجي ويا آهيو؟ چيائين هن وقت شاديءَ وارن کي خو ش ٿيڻ ڪپي. ڪو وقت هو جو منهنجي به شادي ٿي هئي ته ڏاڍو خوش ٿيو هوس . پر اها خوشي نيبَهه نه ٿي . ان تان روئڻ نٿو بيهيم ته من کا وري اهڙي خوشي ڏسان پر نڪي هڙ ۾ اٿم، نڪي هنج ۾ ۽ نڪي ماڻهن ۾ شمار ڪيو ٿو وڃان . الا الا!

سيني ماڻهن فقير کي پرچايو ۽ سرچايو، ته جي نصي ب ۾ خوشي لکيل هونديءَ ته بلاشڪ ماڻيندين، لکيو لوها ڪوٽ پيجي! پوءِ فقير ڳوڙها اُگهي ماني کاڌي.

## 109. هاڻ توهان جي هدايت تي هلندس!

وتايي ماءُ کي چيو ته سانجهيءَ پندرهين تاريخ شعبان جي پلاري عيد رات آهي . چون ٿا ته انهيءَ رات ماڻهن جا نصيب مقرر ٿيندا اهن، جي سجو سال هلندا آهن. ماڻهو چڱا موچارا طعام رڌي هن رات جو مسيتن ۾ ڏيندا آهن. آءٌ به اتي وڃي ڪائي چڙهه ڪريان. فقير بانگ اچڻ کان ٿورو اڳ مسيت جي آڳند ۾ اچي وينو . ڏسي پيو ته ماڻهو ڊيڪيل ڊاڪون مُلان جي هٿ ۾ پيا ڏين . ملان اندر مسجد ۾ گهڙيو خالي ٿانءَ موٽائي کنيو پيو اچي . وتايي سمجهيو ته آءٌ هرو پرو ٻاهر پيو اُسڙکان، شايد گهٽا جماعتي اندر آهن، ڏنائين ته مُلان حلوو سيرو هڪڙي کُند ۾ رکيل کوئرَ ۾ گڏ پيو ڪري. هن آسرو لاٿو ته انهيءَ مان ڦڪ به ڪونه ملندو، ملان وڏو بدنيت آهي، پوءِ چُپڙي ڪري ويهي تماشو ڏسڻ لڳو . بانگ آئي ته ماڻهن ج ا ڳاهٽ، مسيت ۾ جمع ٿيندا رهيا . نماز پڙهي پوري ڪيائون ته ملان هرهڪ کي ڊگهڙ مٿان سيري جو ذرڙو رکندو ڏيندو ويو . وتايي کي به ڏنائين، جنهن چيس ته اهو تنهنجو حق آهي، مسيت جو خدمتگار آهين. پلي گهر ڪٽي وڃي ٻچن کي کاراءِ. ملان کي اها چاٽڪ ڏکي لڳي، سو اندران سَيُن جو ٿالهه پري ڪٽي آيو. چي، فقير هيءُ مال کاءُ خالي پيٽ، سڳوري رات ائين نه وڃ. فقير چيو ته ايترو مال آءٌ ڪيڏانهن ڪيندس؟ جيڪي غريب مسجد ۾ آيا، تن کي تو ڪارائي ڊؤ نه ڪرايو، انهن کي رڳو نظر ڏنياٽي گرنهه گرنهه ڏنئي ۽ سمورو مال اندر چپر ڪري ڇڏيو اٿئي؟ هاڻ پانئين ٿو ته هن فقير کي سَيُن جي ٿالهي ڪارائي، اهو پريل ڪونرَ ڪٽارائي گهر وڃان . پاڻ کي اهڙي سٽيي گرانهه جي سَڌ ڪانهي . مُلي چيو ته فقير، تون منهنجي نيت به سهي ڪري ويو آهين ! تو ۾ ته ڪا وڏي مٽيا آهي . هاڻ مال مليدن تان مون هٿ ڪنيو. مون کي ڪا سهٽي صلاح بڌاءِ. فقير چيو، تون پاڻ آسودو ماڻهو آهين، تنهنجي گهر ۾ ايترا پاتي به ڪين آهن، جو رات وچ ۾ اهو طعام ڪائي پورا ڪندا . ضرور صبح جو ٻاهر ڦٽو ڪندين، جي ڏين ها جماعتين کي ته ڪائي خوش ٿين ها . تون ايترو رکين ها، جيترا تنهنجا کائڻ وارا آهن، وڌيڪ حق مسافرن جو آهي . ورهاست به ائين ڪندو ڪر. اول مسافر پوءِ جماعتي ۽ آخر ۾ تون پاڻ ۽ تنهنجي گهر وارا . مُلي چيو ته آئيندي آءٌ ائين ئي ڪندس، پر درويش مون کي ڪٽي به بدنام نه ڪج.

## 110. دنيا جا طالب ڪدڙا آهن!

هڪڙي ڪچهريءَ ۾ ٻنهه ججها ماڻهو وتايي کي ڦري آيا. چوڻ لڳس فقير، تون الله سائين کان دعا گهر ته تو کي تونگر ڪري، ڏسون ته تنهنجي دعا اگهامي ٿي؟ چيائين:

کير ٿيندو نرَ منجهان مادي،

گھري ونان ۾ پاڻ سان ڪرايان تعدي!

چيائونس سو ڪيئن؟ ورندي ڏنائين دنيا جون طالب عورتون آهن، عقبيٰ جا طالب ڪدڙا آهن، مولا جي ديدار جا طالب مرد آهن. اسان ڪي تہ مولا جي ديدار جي طلب آهي. نہ زالن وانگر زر زريون جي، نڪي ڪدڙن ۾ سڏڙين وانگر حورن جي.

اسان کي الف جي اوڙ آهي ڪافي
بيوس وسيلن کان آ ملي معافي!

## 111. اوهان کي مرڻو ڪونهي ڇا؟

ڳالھ ٿا ڪن تہ وتايي فقير جي ماءُ تمام سخت بيمار ٿي پئي . پاڙي وارن هن کي چيو تہ ڪنهن ڏاهي ويج کان علاج ڪرايوس. جواب ۾ چيائين تہ جي حياتي اٿس تہ مماتي تي نٽي سگھي، جي ڏينهن اچي پورا ٿيا اٿس تہ حيلا حوالا هڙ بيڪار آهن ! جي توهان کي مون سان همدردي آهي تہ پلي ڪنهن هاتڪ حڪيم وٽ هلي ڏيکاريوس، باقي منهنجي دل دوائن ڪرائڻ کان ڪتي تي پئي آهي . پاڙي وارا زوريءَ علاج لاءِ مائيءَ کي کڻي ويا، پر ڪو افاقو ڪونہ ٿيو. مائي رحلت ڪري ويئي. پاڙي وارن مائيءَ کي ڪفن ڏئي دفن ڪيو. پوءِ ڳوٺ وارا پرچاڻي ڏيڻ لاءِ آيس . ڪن چيو فقير اُتي ماڻهين جي ڪانڊيي لاءِ سَنو ڪر . جيئن سيئي ڪانڌي هٿ ٻوڙين تہ مائي کي وڏو ثواب ٿيندو . هن چيو تہ حڪم آهي تہ جنہ ن گھر ۾ قضيو ٿئي، ان گھر جو ٽي ڏينهن ڪاڌو کائڻ، پاڻي پيئڻ مڪروھ آهي. توهان جي چوڻ تي اجا بہ جمعا، چانداٽا ۽ ٻارها ڪرڻا پوندم، جيڪي مُلن پيٽ پرڻ لاءِ رٿائون رٿي ڇڏيون آهن. هڪ امڙ جو غم، ٻيو گھر جو گھاٽو، مون کان سَنو ڪونہ ٿيندو . هي هن ڏکئي وقت ۾ ڪٽي منهنجي مدد ڪيوَ تہ لهي ڪونہ پوندوَ . وارا ڇمارا آهن. جڏهن توهان وٽ بہ موت ڪاهي ايندو تہ آءٌ توهان کي ڪک پيچڻ بہ ڪونہ ڏيندس . توهان جي عزيزن کي ثواب پهچائڻ واسطي پاڻ پتوڙيندس . پر جي اوهان ڪُتل آهيو تہ پوءِ توهان تي ۾ مون تي ميار ڪانهي ! رڳو منهنجي ماءُ ڪانہ مئي آهي، جنهن لاءِ خرچ ۾ ٿا وجھو، اوهان کي مرڻو ڪونهي ڇا؟

## 112. وڏيرو بهشت ۾ ڪيئن ويندو؟

ڳوٺ جو وڏيرو گذاري ويو، سڀ ماڻهو اچي ڪانڌي ٿيا . وتايو بہ مقام تائين گڏجي آيو . جنازي نماز بعد، ملان قرآن بخشائڻ لاءِ هڪ عزيز کي ويهاري دعا گھري . وتايي چيو تہ جي بخشائڻي ۾ مُلان کي م ينهن ڏيندين تہ وڏيرو سڌو بهشت ۾ ويندو . جي گھٽ وڌ ڏيندين تہ ٽنگيو پيو هوندو . اهو بهشت سنڌ جي رهاڪن لاءِ ملن منٿون ڪري الله کان نهرائي ورتو آهي . عربستان ۾ قرآن بخشائين ڪونہ، چون جهڙا عمل ڪيا هوندائين، اهڙو اَجر ملندس. اسين خدا کي رشوت ڏئي، ڪو بهشت خريد ڪري ڪ ونہ سگھنداسين، پر هت جا ملان حرام کائڻ لاءِ اهڙي هام هڻيو بيٺا آهن . جڏهن سموري سُڌ اٿن تہ پاڻ بهشت ۾ ڪونہ ويندا، جو افعال اهڙا اٿن، سو سندن هٿان وڏيرو وري بهشت ۾ ڪيئن ويندو؟

## 113. پاڻ دال تي بہ خوش آهيون!

رمضان شريف جي آخري جمعي تي، وتايو فقير بہ ڪپڙا ڌوئاري مسجد ۾ نماز پڙهي، سانجهيءَ جو روزو کولڻ لاءِ اچي مسجد ۾ ويهي رهيو. مُلي هن جي اڳيان جوئر جي ماني ۽ دال جي ٻوڙ جي جمني رکي، ٻين آسودن ۾ ڪپڙي لٽي ۾ نهيلن مهندان گوشت، مڇي وغيره ڪٽڪ جي ڦلن سان گڏ رکي . ڪن جي اڳيان ميوات ۽ شربت تہ ڪن کي چڙي لسي، افطاريءَ لاءِ ڏنائين. اتي ٻن شخصن جو پاڻ ۾ جهيڙو ٿي پيو . هڪ چيو گھران آندا اٿئي پٽاٽا، هٿ وري گوشت جو وٽو تو اڳيان رکين . روزي کولڻ لاءِ ڪونہ تو اچين، رڳو چشڪا وٺڻ تو اچين . هن چيو تہ ان جي معنيٰ تہ تون پلي گوشت کاءُ، ٻيو ڪونہ کائي؟ روزو رکيو اٿئي تہ ڪو مون تي ٿورو يا احسان ڪونہ ڪيو اٿئي . آءٌ بيشڪ گوشت، پلاءُ، قورمو جيڪو سڀ مال هوندو سو چڪي ڪٽي کائيندس . هن چيو

اسين مئا آهيون، جو تون ڪٺي ڪائي ويندين . هن چيو چڱو آءٌ ڪٿان تو، ڏسان تہ تون ڇا ٿو ڪرين؟ پوءِ هن پلاءُ جي پاٽ ڏي هٿ وڌايو تہ سندس سامهون واري نڪاءُ نۆنشو ڪرايس . پوءِ تہ جماعتي هڪڙا هڪڙي جي پاسي، ٻيا ٻئي جي پاسي ٿيا. مارا ماري شروع ٿي ويئي. ٻوڙ ۽ مانيون اتي پئي ٽڏيون ٿيون. جڏهن نهپر ٿي تہ وتايي مُلان کي چيو، چڱو جو مون کي دال ڏنئي اسين دال ۾ ئي خوش آهيون، نہ تہ اڄ مرسيت مان نيندبيون رت جون وهائيندا وجون ها!

## 114. سچو فقير سچو ملا پاڻ ۾ ويري ناهن!

وتايي کان پڇيائون تہ مُلا ۽ فقير جو جهيڙو شروع کان هلندو اچي، ان جو ڪارڻ ڪهڙو آهي؟ فقير چيو تہ سچو فقير ۽ سچو مُلان پاڻ ۾ هڪٻئي جا ويري هرگز نہ هوندا آهن . باقي جيڪي پاڻ ۾ وڙهن ٿا، سي گمراهہ آهن. حرام جي هڏي جي هٿ ڪرڻ واسطي دست درازي ڪن ٿا.

هڏي تي هوڏ، ڪُتن آهي مَچائي،

اها ڪني ڪوڏ، ڪيترائي ڪري ويا!

## 115. تنهنجي پيءُ جي صدقي ڪپڙا لٽلا

هڪڙي ماڻهوءَ پوڳ ڪرائيندي، وتايي کي چيو تہ ڪپڙا تہ ائين زماني جي بزرگن وارا پاتا اٿئي؟ وتايي چيو تہ منهنجي ڏاڏي مرڻ مهل وصيت ڪئي هئي تہ سندس اوڍيل ڪپڙا، ڪنهن صندوق ۾ وجهي منهنجيءَ قبر جي پرسان دفن ڪري ڇڏجو، سو ڪيترائي ورهيہ اهي ڪپڙا مقام ۾ پوريا پيا هئا . بابي مون کي اها ڳالهہ ٻڌائي هئي، پر صندوق واري جاءِ ڪانہ ڏيکاري هئي . پر سال پٺهين گذريو تہ ان جي قبر ڪوٺڻ لاءِ قابرن پئي زمين ڳولي. صندوق واري جاءِ تي اچو پَٽ ڏسي ڪڏ ڪوتيائون . جيئن ڪڙڪو ٿيو، ڪڏ ڪنيائون تہ صندوق پڌري ٿي پئي. آءٌ جو اتي بينو هوس، تہ بابي واري ٻڌايل ڳالهہ تي تري آيم . هنن کي چيم تہ اها صندوق منهنجي ڏاڏي مون کان اتي پورائي ڇڏي هئي . اها مون کي ڏيو . هن ۾ ڪابہ دولت يا مال ملڪيت ڪانهي، رڳو پراڻا ڪپڙا آهن، پوءِ انهن پيتي کولي ڏني تہ برابر منجهس پراڻا ڪپڙا پيا هئا . اهي ڏسي ڪٺي منهنجي حوالي ڪيائون . ڪي ڏينهن تہ ساندي رکيومان، پر هينئر گهرج پيم تہ ڪٺي ڍڪيا اٿم . آءٌ انهيءَ ڪري پٺهين جو شڪر گذار آهيان، جنهن جي موت ڪري اسان کي امانت ملي آهي. چرچو ڪندڙ ڪنڌ ڪٺي مُونن ۾ هنيو.

## 116. لامن ۾ لڙڪڻ ڇڏي، ٿُڙ کي وٺيو وينا آهيون!

ڪنهن هندوءَ وتايي سان رهاڻ ويني ڪئي . رهاڻ ڪندي، ڪانئس سوال پڇيائين : پائي وَٺو، توهان ڪهڙي اهنج کان هندو ڌرم ڇڏي مسلمانن جو مذهب اختيار ڪيو؟

وتايي چيو: مسلمانن جو رڳو هڪ خدا آهي. هو ان کي مجيندا آهن. سندن خيال ۾ خدا واحد، لا شريڪ آهي. هن کي نہ ڪنهن ڄڻيو آهي نہ هن جو ڪو ڄاول آهي . هن سان ڪنهن جي بہ برابري ڪانهي، هو پنهنجي ذات ۾ يگانو ۽ نيارو آهي . اهڙيون تعريفون ٻڌي اسان جي دل هڪ ڏٽيءَ ڏانهن موڙ ڪاڏي . ۵ ڪ لک چوراسي هزار جُوٽيون ونڻ، ٻيهو ۾ پرميشور ۽ پتر جو نهيل پڳوان پوڄڻ ڇڏي ڏنوسين . لامن ۾ لڙڪڻ ڇڏي، ٿُڙ کي وٺيو وينا آهيون. اهو پنهنجو ڪرم ڪري، اُڪاري پار ڪندو!

## 117. امان ڪاڻ دلي ڏک ڪجي!

وتايي کي ڪنهن چيو تہ فقير، سڀاڻي محرم مهيني جي ڏهين تاريخ آهي . ماڻهو روئندا، پٽيندا، تعزيہ ڪيندا، ڪي نذر نياز ڪندا، امامن جي نالي تي سبيلون ۽ شربت پياريندا . فقير چيو امامن جو ڏک ڪرڻ برحق آهي . جي قرآن شريف پڙهي ختمو ڏجي، نفل پڙهجن، ڪربلا جي ڪيس تي افسوس ڪري، گونگا ڳوڙها ڳاڙجن تہ

ثواب آهي. امامن سان ڪربلا ۾ جيڪو قهر ٿي چڪو هو . ڏيکلهُ لاءِ ڪارا ڪپڙا ڍڪڻ، سَٽڻ ڪُٽڻ، بهانو بنائي سُنا ۽ لذيذ طعام، سندن نالي تي کائڻ ۽ کارائڻ کان چڱو آهي ته امامن کاڻ دلي ڏک ڪجي .

## 118. وتايا شادي ڇونہ ٿو ڪرين؟

وتايي کي هڪڙي ڏينهن ہ ٽي ڄڻا ڦري آيا، چون، وتايا، شادي ڇو نہ ٿو ڪرين؟ اجا سُوٽ بدن آهين . ڇيائين زباني همدردي توهان جهڙا ماڻهو گهڻائي ڪندا آهن، پر جي ڪانئن سگ گهربو ته سُور وني ويندُن مکڻ پوَندي پلا کهن جو مٿو ڏکندو؟ جي توهان کي مون سان سچي همدردي ۽ حب آهي، ته اُٿي ووڙ وجهو، ڳوليو ڦوليو، پوءِ جي آءٌ انڪار ڪريان ته جيڪي وٽيوَ سو ڪجو ! ميان، مک هميشہ سٽيپي شيءِ تي ويهندي آهي . چوندا آهن ”شاهوڪار جا سالا گهڻا، غريب جو پيٽويو ٽيڻ ہ ڪو قبول ڪونہ ڪري .“ ڪير ٿو ڪُتل وتايي کي پنهنجو ناٺي بڻائي....؟

## 119. گهوڙي جي ڊُک جا پئسا ڏي!

هڪڙي ماڻهوءَ وتايي فقير کي منٿ ڪئي ته فلاڻي ماڻهوءَ وٽ تمام پلو ۽ سنو گهوڙو آهي . آءٌ پنهنجي گهوڙيءَ کي ان گهوڙي سان ميڙائڻ گهران ٿو، پر هو گهوڙي ڏيڻ جي نٽو ڪري . تنهنجو معتقد آهي. مون تي پلائي ڪر هن کان گهوڙو آڻي ڏينم . وتايو هن وٽ ويو . هن پنهنجي ماڻهوءَ هٿ گهوڙو موڪلي ڏنو . جنهن گهوڙيءَ کي سائو ڪيو، پوءِ وچ واري گهوڙي آڻيندڙ پنهنجي لالچ ڪري، گهوڙي ۽ جي مالڪ کي چيو ته گهوڙي کي مالڪ گيهه جي ڊُک ڏيندو، تنهن ڪري ڊُک جا پئسا ڏيو . هن کي اها خبر ڪانہ هئي ته گهوڙي جي مالڪ وتايي جي نالي تي مفت گهوڙو ڏياريو آهي . سو پئسن لاءِ تڙ پيڙ ڪرڻ لڳو . گهوڙيءَ واري چيو ته بابا، مون کي گهوڙو وتايي فقير ونرائي ڏنو آهي . اهو سامهون بينو اٿئي، ڊُک جا پئسا فقير کان وٺ . وتايي چيو مون هُن کان ڪيترا پيرا گهوڙو ميڙائڻ لاءِ پئي ورتو آهي . هن ڪڏهن ہ مون کان ڊُک جي گهر نہ ڪئي آهي . اڄ تون ئي اهو نئون اصول ڪيي رهيو آهين . ته تون گهران پري ڏي. هيءُ خدائي جوڙ آهي، نر ۽ مادي ملي ڦر پيدا ٿڪن. انهيءَ لاءِ رب سائين پئسن ڏيڻ جو حڪم ڪونہ ڪيو آهي. جي پئسن ڏيڻ ونڻ سان اهو ڪم جاري رهيو ته ناظرو سپ وِهٽ نظري ماري ڇڏيندا.

## 120. ڪي جوانڻ جماڻ جاچ!

هڪ دفعي، وتايو ڪنهن ڪاڄيتي جي ڇَني وٽان اچي مَتيو . ڏسي ته ماڻهن جا ميڙا لڳا پيا آهن . وتايو وڏي ميڙ ۾ اندر آيو، ڏسي ته هڪڙي طوائف پئي ڳائي ۽ نچي . اکين جا اشارا ۽ جسم جا غمزا پئي ڏيکاري، وتايي کي نئون آيل ماڻهو ڏسي، انهيءَ ڏانهن جهڪڻ لڳي. وتايي چيس ته مان ڪُتل ماڻهو آهيان. مون مان ڪجهہ نہ ورندءِ. اهي شهپرن وارا ۽ ڳاڙهن ڳلن وارا جوان گهڻا بينا آهن، انهي کي پنهنجون ادائون ڏيکار ته اهي مائل ٿي پوندا. پوءِ اهڙن دل ڦينڪ جوانن مان تنهنجا سپ سڪارج ٿي ويندا . پوءِ ڳائڻي هڙن جا ڳِل پٽيندي، ڪؤنس ڪندي رهي. تان جو رپين سان جهولي پرجي ويس. وتايي چيو تڏهن ته چيو ماڻءَ ته ڪي جوان جماڻ جاچ.

## 121. پاڙي وارن جو بہ ڌيان رکبو آهي!

هڪ عورت جنهن جو گهر وتايي جي گهر سان لڳ هو . سا پئي ڏسندي هئي ته ماڻهو وتايي لاءِ منايون، ميوات ۽ طرحين طرحين جا طعام ڪٽي سڏ ڪري اچي ڏيندا هئا . وتايو وري ننڍڙن ٻارن کي سڏي، سمورو ڪاڏو ۽ شيون انهن کي ورهائي ڏيندو هو . ٻار ميڙاڪو ڪيو، سندس پويان پيا هلندا هئا . اها عورت ٻارن ۾ شيون ورهائجندي ڏسي، ڇپ بيني ڇٽيندي هئي. ارادو هوس ته ڪيس ہ فقير ڪجهہ کائڻ لاءِ ڏي. هڪڙي ڏينهن ڪو ماڻهو ڍاڪون ڍڪي ڪٽي آيو، جنهن مان سُڳند پئي آئي . هن عورت وتايي سان جهيڙو شروع ڪيو . جيئن طعام آڻيندڙن تي

اثر ٿئي. مائي چوڻ لڳي، فقير تي پٽبين . ڇانگ چوڪرن جي پاڻ سان گڏ ڪٽيو گهمندو ٿو وتين . پراوا ٻار ٿو ڪارين. سنا سنا مال پاڻ ڪايو ڏندو ٿيو پيو هلين، ٻاهر ڏيکاءُ اهڙو ٿو ڪرين جو ماڻهو سمجهن ته فقير جو نور سان پيٽ پريو پيو آهي . ان سان ذرو به دل نه اٿس . چوڪرن بجاءِ ٻين پاڙيوارن ڪي اهي مال ورهائي ڏيڻ جي نٿو ڪرين؟ انهيءَ لاءِ متان ڦڪڙ نه ڦاٽي پوي، نه ته پاڙيوارن جو ڌيان رکبو آهي، تو ۾ اها مريادا ڪانهي . تنهن ڪري پاڙيوارن کان هميشه نفرت ٿو رکين . پاڙو ته پيغمبرن کي به پيارو آهي . آءٌ جي سچ ٿي چوان ته مرچ ٿا لڳنئي. اهڙي بڪواس سٽي فقير منهن مٿي ڪيو. چيو ته اي مولا پاڪ، تون دانا بينا آهين، هن عورت مون کي ڏاڍو تنگ ڪيو آهي . مون کي هن جي سُهمن ۾ طعنن کان امن ۾ رک ! فقير جون اهڙيون آزيون ٻڌي، ٻين پاڙيوارين عورتن هن چتي عورت کي سمجهايو ته نياڳي چوٽي پنهنجون پاڙون پٽائين . ڪانه مهل ڪنهن جهڙي، فقير جي دعا اگهاٽي ته ڏسنديئَ ۾ پسنديئَ. تنهن کان پوءِ هن عورت فقير جي پچر ڇڏي.

## 122. گگدام رتوچاڻ ٿيندا، توهان واهه ڪندا

هڪڙي وڏيري دل ۾ خيال ڪيو ته ماڻهو تڏهن درويش ۽ فقيرتن ٿا ٿين، جڏهن دنيا جا مزا ڪونه ٿا ڏسن . وتايو به فقير تڏهن آهي، جڏهن هن ڪابه لئي ڪانه ڏٺي ۽ ورتي آهي. اڄ سوئر تي ڪتن جي ٻچ ٿو ڪرايان، جي فقير ڏسندو ته دين جي دشمن کي ڪتن هٽي چيري ڦاڙي رکيو آهي، جنهن جي تباهه ڪرڻ جو مسلمانن کي حڪم آهي، فقير اهو تماسو ڏسندو ته ڏاڍو خوش ٿيندو . سو ڪمدار موڪلي وتايي کي گهرائي ورتائين. وتايو آيو، ڇا ٿو ڏسي ته ماڻهن جا حشام اُيا ٿيا، گهيرو ڪيو بينا آهن. وڏيرو ۽ سندس ساٿي ڪٽن تي وينا آهن، وچ تي سوئر ٻڌو پيو آهي. پنجن ڇهن ڪتن جون، ڪُتائي رسيون جهليو بينا آهن. ڪتا نرا ڪني پؤنڪون به پيا ڪن ته سوئر تي اُلرون به پيا ڪن . وڏيري فقير کي عزت ڏئي پاڻ سان گڏ ويهاريو . فقير پڇيو ته مون کي ڇو گهرا يو اَٿو؟ هن چيو ته ڏٽيءَ تعاليٰ سڀ تماشا پنهنجن بندن جي ڏسڻ لاءِ پيدا ڪيا آهن . توهين رڳو عالمن ۽ درويشن جي صحبت ۾ ٿا گذاريو. مون اوهان کي گهرايو آهي ته اڄ هت مرون ۽ ڪتن جي ويڙهه ۾ سوئر مٿان ڪتن جي ٻَچ ڏسي توهين خوش ٿيندا . وتايي چيو "مروان موت ملوڪان شڪار " واري چوڻ بيشڪ توهان قائم رکي آهي . ميان صاحب، ساهه هر ڪنهن کي منو آهي. ويچارا گگدام رتوچاڻ ٿيندا، توهين واهه واهه ڪندا رهندا. پوءِ الله ۽ رسول جي يادگيري ڇڏي ڪتن جي ساراهه جي ڏُڪ پريندا رهندا . خدا نه ڪري جي، ڪو توهان جو پيارو ڪتو چيرجي مري ويو ته جڻ توهان ج ي گهر ۾ قضيو ٿيو . پوءِ نڪي ماني وٽندوءَ . نڪي ڳالهه ٻولهه . پوءِ وري خوشامدڙيا ايندا، سي توهان کي دلاسي ۽ دلبريون ڏيندا، پرواهه نه ڪريو، اهڙو ڪتو فلاٽي وٽ بينو آهي، جيتري ۾ ڏيندو، وننداسونس. پوءِ سوين هزارين رپيا انهن لوفرن جي چوڻ تي ڪدي ٻاهر ڪندا . هوڏانهن ڏٽيءَ جي نالي تي خيرات يا زڪوات ڏيڻ کان ٻرو پيو ٿيندوءَ . هنن جو ڏوهه توتي پوندو، جو چڱن ڪمن بدران ٻڇڙا ڪم تو چوندي ڪنيا آهن . پانئين ٿو ته ان ۾ عزت به ٿيندي ۽ خدا به خوش ٿيندو، پُليو آهين، مري سيني ڪمن جو قصاص ڏيندين. فقير جي هدايت ٻڌي وڏيري جا طاق لڳي ويا!

## 123. وڏن کي ڏسي ننڍا به ڪرندا آهن

ڳالهه ٿا ڪن ته شهر ۾ هڪڙو مشهور وياج خور رهندو هو . هڪڙي ڏينهن وتايو فقير هاسيڪار هن وٽ هلي ويو. چيائينس ته تون حاجي ٿي وياج ٿو ڪائين، جو بلڪل حرام آهي . تون سمجهين ٿو ته مون حج ڪيو آهي، هاٽي منهنجا پاپ سڀ ڌوپجي ويا . جيئن وٽندم، تيئن پيو ڪندس . تڏهن وياج پيو ڪائين ۽ دولت پيو ڪٽي ڪرين. چون ٿا ته ڪيترائي حاجي حج ڪرڻ بعد ايمان وڃائي ايندا آهن . جيڪو پليءَ راهه ۾ خرچ ڪندا آهن . انهيءَ رقم کي حاصل ڪرڻ لاءِ اجوڳ رستا اختيار ڪرڻ کان به ڪين ڊڄندا آهن . مون ٻڌو آهي ته حاجي جڏهن حج ڪرڻ لاءِ سنبري نڪرندو آهي ته اُن سان به شيون ٻيون به هونديون آهن. انهن مان هڪ هوندو آهي شيطان ۽ ٻيو هوندو آهي ايمان . جڏهن حاجي اوائلي بندر تي پهچندو آهي ته شيطان چوندو اٿس ته هاٽي پنهنجي سنگت ٽٽي، ڇو ته تون پلي پار وڃي رهيو آهين، اتي توکي منهنجي گهرج نه رهندي . پوءِ حاجي ۽ ايمان اچي حجاز

جي ڪنهن بندر تي لهندا آهن. جڏهن حج جا سڀ رُڪن ادا ٿي ويندا آهن ۽ حاجي پنهنجي وطن ورڻ لاءِ جهاز تي چڙهڻ وارو هوندو آهي ته ڪيس ايمان چوندو آهي ته هن پليءَ ولايت ڪي ڇڏي، آءٌ توسان هلڻ پسند نٿو ڪريان . هاڻ تون حاجي آهين، نيڪي بدي سڀ ڄاڻين ٿو. چڱي جي چاڻنث چمي اٿئي، بس توڪل برخدا هليو وڃ. جڏهن اهو حاجي پنهنجي وطن واري بندر تي اچي لهندو آهي ته شيطان ان سان گڏ ايمان ڪي نه ڏسي، ڏند ڪڍندو، حاجيءَ ڪي اچي بغل گير ٿيندو آهي، چوندو آهي ته مون الله ڪان اهو پئي گهريو ته شل ايمان ڪي اتي ڇڏي ڇڙو موٽي اچين، هاڻي ڪوبه فڪر نه ڪر، بندو هر طرح حاضر آهي. اميد ته اُهي اُهي ڪم توڪان ڪرائيندس جو دنيا ڪي ڏندين آڱريون اچي وينديون . نيڪ آهي نه؟ اهڙي پڪائيءَ سان شيطان حاجي ڪي ڪاريندو رهندو آهي . تون ڏس ته تنهنجا پُٽ شرابي آهن، رنون پيا نچائين، جوا ۽ رنڊي بازي سندن شي وو آهي . اهي سڀ ڪنا ڪم تنهنجي حرام جي ڪمائيءَ وياج مان پيا ٿين، جيڪو تون ماڻهن ڪي لُٽي، هُنن جو پيٽ پرين ٿو . انسان جي بڇڙن ڪمن ڪي الله ڊگهي ڏور ڏيندو آهي، پر پوءِ اهڙو ته ڇؤڪنيو هن ڪي خدا جو غضب پڪڙي ٻڌندو آهي، جو ڇٽڻ جي ڪابه واهه نه رهندي اٿس . ياڻئجي ٿو ته جوانيءَ ۾ تون به ڪريل هئين ! ننيا وڏن ڪي ڏسي ڪرندا آهن . ٽتوءَ ڪي ٿارو، تازي ڪي اشارو ڪافي آهي.

## 124. ڪانا تيري ڪيا بات ڪهون؟

هڪڙيءَ مجلس ۾ ڪنهن ڪجريءَ پئي ڳاتو . ماڻهن جو انبوهه اچي گڏ ٿيو . اول ڏوڪڙيءَ وڄت ڪئي، ان سان گڏ سارنگيءَ واري سُر ملايو، پوءِ ڪجري اٿي بت ائڻ، ناز ۽ نخرا ڪرڻ لڳي . هڪڙي ماڻهوءَ وتايي ڪان پڇيو، جيڪو پنهنجي سر مگن ٿيو بينو هو . فقير چا ٿو سمجهين؟ چيائين ته ڏوڪڙي چوي پيو "ڦٿ لعنت، ڦٿ لعنت." سارنگيءَ مان آواز پيو اچي "ڪِسڪون، ڪِسڪون،" ڪجري هٿن جي اشارن سان چئي پئي "اِسڪون، اُسڪون اور سيڪون" هن چيو فقير تو هن ڳالهه ڪي چڱيءَ طرح پروڙيو اهي . ٿوري مهل ڪان پوءِ ڪجريءَ گانو چيو ته "ڪانا مين تيري ڪيا بات ڪهون " چوته هڪڙو ڪاڻو به ان مجلس ۾ بينو هو . هن "ڪانا" حرف ٻڌي خيال ڪيو ته ڪجهه مڙئي مون ڪي چوڻ ٿي گهري. مثان ڪا نِلائي ڪري! سو امالڪ رپيو ڪڍي ڏنائينس. طوائف سمجهيو ته هن ڪي راڳ وڻيو آهي، سا ڦيرو ڏيو اچي هن جي مٿان چوي ڪانا مين تيري ڪيا بات ڪهون. بس همراهه رپئي مٿان رپيو ڏيندو رهيو، وتايو به اهو لاَءُ ڏسندو رهيو . جڏهن ڪاڻي جا رپيا کُٽا ته خفي ٿي رن ڪي چيائين، جيڪي چوڻو هجئي سو چؤ! مون حاجت ڪندي رڳو هڪڙو ٻير پَٽ تان ڪٽي ڪاڏو آهي، جو تو ڏسي ورتو آهي. ڊڪ ڊَڪڻ واسطي ڪيسو ته خالي ڪيو اٿم، تڏهن به تنهنجو اهو رينگٽ نه ٿو بند ٿئي؟ بس هاڻ ته ٻڌءِ؟ تون ٻيو چا چوندينءَ سِر ڪٽي ڪپايو اٿئي . وتايي اها ڳالهه ٻڌي ڪجري ڪي منٿ ڪئي ته اسين بي دليا اچي ڦاٿا آهيون، راڳ روپ مان ڪو نه ڄاڻون. الله توکي ٻئي ڪنهن هنڌان ڀاڳ پڙائيندو . هن يار ڪي پئسا واپس ڪر، جي غلطيءَ سان توکي ڏيئي وينو آهي . توهان ٻنهي هڪ ٻئي ڪي نه ڄاتو نه سڃاتو ! پئسا ڏينس ته غريب ٻڇڙيوال وڃي ڪا عيال جي اوک پلي . وتايي فقير جي منهن ۾ نهاري . هن رنڊيءَ رقم موٽائي ڏني. ڪاڻي چيو فقير جي تون نه هجين ها ته اڄ آءٌ مور پنڻ ڪي پهچان ها.

## 125. عبادت خوشبو آهي!

وتايي فقير ڪان ڪنهن پڇيو ته فقير ! اهو ڪهڙو ڪارڻ آهي، جو مسجد ۾ نماز پڙهڻ يا عبادت ڪرڻ واسطي، ماڻهو وڃي ٿو ته گهڙي ڪن ڪان پوءِ هن ڪي اوجهڙاڻِ ۽ اونگهه اچيو وڃي، ليٽڻ لاءِ اهليو پوي ، پر ڪنهن ڪيل تماشي، راڳ رنگ ۾ سڄي رات نبريو وڃي، ته اک نه ٿي لڳي، سو ڇپ؟ فقير چيو ته عبادت ڪرڻ ۾ سُرهي سڳنڌ ۽ خوشبوءِ ٿي اچي، پر مسخريون تماشا ۽ رؤنشا آهن گونهه گند . تنهن ڪري انهيءَ بدبوءِ بانس تي ننڊ نه ٿي اچي. رات ويهي، ڏينهن ٿو ڪجي، حرام جا اک چنيجي.

## 126. آڪر ڪٿو ڪونهي!

هڪڙي ڏينهن وتايي کي ماڻس چيو ته ابا ،ڏڏ پني پني ڪڪ ٿي پيا آهيون . جو نٿو ڪنهن سيد پير کي منٿ ڪرين ته ڪا ڏڳي ڪٽي ڏيار ته پاڳيا ٿي پئون . هاڻ پاڙي پٽيءَ مان ڏڌ، لسي ملڻ به بند ٿي ويو آهي . پاڻ وٽ ڪابه ڳئون جنائُ نٿي ڪري. وتايي چيو ته پيناڪن ڪان پنڻ آهي ته منهنجي لاءِ ڏکيو، پر تنهنجو چوڻ مڃي وڃي ٿو ڪنهن نه ڪنهن جي لڙ لڳان. سو هڪڙي مرشد سان گڏجي مسافريءَ تي نڪتو . هن کي چيائين ته ڪا پلي پٽاري مون کي مُريدن کان ونِي ڏيار . امان توهان کي ڏاڍيون دعائون ڪندي . پير چيو: هل پلي، جي پاڳ چڱو هوندءِ ته گهڻو ڪجھ ملي پوندءِ. اسان جو ته بوجهو آهي ئي مريدن جي مٿي تي.
هڪڙي ڏينهن هڪڙي دل واري مريد جي اڱڻ تي وڃي لٿا . صدق واري مريد ڪيڻ کي گهر ۾ رهايو ۽ ڏاڍي سُنائي صفائي سان گهر کي اچو اجرو ڪيائين . طرح طرح جا طعام، پانت پانت جا پيئڻ موجود ڪيائين . پير صاحب ڪائي پي جڏهن نڙ ٿيو ته مٽي کي هٿ ڏيئي ٿڌا ساهه پرڻ لڳو . مريد چيو: قربان وڃان! اوچتي ڪهڙي ماجرا پيدا ٿي آهي؟ مرشد چيو ؛ بس مٽي جي سور ڪان مغز تو ڦاٽيم . گهر واريءَ کي چؤ ته مٽي کي تيل تري هٽيم ته من ڪا فرحت ٿئي . مريد، مرشد کي اندر ونِي وڃي، ڪونيءَ ۾ ويهاريو ۽ گهر واريءَ کي سندس ٿهل تکور ۾ چڏيو. صبح ٿيو ته وتايي پير کي چيو ته هيءُ تنهنجو تمام سچو صدق وارو مريد آهي، ۽ هو مالوندو ۽ سرندو پڻ آهي، هن کان ئي مون کي ڪا ڳئون ڏيار ته ڳوٺ هليو وڃان، جيئن منهنجو پنڌ سجائو ٿئي . هن جڏهن مريد کي ڏڳيءَ ڪاڻ چيو ته مريد چيو ؛ سائين! جيڪا توکي ڪپي سا ڌُهي ڪڻ! منهنجي ڪابه ڳئون ڏهن بارهن سيرن کيرن ڏيڻ کان گهٽ ڏهائي ڪانه ٿي ڪرائي . بلاشڪ توهين منهنجي وٿاڻ ۾ دعا جا پير به گهمايو ۽ پنهنجو مطلب به حاصل ڪريو . جڏهن وٿاڻ ۾ پير ويو ته چؤپايو مال ڏسي هبڇي ٿي پيو . وتايي کي چيائين؛ هتان نه، باقي اڳيان بيا مريد رهن ٿا، اتي توکي ڳئون ڏياريندس. وتايو ماٺ ۾ رهيو. سمجهي ويو ته ڪم ڪونه ٿيندو. پير صاحب، ڏنُ پٽ ونِي جڏهن هلڻ هارو ٿيو ته ڪچهريءَ وارن مريدن کي هدايت ۽ نصيحت ڪرڻ لڳو :
هي جهان فاني آهي، هتان هر ڪنهن کي هلڻو آهي، هي ماڳ مڪان ڌهي پٽ ٿي ويندا، انهن تي بانور ڪرڻ ناداني آهي. هن حياتي جو گهوڙو چارئي پهر سنجيو بينو آهي . رڳو لغام ڦٽڪڻ جي دير آهي . تنهن ڪري گناهن کان توبهه ڪري ونو. متان ڪو اهڙو وجهه نه مليوَ، چڱاين کي ڇهڻي وڃو. هي وقت قيمتي اٿوَ، هن وقت لاءِ ڏاڍا هٿ هٽڻان پوندوَ، پر ڏڏو ڪير ڏٽين ڪين پوندو. لطيف سائيڻ چيو آهي ته:

عمر آيو اوچتو پڪي ۾ پيهي،
سبرپسي سومرا، ڏکي ويا ڏيهي،
نه ڄاڻان ڪيهي، ڪندو پر پهنوارن سين.

اتي وتايي کي وجھ لڳي پيو، چوڻ لڳو:
سنجهي ئي شروعات ٿي ورچ وڏندي وئي،
لڳي تري تيل جي، ٻڏجي ويا ٻيئي،
واقفيت وتايي کي، اها ڇتي طرح پئي،
اهڙا ڪم ثواب جا، ٿيا توهان هتان ڪيئي،
ڪابه ڏڳي ڏيئي، پير پڄايو پوئتي؟

وتايي جو اشارو ٻڌي، ڪُڪ ۾ ڪان لڳي ويس . مريدن کي چيائين ته جيڪا ڏڳي مون پسند ڪئي هئي، سا نذراني ۾ هن فقير کي ڏئي، هڪدم روانو ڪريوس ته ماءُ منڙي کي وڃي ڪير پياري، وتايو پوءِ ڏڳي ڪاهي ڳوٺ آيو ۽ ماڻس سان حالي حوالي ٿيو. جنهن چيس: تون اها ڳالهه نه ڪر، هُو پاڻهي پنهنجي پير تي پيا ڪهاڙو هڻن. تنهن ۾ پنهنجو ڇا وڃي!؟

## 127. ڪڏهن مرشد کي گهر ۾ ويهاري بازار مان ڪو ڪنڊ ته وٺي آڻي ڏيکاري؟

هڪڙي ماڻهوءَ کي، وتايي منهن ۾ چٽائي پئي ڏنو . هن پڇيس ته جو فقير مون کي جاچي پيو ڏسين؟ فقير چيو: مون ٻڌو آهي ته تنهنجي گهر ۾ مرشد آيو، تنهن کي تو نيپ ڏيئي گهر مان ڪڍي ڇڏيو آهي . پنهنجا ٻئي

جهان وڃائي ڇڏيئہ. هن ماڻهوءَ چيو : توکي تہ الائجي ڪيئن پتو پيو آهي؟ اها ڳالهہ مون توڙي ٻين مريدن تہ راز بنائي رکي هئي! وتايي چيو: ٻنهي جهانن جي وسيلن سان اهڙي جٺ ڪانہ ٿي نهي ! هن چيو: فقير مرشد جي گهڻي خدمت ڪيم، غريبي حال سارو وسان ڪين گهٽايم، پر اهڙو بد لڇڻو جو مون کي چيائين تہ آءٌ کنڊ جو شربت هر هر پيئندو آهيان. سا ڳچ جيتري وٺي اچي رک. دڪاندار ٿورو پريرو هو. آءٌ ويس پر هڪڙي پاڙي واري چيو تہ اجا دڪان کليو ئي ڪونهي، تنهن ڪري موٽي آيس . گهر اچڻ سان چا ٿو ڏسان تہ مرشد گهر ۾ سڙهہ ساڃا پيو ڪري. بدن کي باهہ وٺي ويم. هڪل ڏنيمانس تہ شرم تہ ڪونہ ٿيس، پر مون کي ڏيڃارڻ واسطي چوڻ لڳو: اچي ئي ٿي منهنجي ڪاني ! مون کي هئي خار، سو ٻياني ڪڍي چيومانس، جيسين تنهنجي ڪاني اچي، تنهن کان اڳ اچئي ٿي منهنجي ٻياني!

وتايي چيو: ڏاڍي زوراوري ڪئي آهي. ائين وهٽ وانگي نازڪ بدن مرشدن کي ماربو آهي؟ مريد چيو : وتايا، ٻاهريون ڳالهيون پيو ڪرين، ڪڏهن مرشد کي گهر ۾ ويهاري، بازار مان کنڊ آڻي ڏيکار تہ مڃئين . ٻاهر ٻرندي هرڪو ڏسي اندر ٻرندي کو ڪونہ ڏسي.

## 128. سَرند ماڻهن جي ڪتي ٿي سُڃين سان سنگت هلي!

هڪڙو سونارو، جنهن سان ناٿي جي هڙ هئي، تنهن وتايي فقير کي شهر ۾ ڏٺو . دل ۾ چيائين تہ منهنجي پيٽ سان ناٿي جو نوڙ ٻڌو پيو آهي . اڄ رات ڳوٺ پهچڻو اٿر، سج بہ لهڻ تي آهي . چونہ هن چورڙي کي ڳشو هٽي پاڻ سان گڏ ڳوٺ هلڻ لاءِ هرڪايان. هڪڙي کان وري بہ ٻہ چڱا آهيون، چيو ڪين اٿن تہ "ٻہ تہ ٻارهن" فقير کي چيائين تہ فقير هل تہ ڳوٺ هلون، مون کي اڄ رات خيرات ڪرڻي آهي . هَل، تہ توکي بہ ڪارائي ڊِؤ ڪرائيندس . پهرين تہ فقير هلڻ کان پڙ ڪڍي ٻينو، پر سوناري جي جڳهي ستائڻ تي راضي ٿي ويو . پرڻ پرانهون هو. هلندي هلندي، مٿان اچي سومهڻي ٿي . وتايي چيو تہ ٻيلي آءٌ ٿڪجي پيو آهيان . هن ڪرڙ هينان سمهي ٿو پوان، تنهنجي مرضي! سوناري ڏٺو فقير نابري واري آهي، سو هائوڪار ڪين ڪندو . سو ڪچيو ڪي بہ ڪين، ڏڳ کان پريرو هڪڙي جار (ڪٻڙ) جي وڻ هينان همياٽي (هڙ) سيراندي کان رکي سمهي پيو، پر ننڊ اچڻ جو خيال ڪونہ هوس، جو ناٿو نينهن ٿوڙ ساٿس گڏ هو. آڏي ٿي تہ ڪي چور وتايي جي ڪونگهرون تي ٻيهي رهيا. ڪيس اٿاري پڇيائونس تہ چا چا اٿئي؟ اسان جي حوالي ڪر، نہ تہ سر تو وڃئي ! هن چيو تہ آءٌ وتايو فقير آهيان، مون وٽ ڪائڻ ڪاڻ بہ ڪي ڪونهي. هڪڙن چيو ڇڏيوس، ٻئي چيو بدسوٽي نہ ڪريو، فقير جي تلاشي وٺو، ڪجهہ نہ ڪجهہ وٽس پوتي پلاند ۾ هوندو . اهو ٻڌي وتايي چيو تہ ڏنڊ وڃي بلا پڃي، ڪي بہ ڪين ورندوَ . پر پريان سونارو ستو پيو آهي، پانيان ٿو تہ پري انهيءَ ڪري وڃي سُتو آهي جو جوکم جان سان پيڙو اٿس . پوءِ تہ چور سوناري مٿان اچي پيا، ماري ڪُٽي مال ڪڍي پالهو ڪري هليا ويس.

سج ايرڻ تي سونارو ڳوٺ ڏانهن پنڌ پيو تہ وتايي بہ پٺ ورتس. چيائينس تہ سيٺ هاڻ چو هلڻ جي صلاح بہ نٿو ڪرين. ڏڳ پڳو وڃين؟ سوناري چيو تہ صلاح وري چاجي، تو هٿن سان مون کي ڦرايو آهي، جي چورن کي تون ڏس نہ ڏين ها تہ ٿورئي منهنجي ڪاڪل پوين ها، تون سنگت جو دشمن آهين، تو سان ياراڻي نٿي نهي . وتايي چيو تہ ٻئي سنگت رکي نڪتا هئاسين . توئي مون کي هيڪاندو ڪري هلايو . پر رات جو سنگت ٽوڙي لِڪي پرانهون وڃي سُتين . توکي ڊپ ٿيو تہ مٿان وتايو نہ ننڊ ۾ ڏسي ڏوڪڙ ڪڍي وڃي . اهيءَ ڪُپت ڪرڻ ڪري پنهنجي پاڻ پيڻگ ڪرايءِ. جي ٻئي گڏ هجون ها تہ مجال هئي چورن جي، جو ٻنهي کان ڏاڍا ٿي وڃن ها ! سنگت ۾ تہ هڪ ٻئي سان سر جون سٽون ڏبيون آهن، پر سَرند ماڻهن جي ڪتي ٿي ٻُکين سان دوستي هلي سگهي. هاڻ ٻئي سُڃا آهيون. گڏجي هل تہ ڳوٺ هلون.

## 129. پنجاهہ رپيا مون کي بہ ڏئي ويو!

ڪنهن پير کي دل ۾ آيو تہ وتايو مشهور درويش پيو ليکجي چونہ، هن کي پنهنجو خليفو ڪري مريد پنڻ واسطي وٺي وڃان، هن جي برڪت سان مال گهڻو ملندو . سو وتايي کي گهرائي پاڻ سان گڏ سير تي هلڻ ڪاڻ

چيائين. وتايي چيو مون کي ڪا ڏکي وني ڏج ته امان ڪيءَ ر پيئڻ جي سُکي ٿئي، باقي آءٌ هلڻ لاءِ تيار آهيان . پير پڪ ڏنيس، پوءِ ٻئي روانا ٿيا.

هڪڙي ڳوٺ ۾ پير جا ڪي غريب مريد رهندا هئا . ستو انهن وٽ اچي هڪ مريد ڪي گهرايائون . مريد آيو، پڇيائين چا ٿا چئو؟ پير چيو ته مون ڪي سؤ رپيا ڏن ڏي ۽ هن منهنجي خليفي ڪي هڪڙي پلي ڳيءِون ڏي. مريد چيو ته اسان وٽ لولي لاءِ لوڻ به ڪونهي . توهان روز روز فرمائشون ٿا ڪريو . اجا هڪڙي گهوڙي جي لِڏ به ڪانه ٿي سُکي ته اجهو مٿان ٻيو ڏگ ڏگ ڪندو ٿو اچي . توهان اسان ڪي به پاڻ جهڙو پنڻ هارڪو ڪري ڇڏيو آهي. توهان جي دعائن اسان ڪي ڪهڙو سُڌاريو آهي؟ سدائين قرضن ۾ ڪارا آهيون. ٻچا لنگهٽا سمهيو رهون. توهان جهڙن مرشدن ڪان ته پينگ پلي آهي . پير ڪاوڙجي پيو ۽ چيائين، اجائي ڇاڙ نه هڻ . هي مال رزق منهنجن مائٽن جي محابي توکي مليو آهي. ان ۾ اسان جي پتي به ڳنڍيل آهي. لنواءِ نه، يڪدم حڪم جي پيروي ڪر! مريد چيو، اهي حڪم ٻين تي هلاءِ. مان تنهنجو مريد ئي ٿيڻ نٿو چاهيان . بس هتان هليو وڃ. پير چيو ته هرگز نه نڪرندس. تون پنهنجي زال جا ٽپڙ وڪٽي به اسان جو پورائو ڪر . زال جي نالي ٻڌڻ سان مريد ڪي بخيلي وني ويئي، لوڙهه ڪٽي آيو ۽ نڪاءُ ڪرايائين مرشد جي مغز ۾، بس رت ڪُتا ئي نه ڇٽين، ريهون ڪندو وني پڳو. وتايو ته ان ڪان به اڳ گولي ٿي ويو . پر مُريد وتايي ڪي به ڊوڙي اچي پهتو . هڪڙو به بانئو ان ڪي به ڪشيائين، پوءِ خليفو ۽ مرشد اچي ٽاپين ۾ پيا. پنجن ڪوهن تي ٻيو مريدن جو ڳوٺ هو اتي پهتا. مريدن پڇيو ته سائين رت ۾ ڳارها ۽ ڪو وهڻ به ساڻ ڪونه اٿوَ سهڪن دا پيا اچو، آهي ته خير؟ چيائون ته اڌ واٽ تي چور مليا، چورن سان ڇڪري به ڪاڏي سين پر هُو ججها ڇٽا هئا، ڏي وٺ ڇگّي ڪئي سون، پر آءٌ ڦٽجي پيس ۽ ڍَڪرجي وجي ڪريس. خليفو انهن سان ٻَر اچي نه سگهيو، گهوڙو ڪاهي ويا پئسا به ڦُري ويا. مريدن چيو اسين تيار آهيون، اها جاءِ ڏيکاريو. اسين نه ڇڏينداسون. مرشد چيو ته اسان ڪي اها به ساجهه ڪانه رهي آهي ته ڪٿي جهيڙو ٿيو. ڪٿي ڦرياسين! هاڻ توهين فرائض (فراش) ڏيو ته ڳوٺ پهچي وجي علاج ڪرايون. مريدن چيو هيل فصل پلو ڪونه ٿيو آهي. اَن ڪٽا ٻچن ڪاڻ رکيا اٿؤن. هي ڏهاڪو رپيا ڪٽي وجو. الله مالڪ آهي وري ايندؤ ته توهان ڪي خوش ڪري روانو ڪنداسون . مرشد چيو ڏسو نٽا ته اسان ڪي بيمانن بيدرديءَ سان ڪُٽيو آهي . مٿا ڦاٽا پيا آهن. ايترا ته ڏوڪڙ ڏيو جو ڪنهن نڪاٽي تي لڳون . مريدن چيو اسان جو حال اهو آهي، وڏيڪ مرضيءَ جا مالڪ آهيو. وتايي چيو ته پير صاحب، جيڪي حُ ب سان ڏين ٿا، سو ڪانئن وٺو . هُن ڳوٺ وارو مريد اهڙو ته سَرند ۽ حبدار هو، جو سؤ رپيا توهان ڪي ڏنائين، پر گس ۾ ڊوڙي اچي پنجاهه رپيا مون ڪي به ڏئي ويو . هن سان هيءَ غريب ٿورو ئي ٻَر ميچي سگهندا. ان ڪان پوءِ وتايو يا ڄمار ڪنهن پير مرشد سان گڏ گُهمڻ نه ويو.

باب ڇهون

# وتايي جي نالي سان هليل وڏيڪ ڳالهيون

وتايو فقير هڪ عجيب انسان هو . اهڙو انسان ورلي پيدا ٿيندو آهي . هن ۾ تمام گهڻيون خوبيون هيون، پر سيني کان سندس وڏي خوبي هيءَ هئي جو هو ڪنهن جي به دل نه ڏکوئيندو هو . هميشه ماڻهن کي پيو کلائيندو هو. ماڻهن کي جهيڙي جهٽي کان روڪيندو هو ۽ ڏاڍو امن پسند انسان هو.
وتايو فقير ننڍي هوندي کان ئي اهڙيءَ طرح ڳالهائيندو هو، جو ماڻهو سمجهندا هئا ته هيءُ ته ڪو بنهه سادو ۽ پورو آهي، ائين نه هو. هو وڏو داناءُ ۽ درويش صفت انسان هو.
هي درويش لکڻ پڙهڻ کان سواءِ بيا به ڪيترا هنر ڄهڙوڪ درزي، واڍي، ڪوري ۽ موچيءَ جو ڪم به ڄاڻندو هو.

## 130. زهر ڪاڙو اٿر ته موت نٿو اچي!

ننڍپڻ ۾ وتايي کي ماٽس درزي وٽ ڪم سکڻ ڪاڻ ويهاريو . هڪڙي ڏينهن درزي رومال ۾ ڪا شيءِ ويڙهي اچي جاري تي رکي، وتايي کي چيو ته مون کي ڪو ڪم ڪار آهي، دير سان ايندس . هن جاري تي، هن رومال ۾ ويڙهيل زهر رکيل آهي. متان تون کڻين، نڪي ٻئي ڪنهن کي هٿ لائڻ ڏج.
درزي ويو هليو. وتايي اٿي رومال کوليو ته ماکيءَ سان ڀريل پيالو ويڙهيو پيو هو . هن کي خيال ٿيو ته درزي هيڏو سارو ڪوڙ ڇو ڳالهايو . ڪٽي چئي ها ته ابا، هن ۾ ماکي آهي، ڪنهن کي به نه ڏج، ته ڇا ٿي پوي ها. هاڻ استاد کي ڪو سبق سيکارجي . جيئن ڪوڙ هٽڻ جي ڳت ڇڏي ڏي، سو اتان اُٿيو رومال کڻي اچي بازار ۾ وڪيائين. جيڪي ڏوڪڙ مليس، انهن جي نانوائي کان ماني ورتي، اچي پيالي کي ٻرو ڏنائين . پوءِ ساڌ پاڪ بنجي ويهي رهيو . جڏهن درزي آيو ته اچڻ سان جاري تي نگاهه ڪيائين . وڏي اچي ڏسي ته خالي پيالو رکيو آهي. وتايي کان پڇيائين ته رومال ڪيڏانهن ويو؟ هن چيو آءٌ ڪم ۾ هوس ته ڪو چور لاهي کڻي ويو . پوءِ تو کيس ڇو نه جهيلو؟ اُتر ڏنائين، گهڻو ئي پنيان پيو سانس پر جهل نه ڏنائين ! اُمالڪ پڄي ويو. پوءِ توهان جي ڊپ کان اچي پيالي وارو زهر ٻي ڇڏيم ته استاد جي موچڙن کان اڳ موت اچيم ته چڱو . ڏاڍو ڏک اٿم ته توهين اچي ويا آهيو، پر اجا موت ڪونه آيو آهي! هن کان پوءِ درزي ڪوڙ ڳالهائڻ جي پچر ڇڏي ڏني.

## 131. اهو تنهنجو پاڇولو هو!

صبح سان هڪ ماڻهو وتايي کي اچي سڏ ڪيو. فقير چيو وينو آهيان، هليو اچ. اهو ماڻهو اندر ويو. فقير پڇيس ڏي خبر ڪيئن پنڌ پيو آهين؟ چيائين ته رات ڏاڍا سٽيا مال ڪائي سُتس. خواب ۾ شيطان ڏسڻ ۾ آيم. سوچيم ته توهان کان پڇان ته انهيءَ سُپني جو ويچاڻو ڇا آهي؟ وتايي پڇيس شيطان ڪهڙي شڪل ۾ توکي ڏسڻ ۾ آيو؟
چيائين ڊهه ٻڌهه گڏهه جهڙو هو. وتائي تعبير ٻڌائيندي چيس، ڪوبه ڊپ نه ڪر ! اهو تنهنجو پاڇولو هو. اهو ٻڌي هو ڦڪو ٿي هليو ويو.

## 132. گهوڙو چور کڻي ويا، سنج ڪير کڻي؟

هڪڙا ٻه ماڻهو وتايي وٽ آيا. هڪڙي چيو: درويش! اڄ تو وٽ هڪ نياءُ کڻي آيو آهيان. اسان جو نبيرو ڪر.
وتايي چيس: بيان ڪر.
هن چيو: هيءُ ٻيو ماڻهو، جيڪو مون سان گڏ آهي، سو منهنجو نوڪر آهي . مسافريءَ تي نڪتا هئاسين . هتان کان ڪوهه ٻن پنڌ تي گهوڙو ٿڪجي پيو ۽ انڌارو ٿي ويو . نوڪر کي چيم ته : گهوڙو بنهين نٿو چُري، سنج لاهي هٿ وڻ هيٺ ويهي ٿا وسرام ونون . صبح ٿائين گهوڙي جو ٿڪ ڀڄي پوندو، پوءِ اٿي روانا ٿينداسين . هن

چيو: نيڪ آهي. پوءِ سنج لاهي وچائي ويناسون . مون هن کي چيو تہ : تون سمهي پؤ، آءٌ گهوڙي جي نگهداري پيو ڪندس. هن چيو تہ: اهو ڪونہ ٿو جڳائي جو مالڪ پيو چوڪيداري ڪري ۽ نوڪر پيو ننڊون ڪري . توهان سمهي پؤ، آءٌ پيو جاڳندس . خير هي جاڳندو رهيو، آءٌ ليٽي پيس . ٿوري جهٽڪي ڪرڻ کان پوءِ هڪل ڪيم تہ : جاڳين پيو يا سُتو پيو آهين، ڇُڙڪ ورندي ڏنائين تہ جاڳان تہ پيو، پر هڪڙي مسئلي اچي منجهائي ڇڏيو اٿم . پڇيومانس تہ: اهو مسئلو ڪهڙو آهي؟ چيائين : ٻڌو اٿم تہ هي ڌرتي پاٽيءَ مٿان الله سائين بيهاري آهي . جي پاٽي مٿان بيٺل آهي تہ پوءِ ٻڏي چو نٿي؟ مون چيو تہ : انهن خفقانن کي ڇڏ، گهوڙي جو ڌيان ڪج . چيائين: توهان بي فڪر رهو . آءٌ وري چيلهہ سڌي ڪرڻ لڳس، پر ڪُنڪي ۾ ننڊ بہ نہ ٿي آيم . اڌ ننڊ تہ اڌ سجاڳي هيم . پهر ڪن کان پوءِ وري پڇيومانس تہ : هوشيار آهين، ڪي ننڊ نهوڙيئي؟ چيائين : سجاڳ آهيان، پر وري ٻيو معاملو مغز ۾ کُپ کوڙي وينو اٿم . چيومانس تہ: اهو وري ڇا آهي؟ چيائين : ري ٿنڀين آسمان بيٺو آهي، سو ڪري چو نٿو؟ چيومانس : الله کي مڃ ! ڇڏ انهيءَ پُوڪپائيءَ کي . گهوڙو نہ وڃائين. چيائين: گهوڙو اکين آڏو ٻڌو بيٺو آهي، سو ڪٿي ٿو وڃي. توهان بيپرواهہ رهو.

مون کي ٿيو ن پيرو جاڳ ٿي . هڪل ڪئيمانس. چيائين: بلڪل جاڳان پيو، پر هڪڙو نہ ٻيو سوداءُ نٿو ڇڏيم . مون پڇيس تہ: الائجي ڪهڙن پورن ۾ آهين؟ الله سائين شل خير ڪري ! چيائين تہ: ٻيو تہ ڪو پُور ڪونهي، اهو اُلڪو اٿم تہ الله سائين عادل انصاف پسند موليٰ مهربان آهي، پوءِ توکي مالڪ ۽ مون کي نوڪر چو بنايو اٿس؟ جي پاڻ ٻئي هڪجهڙا هجون ها تہ ڪهڙو گها ٿو پوي ها . ان تي مون کي ٻُجان آئي، سخت تنبيهہ ڪئيمانس. چيومانس تہ: پويون پهر آهي، وڏا دوڏا پٽي ويهہ ! اهي ترڪ تال ڇڏي ڏي . پوءِ آءٌ ڇڙ ۽ ڪاوڙ کان سمهي رهيس ۽ سج ايرڻ تي اک پٽيم . جان ڪٿي ڏسان تہ گهوڙو نهي ئي ڪونہ . وائڙو ٿي پڇيم تہ : اڙي گهوڙو ڪيڏانهن ويو؟ چيائين تہ: منهنجي بہ اوچتو اک لڳي وئي. گهوڙو شايد چور ڪاهي ويا. پر هاڻ سمجهان ٿو تہ خدا برابر انصاف ڪندڙ آهي، شايد منهنجي من جي منشا موجب اهو ڪم ٿيو آهي.

بس گهوڙي جي گم ٿيڻ تي منهنجا طاق لڳي ويا . پانئيان تہ هن کي ڪچو ئي ڪائي ڇڏيان، جنهن ڪوڙا انسنا دل ۾ رٿي گهوڙو چوڙايو آهي . هاڻ چيومانس: گهوڙو تہ ويو پر سنج کڻ تہ ڪنهن وسيءَ پيڙا ٿيون، ڪٿي هلي ڪا دانهن ڪوڪ ڏيون. من کو تدارڪ ٿئي. سنجن کڻڻ کان نابري واريو وينو آهي. پريان هِن ڳوٺڙي کي ڏنوسون. چيومانس تہ: هل تہ هلي ڪنهن ڏاهي کان آچار ڪرايون . تون نوڪر ٿي سنج چو نٿو کڻين . چيائين تہ: هلو. پوءِ هت آيا آهيون . ماڻهن چيو تہ : هت وتايو داناءُ ٿو رهي . ان کان وڃي فيصلو ڪرايو . تڏهن تو وٽ آيا آهيون.

وتايي چيو: مون سربستي ڳالهہ سمجهي . نوڪر کي تڏهن پُور ٿي پيا، جو تو هن کي پورو پگهار نہ ڏنو آهي، هينئر بہ پگهار جا پئسا ڏينس تہ بلاشڪ سنج کڻي هلندو . مالڪ چيو تہ: اجهي سندس مهيني جي پگهار جا رپيا. توهين وٺي ڏيوس ۽ چئوس تہ هلي سنج کڻي.

وتايي نوڪر کي رپيا ڏنا ۽ چيائينس تہ : ابا! پنهنجي مالڪ سان گڏجي وڃي سنج کڻي اچ ! هُن چيو مون سنج کڻڻ کان انڪار بہ انهيءَ ڪري ڪيو هو جو پگهار نٿي ڏنائين . هاڻ وڃان ٿو . ٿوري دير کان پوءِ ٻئي موٽي وتايي وٽ آيا . چيائون: سائين سنج بہ اتان ڪو کڻي ويو آهي . وتايي چيو تہ : مون سوچيو تہ اوهين جو ضد ڪري آيا آهيو، سو پويان سَٽائي ٿي ويئي هوندي . تڏهن تہ نوڪر کي پگهار ڏياريم. جو سنجن کڻڻ جي آسري تي توهان ڏني هيس، پر جي سنج نہ ڏسو ها تہ پگهار هرگز نہ ڏيوس ها . هاڻي گهوڙي ۽ سنجن جون پچائون ڪندا وڃي ڳوٺ رسو.

## 133. ٺهيو ٺڪر نيٺ تہ پڇڻو آهي!

فقير کي ڪنهن ڪنڀار ٺڪر جا ٿانءَ کُنو، دکي، جمني، ٿيي، پاٽ، پاٽوڙو، ڪونڊي، طباق، سٺڪ، پيالا، دانگي ۽ ٻيا ڪجهہ دلا، کُپا ۽ هڪ مٽ ڏنو ۽ چيو تہ فقير هيءَ خدا ڪارڻ ٻارهن مهينن لاءِ ٿانءَ اٿئي، جي سڀئي گهر ۾ ڪم ايندءِ . مون کي دعا ڪج ! فقير چيو تہ ايترا ٿانءَ مون کان تہ ڪونہ کڄندا . ڪنڀار اهي ٿانءَ ٽنگڙ ۾ وجهي پنهنجيءَ گڏهہ تي ٽنگڙ رکي ڏنس، چيائينس تہ ٿانءَ گهر ڇڏي پوءِ ٽنگڙ ۽ گڏهہ مون کي موٽائي ڏئي

وجج. فقير جيئن گڏھ تي ٿانءَ ڪنيو پئي آيو تہ ماڻھو متس چٿرون ڪرڻ لڳا . ڪو چوي تہ فقير ڪنڀار ٿيو آھين ڇا؟ ڪو چوي فقير ڪنڀارن وٽن نوڪر وڃي بيٺو آھين فقير چيو ڪنڀار بہ انسان آھن، نوڪر بہ انسان بيھندا آھن. مون کي تہ الله جي واٽ ۾ ٿانءَ مليا آھن، جي ٻئي ڪنھن کان ڪٺايان ٿو تہ مزوري پرڻي پوندي، سو ڏوڪڙ ڪين اٿم، پنھنجو ڪم پاڻ ٿو ڪريان . ھڪڙي چيو تہ فقير، پيالو پَٽ تي ڪِري پڇي پيو ا ٿئي. تو ان جي خبر ڪانہ لڌي! فقير چيو ويئي جو ارمان ڪرڻ اجايو آھي. جيڪي بچيا، گھر تائين پھتا، سي ئي منھنجا ٿيندا. گھڙيو نڪر آخر ڀڄڻو آھي.

## 134. شرم ڪان پيتيءَ ۾ لڪو آھيان!

ھڪڙيءَ رات وتايي جي گھر ۾ چور آيا . چورن جي اچڻ جو ڏڪو سٽي، فقير ھڪ پراڻي ڪاٺ جي پيتيءَ ۾ وڃي لڪو. چورن سڄو گھر اُھاڙيو پر ڪجھ بہ ڪونہ ھٿ آين . ھڪ چور پيتي اٿلائي تہ ڳوري لڳس، جان ڪٽي مٿيون ڍڪ ڪٽي تہ وتايو اندر وينو آھي . چور چيس ڪلا ڏٺا! لڪي وينو آھين، تہ متان چور سچي ڪرائينم يا ماري نہ وجھنم؟ وتايي چيو انھيءَ ڪان ڪونہ لڪو آھيان، البت شرم ڪان اچي پاڻ کي بند ڪيو اٿم تہ سڄو گھر ڦولھڻ ڪان پوءِ، چور چوندا تہ بنھين ڪو سُڃو آھين، ناحق ھن گھر ۾ آياسين ۽ پوءِ وڃي نلائي ڪندا تہ وتايي جي گھر ۾ پينگ پئي واڪا ڪري. سو انھيءَ لڄ ڪان لڪي وينو آھيان. چور ڏاڍا شرمندا ٿيا.

## 135. دلبي ۽ دولاب سان منھنجي ڪان پوي!

ڪنہ ن ماڻھوءَ وتايي فقير کي ھڪڙو گڏھ الله ڪارڻ ڏنو ھو . فقير گڏھ ڪاھي گھر آيو. ٿورا گھٽا ڏينھن گذريا تہ فقير جي ٽوڻ کُٽي پئي. ماڻس چيس تہ اھو گڏھ شھر ۾ وڪڻي سيڌو پاڌو وٺي اچ. وتايو گڏھ ڪاھي شھر ۾ آيو. ھوڪا ڏيڻ لڳو تہ ڪو مون کان ھي گڏھ خريد ڪري!

ماڻھن چيس تہ ائين ھلي ھلي چڙھ نڪري ويندءِ . گڏھ پڙيءَ تي ڪاھي وڃي دلال جي حوالي ڪر تہ اھو ان گھڙيءَ ۾ وڪڻي ڏيندءِ . "سچي ٿي چئين ." ائين چئي گڏھ پڙيءَ تي اچي دلال کي ڏنائين . چيائينس تہ ھي وڪڻائي ڏنيم. دلال چيو تہ ھينئر وقت پورو ٿي ويو آھي . سڀاڻي ساجھر اچج تہ ٻولي لڳا رائيندس. وتايي ٻئي ڏينھن دلال کي گڏھ ڏنو.

دلال وڏي واڪي چوڻ لڳو تہ ٻولي لڳايو، ھي گڏھ خراساني آھي، ھن جي ماءُ يزداني ھئي، ھن جو پيءُ برفاني ھو. تمام اصيل گڏھ آھي. ٽيھ چاليھ مڻ ڪٽي ٻوڙون پاڻ ۾ ڪمال ٿو ڪري . ھن گڏھ کي جاٽو، ماڻھوءَ کان سواءِ ٻيو ڪو خرچ ڪري نہ سگھندو . چو تہ وتايي وٽ ٿو رھي . وتايو پاڻ بہ اناج لاءِ سڪندو ٿو وتي، سو گڏھ کي ڪتي ٿو داڻو ڪارائي سگھي. آءُ اوھان کي پڪ ٿو ڏيان تہ ٻہ مھينا ھن جي دل جان سان چاڪري ڪريو، پوءِ ڪانئس ڪم ونو. جيڪي چيو اٿم، ان ۾ ذرو بہ ڦيرو ڏسو تہ پنھنجا پئسا واپس وٺي وڃجو، پر ھيٺو مون تي ڏنڊ رکجو. آھي ڪو واڪ ڏيڻ وارو؟ آھي ڪو ٻولي لڳائڻ وارو؟ اھڙا گفتا ٻڌي وتايي فقير دلال کي ڪن ۾ چيو تہ جي واقعي اھڙي سوڪڙيءَ جھڙو گڏھ آھي تہ نہ وڪڻانس، وڃي گھر ٻيھاري ڪارايانس؟ دلال آھستي چيس تہ اھي حرف رڳو ماڻھن کي ڦاسائڻ لاءِ ٿو ٻوليان . اڄڪلھ دلبي ۽ دولاب کان سواءِ ڪٿي ٿو دنيا جو ڪارخانو ھلي! تون ماٺ ڪري بيٺو رھ . ٿوري دير ڪان پوءِ جھول ٽڪن جي پري وج ۽ مون کي پنھنجي دلاليءَ جو چوٿون حصو ڏج!

وتايي چيو تہ دلبر ۽ دولاب سان منھنجي ڪان پوي ! مون کي گڏھ الله واٽ مليو آھي، سو وڃيو ٿو الله جي جھنگ ۾ ڇڏيانس، جڏھن چَري چَري متارو ٿيندو، تڏھن اچي وڪڻندوسانس.

## 136. فقير جي جيئري جاڳندي ڪرامت!

چون ٿا ھڪ ڏينھن وتايو فقير پنھنجي گھر اڳھاڻيءَ ۾ وينو ھو، تہ ھڪ عورت روئندي وٽس آئي . چيائين فقير پنجون سال ٿيو آھي، منھنجي مڙس کي گھر مان نڪتي . سندس ڪا ڪَل ڪان ھي، ڪٿي آھي ڇا پيو

ڪري، جيئرو آهي يا مري ويو؟ ٻارڙا ابهم ڇڏي ويو آهي، پويان جي سار نہ لڌي اٿس . آءٌ تہ جند ڪڍي ڪڍي مري وئي آهيان . خدا جي واسطي ڪتان بہ مڙس مون کي ڳولي هٿ ڪري ڏيار تہ آسائتي ٿيان . آءٌ تو وٽ پنهنجي دُعا ونڻ ۽ پنهنجو حق حاصل ڪرڻ لاءِ آئي آهيان، الله ڪان پني بہ منهنجي مدعا پوري ڪر . فقير مائيءَ جي منهن ۾ ڇتائي ڏنو، جيڪا لڙڪ اُگهي رهي هئي، پوءِ پنهنجي سامهون وينل ڪُتي کي حڪم ڏنائين، تہ جنبورا، اُٿي وڃي هن مائيءَ جي مڙس کي ڳولي اچ . ڪتو اٿي هليو ويو . مائي وٽس ويني رهي . پهر ڏيڍ ڪان پوءِ ڪتو اچي فقير اڳيان پڇ لوڏڻ لڳو . فقير مائيءَ کي چيو تہ مائي، اٿي الهندي طرف گهاٽن ڪرڙن ۾ وڃي ڏسي تہ بروبر مڙس هيڏانهن هوڏانهن پيو ڊوڙي ۽ ليئا پائي . زال مڙس کي چيو اٿي ڇا پيو ڪرين؟ مڙس چيو تہ تون هت ڪيئن آئي آهين؟ زال چيو تون پنهنجو قصد اول سڻاءِ تہ پوءِ آءٌ توکي پنهنجو ا ڇڻ ٻڌائيندس. مڙس چيو تہ آءٌ نٽي شهر ۾ آهيان . پلو وني آيو هوس، تنهن کي اگڻ ۾ رکي اندران لوڻ ڪڻڻ ويس تہ هڪڙو جنبورو ڪتو آيو، جو پلو ڪٽي وني ڀڳو . آءٌ پنيان پيو سانس تہ هِنن ڪرڙن ۾ اچي گم ٿي ويو آهي . ڪتو ۽ پلو ٻئي ڪونہ ٿا لين. تون پنهنجي خبر ڪر. زال ڪلي چيو تہ هيءُ نٽو ڪونهي، هي اگهاماٽيءَ جا ڪِرڙ آهن . مون وتايي فقير کي منٿ ڪئي، جنهن پنهنجي جنبوري ڪتي کي حڪم ڪيو، جو توکي هتي وٺيو آيو آهي . پهرين هل تہ اهو ڪتو ڏيکاريانءَ پوءِ مون سان گڏجي گهر هل . پنج سال مون تنهنجو اوسيئڙو ڪيو تہ نہ ماٺهو منجئي نہ ڪو حال احوال. ٿون عيالدار ائين منهن موڙي وڃي ويهي رهئين؟ ڪو ٻچن جو بہ دل ۾ خيال ڪو قياس ڪونہ پيئي؟ هو منجهي پيو، چيائين چرچو ڇڏ، سچي ڳالهہ سڻاءِ! هن چيو تہ سچ ۽ ڪوڙ جي سُڌ مون سان گڏجي هل تہ پاڻهي پوندءِ! مڙس زال سان هيڪاندو ٿي هليو . زال سڌو وتايي جي آستان تي آئي . اُتي هُن جي مڙس وينل ڪتي کي سڃاتو. چيائين تہ پڪ اهوئي ڪتو هو، جيڪو پَلو ڪٽي ڀڳو هو . پوءِ وتايي کي بہ سڃاتائين . پر اها خاطري نہ ٿيس تہ ڪو آءٌ جهٽ پٽ ۾ اگهاماٽي ۾ پهچي ويو آهيان، پوءِ زال سان گڏجي گهر آيو تہ سندس ٻچا پڻ ابا ابا ڪري اچي چنبڙيس، پر اهو سمورو لقاءَ ہ و جادوءَ يا خواب وانگر ڏسندو رهيو. جڏهن هفتو بہ گذريو تہ پوءِ ڄاتائين تہ فقير پنهنجي ڪرامت سان مون کي وطن واري آندو آهي . اها ڪرامت اهڙي مشهور ٿي، جو ماڻهو وتايي جي ڪڍ ڪاهجي پيا ۽ فقير اگهاماٽي ۾ رهڻ تان ئي هٿ ڪڻي ڇڏيو.